ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) خميس 30 جولاءِ 2026ع 15 صفرالمظفر 1448هہ صفحا 06 - ملهہ 30 وپيہ شمارو (344)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Thursday 30th July 2026
سال (18) خميس 30 جولاءِ 2026ع 15 صفرالمظفر 1448هہ صفحا 06 - ملهہ 30 وپيہ شمارو (307)
Daily Ibrat Karachi

ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان ۾ ڪارروائيون، فتنہ الخوارج ۽ فتنہ الهندستان سان لاڳاپيل 32 دهشتگرد مارجي ويا

ضلعي خيبر ۾ ڪارروائين دوران سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي مختلف ٺڪاڻن کي اثرائتي انداز ۾ نشانو بڻايو. ڪارروائي ۾ فتنہ الخوارج سان تعلق رکندڙ 24 دهشتگرد مارجي ويا

بلوچستان جي ضلعي نوشڪي ۾ ڳجهي اطلاع جي بنياد تي ڪيترائي آپريشنز ڪيا ويا، جتي چٽي ويڙهہ ڪانپوءِ فتنہ الهندستان سان تعلق رکندڙ 8 دهشتگردن کي ماريو ويو

ڪارروائين دوران دهشتگردن جي استعمال هيٺ هٿيار، گولہ بارود ۽ بناوتي ڌماڪيدار مادو پڻ هٿ ڪري تباهہ ڪيو ويو، علائقي ۾ موجود دهشتگرد جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري

قومي ايڪشن پلان تحت پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي بنا فرق دهشتگرديءَ خلاف مهم پوري شدت سان جاري رهندي: آءِ ايس پي آر

وفاقي ايپيڪس ڪميٽي جي منظوريءَ سان شروع ڪيل ويزن عزم استحڪام تحت ملڪ مان پرڏيهي سرپرستي واري دهشتگرديءَ جي ناسُور جو مڪمل خاتمو ڪيو ويندو

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ ڪارروائيون ڪندي فتنہ الخوارج ۽ فتنہ الهندستان سان تعلق رکندڙ 32 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو. اربع ڏينهن آءِ ايس پي آر پاران جاري بيان موجب پارٽي سرپرستيءَ ۾ سرگرم فتنہ الخوارج ۽ فتنہ الهندستان جي دهشتگرد نيٽ ورڪ خلاف سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائين جي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

آمريڪي سيڙپڪارن کي سنڌ ۾ ڊگهي عرصي واري ڀائيواري جي دعوت، ڪاروبار دوست ماحول جي خاطري

سنڌ ۾ مضبوط صنعتي بنياد، ججهہ قدرتي وسيلا ۽ انرجي، ٽيڪنالاجي، انفراسٽرڪچر، هيلٿ ڪيئر، ٽوورزم، زراعت ۽ لاجسٽڪس ۾ سيڙپڪاريءَ جا وڏا موقعا آهن: وڏو وزير

سنڌ پاڪستان جي جي ڊي پي ۾ 25 سيڪڙو حصو وجهي ٿي، ملڪ جا سڀ کان وڏا تجارتي ۽ صنعتي مرڪز هتي آهن، صوبو علائقائي ۽ بين الاقوامي مارڪيٽن لاءِ قدرتي گيٽ وي آهي

مان توهان کي موقعن جي جائزي وٺڻ، ڀائيواري قائم ڪرڻ ۽ سيڙپڪاري جي منصوبن کي لاڳو ڪرڻ ۾ سنڌ حڪومت جي مڪمل مدد ۽ سهولت جي خاطري ڏيان ٿو

آمريڪي ڪاروباري وفد جي ميمبرن سيڙپڪاريءَ جي فروغ لاءِ سنڌ حڪومت جي سرگرم انداز عمل کي ساراهيو ۽ ڪيترن ئي شعبن ۾ موقعا ڳولڻ ۾ سخت دلچسپي جو اظهار ڪيو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ اربع تي آمريڪي سيڙپڪارن کي سنڌ جي معاشي تبديليءَ ۾ طويل المدتي پائيدار ڀائيوار بڻجڻ جي دعوت ڏني، کين مضبوط سرڪاري مدد، پاليسي جي تسلسل ۽ بين الاقوامي طور تي مڃيل پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ فريم ورڪ جي پٺڀرائي سان گڏ هڪ شفاف، قابل اڳڪٿي ۽ ڪاروبار دوست ماحول جي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ آمريڪا جي واپارين ۽ سيڙپڪارن جي وفد کي سنڌ ۾ سيڙپڪاري جي موقعن بابت بريفنگ ڏئي رهيو آهي

بارڪان ۾ شهادت ماڻيندڙ ڊي ايس پي مريد بگٽي جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي

پوليس جي چست جٿي سلامي پيش ڪري شهيد کي سرڪاري اعزاز سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

شهيد جي قربانيءَ کي پوليس فورس ۽ قوم هميشہ قدر جي نگاهہ سان ياد رکندي: عملدار

ڪوئيٽا (اي پي پي) بارڪان ۾ شهادت ماڻيندڙ ڊي ايس پي مريد بگٽي جي جنازي نماز عيدگاهہ بارڪان ۾ سرڪاري اعزاز سان

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير پاران شهيد ڊي ايس پي مريد بگٽي کي خراج عقيدت پيش

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ هڪ هزار رپيا في تولو جي گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ ڪويت خطي ۾ امن، استحڪام ۽ خوشحاليءَ لاءِ گڏيل ويزن رکن ٿا: فيلڊ مارشل

جي ايڇ ڪيو ۾ چيف آف آرمي اسٽاف سيد عاصم منير سان ڪويت جي پرڏيهي ۽ سفير ملاقات ڪئي

خطي جي سيڪيورٽي جي صورتحال ۽ ٻہ طرفي سهڪار وڌيڪ مضبوط بڻائڻ بابت ڳالهيون ڪيون ويون

ملاقات ۾ علائقائي امن ۽ استحڪام کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پاڪستان تعميري ڪردار کي ساراهيو ويو

راولپنڊي (اي پي پي) چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ڪويت سان پاڪستان جي مضبوط ناتن جي عزم جو ورجاءُ ڪندي ان ڳالهہ تي زور ڀريو آهي تہ ٻئي ملڪن خطي ۾ امن، استحڪام ۽ خوشحاليءَ لاءِ گڏيل ويزن رکن ٿا. اربع ڏينهن آءِ ايس پي آر مان جاري بيان موجب

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

گڏيل قومن پاران اولهندي ڪناري ۾ اسرائيلي آبادڪارن جي تشدد جي مذمت

عبادت گاهن تي حملا نهايت سنگين ۽ ناقابل قبول آهن صورتحال وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿي: سيڪريٽري جنرل

گڏيل قومن (اي پي پي) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش والاريل اولهندي ڪناري ۾ اسرائيلي آبادڪارن

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم ۽ پنجاب جي وزيراعليٰ فارم 47 تي اقتدار ۾ آيا، چوري ٿيل هر سيٽ واپس وٺنداسين: بلاول

ن ليگ ڌانڌلي جي پيداوار آهي ۽ اهي ماڻهو ڌانڌلي ڪانسواءِ هڪ بہ اليڪشن کٽي ناهن سگهيا

پيپلز پارٽي جو مقابلو ڪا بہ سياسي پارٽي نٿي ڪري سگهي ۽ عوام اسانجي پارٽي سان گڏ آهي

عوام نااهل حڪومت کان بيزار ٿي چڪو آهي ۽ تبديلي چاهي ٿو، 2 آگسٽ تي تير جي سوپ يقيني آهي

لاهور (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي تہ پيپلز پارٽي جو مقابلو اهڙي جماعت سان آهي جيڪا ڌانڌلي جي پيداوار آهي ۽ اهي ماڻهو ڌانڌلي ڪانسواءِ هڪ بہ اليڪشن

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

دهشتگرديءَ جي خاتمي تائين پوري قوم سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي: اياز صادق

قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر پاران 32 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون ملڪ جي امن، سلامتي ۽ استحڪام جي ضمانت آهن

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبليءَ

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

دهشتگرديءَ خلاف هر ڪامياب ڪارروائي قوم جي اعتماد جي عڪاسي آهي: حنيف عباسي

سيڪيورٽي فورسز جي پيشہ ورانہ مهارت ۽ وقت سر ڪارروائي انتهائي تعريف جوڳي آهي

پاڪستان جي امن تي حملو ڪندڙ ڌرين کي هر محاذ تي عبرتناڪ شڪست ڏني ويندي

اسلام آباد (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال تقريب کي خطاب ڪندي

مسلم ليگ (ن) 2024ع ۾ خيراتي مينڊيٽ ۽ ڌانڌلي ذريعي پنجاب ۾ حڪومت ۾ آئي: شرجيل ميمڻ

پاڪستان جو ٻچو ٻچو ڄاڻي ٿو تہ مسلم ليگ (ن) جعلي طريقي سان حڪومت ۾ آئي ۽ هاڻي ساڳئي نموني ڪشمير ۾ بہ حڪومت ٺاهڻ چاهي ٿي

جن ڪن ۾ ڌانڌلي جي نشاندهي ڪئي وئي آهي، انهي بيهر چونڊون ڪرايون وڃن، خاص طور چوڌري ياسين جي ٽڪ ۾ بيهر چونڊ ٿيڻ گهرجي

خواجہ سعد رفيق شهيدن خلاف ڳالهايو، خواجہ آصف ڪشميرين جي ٺوهين ۽ تذليل ڪئي پر اڄ سندس جماعت جا عمل عوام جي سامهون آهن

سنڌ ۾ صحت جي شعبي ۾ سڀ کان بهتر ڪم ٿيو آهي جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪم نہ ٿيو آهي تہ پوءِ سڄي پاڪستان مان ماڻهو روزگار ۽ علاج لاءِ ڪراچي ڇو اچن ٿا؟

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ مسلم ليگ (ن) 2024ع ۾ خيراتي مينڊيٽ ۽ ڌانڌلي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۽ بلوچستان پوليس ۾ امن امان لاءِ گڏيل حڪمت عملي تي اتفاق

ڏوهاري عنصرن جي نگراني، داخلا ۽ خارجي رستن تي ڪئميرا سسٽم وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

سنڌ پوليس پاران بلوچستان پوليس کي تربيت ۽ ٽيڪنيڪل سهڪار جي خاطري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ۽ بلوچستان پوليس باهمي تعاون انٽيليجنس شيئرنگ ۽ صلاحيت وڌائڻ تي متفق آهن سنڌ ۽

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

وسيم اڪرم جو پالتو ڪتو گم، ڳولهيندڙ لاءِ اڍائي لک انعام جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اڳوڻي قومي ڪرڪيٽ ڪيپٽن وسيم اڪرم جو قيمتي پالتو ڪتو درخشان واري علائقي مان گم،

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

جديد ٽيڪنالوجيءَ جي استعمال سان عوام کي بهتر ۽ معياري خدمتن جي فراهمي يقيني بڻائينداسين: ناصر شاهہ

سنڌ حڪومت پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو جي "ترقي يافتہ پاڪستان" واري ويزن مطابق ادارن ۾ جديد ٽيڪنالوجيءَ جو استعمال ڪري رهي آهي

صوبائي وزير اداري جي آفيسرن ۽ ملازمن لاءِ حج جي قرعہ اندازيءَ ۾ شرڪت ڪئي ۽ ڪامياب ٿيندڙ ملازمن کي مبارڪباد پيش ڪئي

سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهہ سنڌ ماسٽر پلان اٿارٽيءَ ۾ متعارف ڪرايل جديد جي آءِ ايس جو افتتاح ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهہ سنڌ ماسٽر پلان اٿارٽيءَ جو دورو ڪيو جتي هن اداري ۾ متعارف ڪرايل جديد جي آءِ ايس جو باقاعده افتتاح ڪيو سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهہ کي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ملتان: هڪ لاڏاڻو ڪٽنب چنگچي رڪشا تي سفر ڪري رهيو آهي

وڏي وزير جو 32 دهشتگردن جي خاتمي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج

دهشتگردن جو نالو ۽ نشان ختم ڪرڻ لاءِ سيڪيورٽي فورسز پرعزم آهن: وڏي وزير

امن امان جي قيام لاءِ فورسز جون خدمتون ۽ قربانيون ناقابل فراموش آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

آءِ جي سنڌ جو ريسڪيو 1122 جي هيڊ ڪوارٽر ۽ ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر جو دورو

جاويد عالم اوڍو کي سلامي پيش، مختلف ريسڪيو سامان ۽ گاڏين بابت تفصيلي بريفنگ

سنڌ پوليس ۽ ريسڪيو 1122 ڪنهن بہ هنگامي صورتحال ۾ واقعن تي گڏجي ڪم ڪن ٿا: آءِ جي سنڌ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ريسڪيو 1122 جي هيڊ ڪوارٽر ۽ ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر جو دورو

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ پوليس جاويد عالم اوڍو کي ريسڪيو هيڊ ڪوارٽر ۾ ڪم جي حوالي سان بريفنگ ڏني پئي وڃي

اسلام آباد: ڪويت جو پرڏيهي وزير جراح جابر الاحمد الصباح وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري رهيو آهي

پ پ ڌانڌليءَ جا الزام لڳائي شڪست لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي آهي: طارق فضل

آزاد ڪشمير جي چونڊن ۾ ڌانڌلي جو ثبوت آهي تہ لاڳاپيل قانوني ۽ چونڊ فورمز تي پيش ڪري

بي بنياد الزامن سان عوام جي فيصلي کي تڪراري نٿو بڻائي سگهجي: وفاقي وزير

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي تہ پيپلز پارٽي وٽ آزاد ڪشمير

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

چيني ڪمپنين جي سيڙپڪاريءَ سان پاڪستان ۾ خوشحاليءَ کي هٿي ملي پئي: گيلاني

تاباني گروپ ۽ شينڊونگ هاءِ اسپيڊ گروپ ڪمپني) جي اعليٰ سطحي وفد ملاقات ڪئي

سي پيڪ ٻنهي ملڪن وچ ۾ اسٽريٽجڪ ڀائيواريءَ جو هڪ تاريخي منصوبو آهي: ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني سان پارليامينٽ هائوس ۾ تاباني گروپ ۽ عوامي جمهوريہ

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي ترقيءَ ۾ سڀ کان وڏي رنڊڪ پاليسين جو عدم تسلسل آهي، احسن اقبال

حڪومت سماجي ۽ اقتصادي چئلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ جامع حڪمت عملي تي عمل ڪري پئي

منصوبن جي ڪاميابيءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 10 کان 15 سالن تائين پاليسين جو تسلسل ضروري آهي

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي، سڌارن ۽ خاص قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي تہ پاڪستان

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

نوجوانن کي معياري تعليم ۽ جديد مهارتن جا موقعا ڏيڻ جي ضرورت آهي: فيصل ڪريم ڪنڊي

انهن جي صلاحيتن کي استعمال ڪري ملڪ جي پائيدار ترقي جي خوشحالي جو بنياد رکي سگهجي ٿو

سماجي خدمتن ۽ ڪميونٽي ترقي لاءِ يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام جون ڪوششون واکاڻ جوڳيون آهن

اسلام آباد (اي پي پي) خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي تہ پاڪستان جي نوجوان آبادي ملڪ جو

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: قانون واري وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ سان آذربائيجان جو سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪي اليڪٽرڪ جي سهڪار سان ٿر ڪوئلي جي پيداوار ٻيڻي ڪرڻ جو منصوبو

ٿر ڪول بلاڪ-1 جي ساليانو پيداوار 7.8 مليين ٽن مان وڌائي 15.6 مليين ٽن ڪئي ويندي

مقامي توانائي وسيلن جي استعمال مان سستي بجلي، توانائي تحفظ ۽ پرڏيهي ناڻي تي دٻاءُ گهٽ ڪرڻ ۾ مدد ملندي: ڪي اليڪٽرڪ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪي اليڪٽرڪ جي سهڪار سان ٿر ڪول بلاڪ-1 جي ڪوئلي جي ساليانو پيداواري صلاحيت 7.8 مليين

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

بن قاسم پيري ۾ مبينا زهريلي شيءِ واپرائڻ سبب 25 ورهين جو نوجوان فوت

شاهہ ٽائون پرسان واقعي بعد فوتي نوجوان ڪبير علي جو لاش جناح اسپتال منتقل

وارثن ۽ علائقي واسين پاران واقعي جي شفاف جاچ جو مطالبو ڪارروائي بعد لاش حوالي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بن قاسم پيري جي علائقي شاهہ ٽائون ۾ ڳاڙهي عمارت پرسان مبينا طور زهريلي شيءِ واپرائڻ سبب هڪ

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 4 ڄڻا فوت

گلستان جوهر بلاڪ 2 ويجهو ڪيترائي ڏينهن پراڻو رضا علي جو ٽرسري جهنگ مان لاش مليو

پورٽ قاسم ٽويوٽا شوروم جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار افتخار ولد محبوب فوت

منوڙا هماليا روڊ جي ويجهو حادثي ۾ شارون ولد رياض ۽ سائٽ سپر هاءِ وي تي حادثي ۾ نامعلوم شخص فوت ٿيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ لاش ملڻ سميت 4 ڄڻا فوت ٿي ويا. گلستان جوهر ٿاڻي جي حد گلستان جوهر بلاڪ 2 شادي قلعا گرائونڊ جي ويجهو ڪيترائي ڏينهن پراڻو ٽرسري جي جهنگ مان لاش مليو. پوليس موجب لاش جي سڃاڻپ رضا علي ولد مير حسين جي نالي سان ٿي آهي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

نالي وارو ڪاميڊي اداڪار ۽ موسيقار خالد نظامي لاڏاڻو ڪري ويو

هن پي ٽي وي جي ڊرامن "انڪل"، "عرفي انڪهي" ۽ "شهزوري" مان شهرت حاصل ڪئي

اداڪاري، موسيقي، ٿيٽر ۽ ريڊيو جي دنيا ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ خالد نظامي 8 سازن تي مهارت رکندڙ هو

موسيقي ترتيب ڏنل گيت "تو سنگ نيا لاڳي" مقبول ٿيو ڀارت سميت مختلف ملڪن ۾ فنڪارن سان گڏ پرفارم پڻ ڪيو

ڪراچي (ڪلچرل رپورٽر) نالي وارو ڪاميڊي ايڪٽر ۽ موسيقار خالد نظامي لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم گهڻي عرصي کان بيمار هو خالد نظامي 1963 ۾ فن اداڪاري ۽ موسيقي جي دنيا ۾ قدم رکيو هن 1970 ۾ ڪاميڊي اداڪار طور پي ٽي وي جي ڊرامن جي سان آغاز ڪيو سندس مشهور پي ٽي وي ڊرامن ۾ انڪل عرفي انڪهي ۽ شهزوري شامل آهن هن ٿيٽر اسٽيج ۽ ريڊيو تي بہ ڪم ڪيو خالد نظامي اسٽينڊ اپ ڪاميڊي بہ ڪئي هن ملڪ کان

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڊيزل اگهن ۾ واڌ خلاف گڊز ٽرانسپورٽرز جو احتجاج جو اعلان

پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ الائنس جو هنگامي اجلاس، ڊيزل 65 رپيا مهانگو ٿيڻ تي ڳڻتي

پيٽروليم شين جا اگهہ گهٽائي ٽرانسپورٽرز کي رليف فراهم ڪيو وڃي: ملڪ شهزاد اعوان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ الائنس جي صدر ملڪ شهزاد اعوان جي سربراهي ۾ پيٽروليم شين جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي مان چوري ۽ ڦر ٿيل 24 گاڏيون بلوچستان مان هٿ

ڪراچي ۽ بلوچستان پوليس جي گڏيل ڪارروائي، چوري ٿيل گاڏيون هٿ ڪيون ويون

[illegible] ۽ جوابدارن خلاف گڏيل ڪاروائين جو نظام وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو: خالد مصطفيٰ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پوليس ۽ بلوچستان پوليس جي گڏيل سهڪار سان ڪراچي مان چوري ۽ ڦر ٿيل 24 گاڏيون

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پريا ڪماري گمشدگي ڪيس تي ٻيهر جاچ شروع، آءِ جي سنڌ جو اڳڀرائيءَ جو جائزو

جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ اجلاس، گم ٿيل ٻارن ۽ انساني حقن بابت ڪيسن تي غور

ايس ايس پي سکر پاران پريا ڪماري ڪيس لاءِ نئين جي آءِ ٽي ذريعي جاچ جاري هجڻ بابت بريفنگ

غفلت ڪندڙ اهلڪارن خلاف سخت ڪارروائي جو چتاءُ، گم ٿيل ٻارن جي بازيابي پوليس جي ترجيح قرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ پريا

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ فتنہ الهندستان جي دهشتگردن کي ڪٿي بہ لڪڻ جي جاءِ نہ ملندي: گهرو وزير

ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان ۾ امن جي قيام لاءِ سيڪيورٽي فورسز جون ڪاميابيون فخر جوڳيون آهن

سيڪيورٽي فورسز 32 دهشتگردن کي عبرتناڪ انجام تائين پهچائي سندن ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو آهي

فتنہ الهندستان جي ان ناسور جي مڪمل خاتمي لاءِ پوري قوم سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي ڪي پي ڪي ۽

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ٽرمپ ۽ نيتن ياهو پاران ايران جي ناڪابندي جاري رکڻ ۽ معاشي دٻاءُ وڌائڻ تي غور

آمريڪي صدر سان ٿيل ملاقات ۾ ڪيترن ئي اهم معاملن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي: اسرائيلي وزيراعظم

ٻنهي ملڪن جو گڏيل مقصد ايران کي ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ کان روڪڻ آهي

ملاقات ۾ ڌرين ان ڳالهہ تي اتفاق ڪيو آهي تہ ايران کي ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ نہ ڏنا ويندا

واشنگٽن (م ڊ) اسرائيلي وزيراعظم بنيامين نيتن ياهو آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سان ٿيل پنهنجي ملاقات کي ساراهيندي چيو آهي تہ ٻنهي ملڪن جو گڏيل مقصد ايران کي ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ کان روڪڻ

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

آمريڪي ايئر لائينز جون اڏامون آءِ ٽي جي خرابي سبب عارضي طور معطل، آپريشن بحال

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي هوائي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب جي پرڏيهي وزير پاران نار وارن هم منصبن سان رابطا، علائقائي ڇڪتاڻ بابت ڳالهيون

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

جاپان جي صوبي ڪماموٽو ۾ 7.1 جي شدت جي زلزلي سبب فوتگين جو انگ 13 ٿي ويو

ٽوڪيو (اي پي پي) جاپان جي صوبي ڪماموٽو ۾ آيل 7.1 جي شدت جي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

آصفہ ڀٽو کي جي پي ايم سي ۾ اسٽروڪ سينٽر قائم ڪرڻ بابت بريفنگ

ڊاڪٽر سيد فضل زيدي ۽ پيشنٽ ايڊ فائونڊيشن جي چيئرمين مشتاق ڇاپرا بريفنگ ڏني

صوبي ۾ روزانو اندازن 500 اسٽروڪ جا ڪيس رپورٽ ٿين ٿا، سينٽر ضروري آهي

اسٽروڪ جي علاج جون جديد سهولتون وڌائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي: آصفہ ڀٽو زرداري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان جي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: خاتون اول آصفہ ڀٽو زرداري کي جناح اسپتال ۾ جامع اسٽروڪ سينٽر قائم ڪرڻ بابت بريفنگ ڏني پئي وڃي

ڀٽائي جي 283 هين جي عرس تقريبن جو افتتاح، سنڌ جي مختلف شهرن مان زائرين جي آمد

گورنر سنڌ سيال نهال هاشمي ڀٽ شاهہ پهچي درگاهہ تي چادر چاڙهي دعا گهري تقريبن جو افتتاح ڪيو

ڀٽائي رڳو سنڌ يا پاڪستان کي نہ پر سڄي انسانيت کي امن، محبت ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏنو آهي: نهال هاشمي

متياري موٽر وي لاءِ رکيل 6 ارب رپيا متياري ۾ ئي ڪٿي گم ٿي ويا آهن، توهان انهن کي ڳولي ڪڍو

جيڪڏهن نريندر مودي اسان جو پاڻي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اسان بہ سندس هر شيءِ روڪي ڇڏينداسين

ڀٽ شاهہ (رپورٽ: مستقيم سمون) گورنر سنڌ سيد نهال هاشمي چيو آهي تہ متياري موٽر وي لاءِ رکيل 6 ارب رپيا متياري ۾ ئي ڪٿي گم ٿي ويا آهن توهان انهن کي ڳولي ڪڍو انشاءَ الله هن ئي سال موٽر وي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڀٽ شاهہ: لاکيڻي لطيف جي عرس جي موقعي تي راڳي راڳ پيش ڪري رهيا آهن ٻئي طرف گورنر نهال هاشمي ۽ مملڪتي وزير کيئل داس ڪوهستاني ڀٽائي جو راڳ ٻڌي رهيا آهن

لطيفؒ محبت، امن، رواداري ۽ انسانيت سيکاري: بلاول ڀٽو

ڀٽائيءَ جو ڪلام انسانيت کي محبت، ڀائيچاري ۽ باهمي احترام جو درس ڏئي ٿو

شاهہ اهو سيکاريو آهي تہ حقيقي طاقت برداشت، اتحاد، انڪساري ۾ لڪل آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڀٽائي سنڌ ڌرتيءَ جي سڃاڻپ ۽ عظيم صوفي بزرگ آهي: مراد علي شاهہ

شاهہ جو رسالو رڳو سنڌ نہ پر سڄي دنيا لاءِ هڪ انمول تحفو آهي

لطيف جو ڪلام دلين کي ڳنڍي ٿو ۽ محبت، برداشت ۽ هم آهنگي کي هٿي ڏئي ٿو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهہ عظيم صوفي بزرگ ۽ شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڀٽائيءَ جي فڪر ۽ تعليمات تي عمل ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي: سردار عبدالرحيم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ سنڌ جي روح، ثقافت ۽ صوفي روايتن جو عظيم امين آهي: گيانچند ايسراڻي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار براءِ بحالي گيانچند ايسراڻي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڀٽائيءَ جو صوفياڻو ڪلام سنڌ جي ثقافتي سڃاڻپ آهي: ڊاڪٽر شام سندر

لطيف جي تعليم امن، محبت، اخوت، رواداري ۽ انسانيت جي خدمت جو لازوال پيغام آهي

سندس فڪر اڄ بہ محبت، برداشت، قومي هم آهنگي جي فروغ لاءِ رهنمائي فراهم ڪري ٿو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سنڌ جي خاص معاون براءِ اقليتي معاملا ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم پي اي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ميلي ۾ ايڇ ٽي سورلي هال ۾ سگهڙن جي ڪچهري منعقد

ڀٽ شاهہ: ڀٽائي جي عرس جي موقعي تي ايڇ ٽي سورلي هال ۾ هڪ سگهڙن جي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڀٽ شاهہ: لطيف جي ميلي ۾ ملهہ پهلوان زور آزمائي ڪري رهيا آهن

ڀٽائي جي عرس دوران ثقافتي ڳوٺ زائرين جو مرڪز بڻيل

هزارين ماڻهو سنڌ جي قديم تهذيب، ثقافت ۽ هنر جا دلڪش رنگ ڏسڻ لاءِ پهچي رهيا آهن

ثقافتي ڳوٺ ۾ فنڪارن جون رنگا رنگ موسيقي محفلون پڻ منعقد

ڀٽ شاهہ: ڀٽائي جي عرس دوران ثقافتي ڳوٺ زائرين جو مرڪز بڻجي ويو سنڌ جي ثقافت جا رنگ هر طرف ڇانيل ڀٽائي جي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي تعليمات جي هن وقت سڄي ملڪ ۾ ضرورت آهي: ذوالفقار شاهہ

پنجاب جي گورنر سردار سليم حيدر جي عرس ۾ شرڪت صوفي ثقافت سان محبت جو اظهار آهي

صوفي بزرگن جي تعليمات اسان جي روحاني ۽ تهذيبي ورثي جو قيمتي سرمايو آهن

ڀٽ شاهہ: سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت واري صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهہ چيو آهي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي تعليمات

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ميلي ۾ سنڌ جي روايتي ثقافتي راند ملاکڙي جو شاندار اهتمام

ڀٽ شاهہ: عرس جي موقعي تي ڀٽ شاهہ ۾ سنڌ جي روايتي ثقافتي راند ملاکڙي جو

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ميلي ۾ ٻشنين جو آزار، سوين زائرين موبائل فون، روڪ رقم ۽ قيمتي سامان کان محروم

ڀٽ شاهہ: حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي 283هين ساليانو عرس مبارڪ دوران

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڀٽ شاهہ: صوبائي وزير سيد ذوالفقار شاهہ ۽ پنجاب جو گورنر سردار سليم حيدر ڀٽ ڌڻي جي مزار تي چادر چاڙهي رهيا آهن

THE FORTNIGHTLY IBRAT MAGAZINE
پندرنهن ڏهاڙي عبرت مئگزين حيدرآباد REG # 2937-A
www.dailyibrat.com
هر گهر جو رسالو
هن پرچي ۾ اوهان پڙهي سگهندا
پهرين آگسٽ کان 15 آگسٽ 2026ع
- پريا ڪماري کي زمين ڳهي وئي يا آسمان؟
- آزاد ڪشمير ۾ چونڊ ڇهڇتو، ڪير مارينديو ميدان!؟
- پريا ڪماري سميت مغوي ٻار ڪڏهن بازياب ٿيندا...!؟
- منشيات جو وڌندڙ رجحان، نئين نسل لاءِ هڪ سنگين خطرو!
- گرمي جي لهر ۾ واڌ: هڪ سنگين چئلينج
- ڪاميابي ڪيئن ملندي آهي!؟
- سوشل ميڊيا ڪان سواءِ زندگي اڌوري آهي؟
- پنهنجي صلاحيتن کي سڃاڻو!
- ڪنڌ جي الرجي، بيماري آهي يا...!؟
- منشيات ڏانهن لاڙو رکندڙ نوجوان نسل
- ٿوري احتياط، ڪيترين ئي بيمارين کان بچاءُ
- راندين جي ميدان مان...
- شوبز جي دنيا
ان ڪانسواءِ عورتن، ٻارن، رڌ پچاءُ، ڪهاڻين ۽ شاعري جي صفحن سميت پيو بہ گهڻو ڪجهہ .....

بقايا 1 روزاني عبرت

جو ڪم بيهر شروع ڪيو ويندو تفصيل موجب گورنر سنڌ سيد نهال هاشمي ڀٽ شاهه درگاهه تي پهچي ڀٽائي جي مزار تي چادر چاڙهي دعا گهري ڀٽائي جي 283هين ساليانى ڪن ڏينهن وارين تقريبن جو باقاعده افتتاح ڪيو هن شاهه جو راڳ ٻڌو ۽ غريب ۽ بيوهه عورتن ۾ ڪپڙا ورهايا بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي گورنر نهال هاشمي چيو ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رڳو سنڌ يا پاڪستان کي نه پر سڄي انسانيت کي امن محبت ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏنو آهي هن چيو ته شاهه سائين جي پيغام جو دنيا جي هر ٻولي ۾ ترجمو ٿيڻ گهرجي، جيئن امن جو اهو پيغام سڄي دنيا تائين پهچي ۽ دهشتگردي ۽ انتهاپسندي جي خاتمي ۾ مدد ملي معياري موٽر وي بابت سوال جي جواب ۾ هن چيو ته معياري موٽر وي جا 6 ارب رپيا معياري ۾ ئي اڳتي پلٽي ٿي ويا آهن توهان آنهن کي ڳوليو اهي ڪٿي گم ٿي ويا آهن هن اميد ظاهر ڪئي ته هن ئي سال موٽر وي جو ڪم بيهر شروع ڪيو ويندو پريا ڪماري بابت ڳالهائيندي هن چيو ته پريا سنڌ جي ڌيءَ ۽ اسان جي عزت آهي

بقايا 2 روزاني عبرت

ساليانى عرس جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ سنڌ جي عظيم صوفي بزرگ، شاعر ۽ مفڪر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ کي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪندي چيو آهي ته شاهه لطيفؒ جو لازوال پيغام اڄ به محبت، امن، رواداري ۽ انسانيت جي اعليٰ قدرن سان دلين کي روشن ڪري رهيو آهي هن چيو ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جو ڪلام وقت ۽ جاءِ جي حدن کان مٿانهون ٿي سموري انسانيت کي محبت، ڀائيچاري ۽ باهمي احترام جو درس ڏئي ٿو شاهه لطيفؒ پنهنجي شاعري وسيلي اهو سيکاريو آهي ته حقيقي طاقت برداشت، اتحاد، انڪساري ۽ بي لوث خدمت خلق ۾ لڪل آهي بلاول ڀٽو زرداري نوجوانن تي زور ڀريو ته هو شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي فڪر کي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻائين ۽ نفرت، تشدد، انتهاپسندي ۽ عدم برداشت جهڙن روين کي مڪمل طور رد ڪن هن وڌيڪ چيو ته شاهه لطيفؒ جي تعليمات جي روشنيءَ ۾ نه رڳو پنهنجي معاشري پر سڄي دنيا ۾ محبت، هم آهنگي، انساني عظمت ۽ باهمي احترام کي هٿي وٺرائڻ جي ضرورت آهي چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي چيو ته امن، رواداري، گڏيل وجود، شموليت ۽ سماجي هم آهنگي تي ٻڌل صوفي روايتون پاڪستان جي حقيقي سڃاڻپ آهن ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي انهن روشن روايتن جي واڌ ويجهه، تحفظ ۽ فروغ لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي

بقايا 3 روزاني عبرت

ساليانى عرس جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ ڌرتيءَ جي سڃاڻپ ۽ عظيم صوفي بزرگ آهن جن پنهنجي شاعري ۽ تعليمات ذريعي امن محبت، ڀائيچاري ۽ انسانيت جو پيغام ڏنو وزيراعليٰ سنڌ چيو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي انساني خدمت کي سڀ کان اعليٰ مقام ڏنو سندن تعليمون اسان لاءِ مشعل راهه آهن شاهه جو رسالو رڳو سنڌ نه پر سڄي دنيا لاءِ هڪ انمول تحفو آهي جنهن ۾ محبت، رواداري، امن ۽ انسانيت جو درس موجود آهي سيد مراد علي شاهه چيو ته شاهه لطيف جو ڪلام دلين کي ڳنڍي ٿو ۽ معاشري ۾ محبت، برداشت ۽ هم آهنگي کي هٿي ڏئي ٿو اسان کي گهرجي ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي تعليمات تي عمل ڪندي امن ۽ ڀائيچاري جي واڌاري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون

بقايا 4 روزاني عبرت

۽ جي ڊي اي جي سيڪريٽري اطلاعات سردار عبدالرحيم حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي ساليانى عرس جي موقعي تي سنڌ جي عوام کي مبارڪون پيش ڪندي چيو آهي ته سنڌ کي امن محبت ۽ ڀائيچاري جو گهوارو بڻائڻ لاءِ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي فڪر فلسفي ۽ تعليمات تي عمل ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي پنهنجي خصوصي پيغام ۾ سردار عبدالرحيم چيو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جو عدم تشدد، امن رواداري ۽ انسان دوستي جو پيغام نه رڳو سنڌ ۽ پاڪستان ۾ سڄي دنيا مان دهشتگردي، انتهاپسندي ۽ نفرت جي خاتمي لاءِ به راهه ڏيکاريندڙ آهي هن چيو ته شاهه جي رسالي کي پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ نئين نسل تائين ان جو پيغام پهچائڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ گهرجن چاڪاڻ ته شاهه لطيفؒ جو فڪر اڄ به انسانيت لاءِ مشعل راهه آهي سردار عبدالرحيم وڌيڪ چيو ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي شاعري ۽ فڪر تي جيترو تحقيقي ڪم انگريز ۽ جرمن اسڪالرن ڪيو آهي اوترو شايد دنيا جي ڪنهن ٻئي صوفي شاعر تي نه ٿيو هجي ۽ عالمي سطح تي جيڪا مڃتا شاهه لطيفؒ کي حاصل ٿي آهي اها به منفرد حيثيت رکي ٿي هن چيو ته سنڌ ۾ امن امان جي خراب صورتحال اغوا براءِ تاوان، قبائلي تڪرارن ۽ سماجي بدامني جي خاتمي لاءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي محبت، هم آهنگي، ڀائيچاري ۽ انسانيت تي ٻڌل لازوال پيغام کي هر گهر ۽ هر دل تائين پهچائڻو پوندو تڏهن ئي هڪ پرامن ۽ خوشحال سنڌ جو خواب حقيقت بڻجي سگهندو

بقايا 5 روزاني عبرت

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي ساليانى عرس جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ سنڌ جي عوام ۽ عقيدتمندن کي مبارڪباد پيش ڪندي چيو آهي ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ سنڌ جي روح، ثقافت ۽ صوفي روايتن جا عظيم امين آهن جن جي تعليمات اڄ به انسانيت لاءِ روشني جو مينار آهن هن چيو ته شاهه لطيفؒ جو پيغام محبت، رواداري، ڀائيچاري امن ۽ انسانيت جي خدمت تي ٻڌل آهي جيڪو هر دور ۾ معاشري کي امن، هم آهنگي ۽ برداشت جو درس ڏئي ٿو گيانچند ايسرائي چيو ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جا افڪار ۽ شاعري خاص طور تي نوجوان نسل لاءِ مشعل راهه آهن جيڪي قومي يڪجهتي سماجي هم آهنگي ۽ اخلاقي قدرن کي هٿي وٺرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت صوفي بزرگن جي تعليمات جي واڌ ويجهه، سنڌ جي ثقافتي ۽ روحاني ورثي جي تحفظ ۽ ايندڙ نسلن تائين ان جي منتقلي لاءِ ڀرپور قدم کڻي رهي آهي صلاحڪار وڏي وزير چيو ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جو ساليانو عرس سنڌ جي روحاني، ثقافتي ۽ ادبي سڃاڻپ جو اهم مظهر آهي جيڪو محبت، امن ۽ ڀائيچاري جي روايتن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي ٿو آخر ۾ گيانچند ايسرائي دعا ڪئي ته الله پاڪ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي تعليمات تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ امن خوشحالي ڀائيچارو ۽ هم آهنگي قائم رهي

بقايا 6 روزاني عبرت

ڪچهري منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ گورنر پنجاب سردار سليم حيدر خان خاص مهمان طور شرڪت ڪئي جڏهن ته ثقافت، سياحت، نوادرات ۽ آرڪائيوز سنڌ جو صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه ڊي جي ثقافت حبيب الله ميمڻ ۽ سائنس ڳڻ موجود هو سگهڙ ڪچهري ۾ مختلف علائقن مان وڏي انگ ۾ سگهڙ شريڪ ٿيا جن ۾ سگهڙن حفيظ الرحمان مهيسر، جلال الدين ٿهيم جمن ينڊ، رحمت الله لاشاري، خليل الرحمان مهيسر محرم اجڻ، حضور بخش چانگ، پورل فقير ڀٽائي، چيز علي جاگيراڻي، فياض حسين مهيسر، عاشق حسين آراڏين امام الدين وسطڙو حبيب الله عباسي ۽ ٻيا شامل آهن سگهڙن پاران شاعري، ڏور، بيت، پروليون، وايون، ڳجهارتون، ڪلام پيش ڪيا ويا، سگهڙن طرفان پنهنجي ۽ شاعري ذريعي بيتن ذريعي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي کي شاندار ڀيٽا پيش ڪئي وئي، تقريب ۾ مشهور براڊڪاسٽر ۽ ليڪڪ نصير مرزا ماڊريٽر جا فرض سرانجام ڏنا گورنر پنجاب سردار سليم حيدر خان پنهنجي خطاب ۾ چيو ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ اهڙي عظيم شخصيت آهن جن جي تعليمات اڄ جي دور جي اهم ضرورت آهن هن چيو ته شاهه لطيف پنهنجي لازوال ڪلامن ذريعي اسلام محبت، انسانيت، ڀائيچاري ۽ امن جو پيغام پکيڙيو جيڪو اڄ به پوري قوم لاءِ روشني جو ڏيک آهي هن چيو ته صوفين جون تعليمات نفرت کي ختم ڪري سماج ۾ محبت، رواداري ۽ اتحاد کي فروغ ڏين ٿيون جڏهن ته نئين نسل کي انهن تعليمات سان روشناس ڪرائڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي

بقايا 7 روزاني عبرت

ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي پاران حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي 283هين ساليانى عرس جي آغاز تي عقيدتمندن کي مبارڪ پيش ڪئي، ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي تعليم امن، محبت، اخوت، رواداري ۽ انسانيت جي خدمت جو لازوال پيغام آهي. هن چيو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جو صوفيانه ڪلام سنڌ جي ثقافتي سڃاڻپ، روحاني قدرن ۽ ادبي ورثي جو قيمتي سرمايو آهي، ڀٽ شاهه ۾ عرس جي موقعي تي ملڪ جي مختلف علائقن مان زائرين جي وڏي شرڪت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ سان عوام جي گهري عقيدت جو اظهار آهي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جو فڪر اڄ به محبت، برداشت، قومي هم آهنگي ۽ باهمي احترام جي فروغ لاءِ رهنمائي فراهم ڪري ٿو ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي دعا ڪئي ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي تعليم تي عمل ڪندي معاشري ۾ امن اتحاد ۽ ڀائيچاري کي وڌيڪ هٿي ڏني وڃي

بقايا 8 روزاني عبرت

عرس مبارڪ جي موقعي تي ثقافت کاتي پاران شاهه جي باغ ۾ قائم ڪيل ثقافتي ڳوٺ زائرين لاءِ وڏي ڪشش جو مرڪز بڻجي رهيو آهي، جتي هر ڪهڙي هزارين ماڻهو سنڌ جي قديم تهذيب، ثقافت ۽ هنر جا دلڪش رنگ ڏسڻ لاءِ پهچي رهيا آهن ثقافتي ڳوٺ ۾ قائم ڪيل مختلف اسٽالن تي سنڌي ٽوپي، اجرڪ، گج، جهنڊيون، رليون، دنبورا ڪاشيءَ جا شاهڪار تاريخي مجسما، ڪتابن جا اسٽال، روايتي سنڌي هوڪلون ۽ هنرمندن جي هٿ جي تيار ڪيل خوبصورت شيون زائرين جي خاص توجهه جو مرڪز بڻيل آهن ميلي ۾ آيل ماڻهو وڏي دلچسپي سان اهي اسٽال گهمي سنڌ جي ثقافتي ورثي مان لطف اندوز ٿي رهيا آهن هوڏانهن ثقافتي ڳوٺ ۾ هر شام مقامي ۽ نامور فنڪارن جون رنگا رنگ موسيقي محفلون پڻ سڄي ميلي کي روحاني ۽ ثقافتي رنگن سان سينگاري رهيون آهن فنڪار شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا لازوال ڪلام صوفيانه راڳ ۽ سنڌي لوڪ گيت پيش ڪري شوقينن کان ڀرپور داد وصول ڪري رهيا آهن جنهن سبب سڄو ثقافتي ڳوٺ موسيقي، محبت ۽ سنڌي روايتن جي حسين منظر جو روپ ڌاري ويو آهي

بقايا 9 روزاني عبرت

جي هن وقت سڄي ملڪ خاص طور بلوچستان، خيبر پختونخوا ۽ ٻين علائقن ۾ اڳ کان وڌيڪ ضرورت آهي پنجاب جي گورنر سردار سليم حيدر جي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي عرس ۾ شرڪت بين الصوبائي هم آهنگي ۽ صوفي ثقافت سان محبت جو اظهار آهي سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت واري وزير سيد ذوالفقار علي شاهه حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي 283هين ساليانى عرس جي موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي تعليمات محبت، امن ڀائيچاري ۽ انسانيت جو درس ڏي ٿي، جنهن جي اڄ سڄي ملڪ خاص طور بلوچستان، خيبر پختونخوا ۽ ٻين علائقن ۾ اڳ کان وڌيڪ ضرورت آهي هن چيو ته صوفي بزرگن جي تعليمات اسان جي روحاني ۽ تهذيبي ورثي جو قيمتي سرمايو آهن هن ٻڌايو ته عرس جي تقريبن دوران ڪلچرل وليج، سگهڙن جي ڪچهري ۽ ٻين ثقافتي پروگرامن جو پڻ اهتمام ڪيو ويو آهي هن چيو ته پنجاب جي گورنر سردار سليم حيدر پاران ڀٽ شاهه ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي عرس ۾ شرڪت بين الصوبائي هم آهنگي ۽ صوفي ثقافت سان محبت جو اظهار آهي اسان سندس ٿورائتا آهيون

بقايا 10 روزاني عبرت

شاندار اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان سان تعلق رکندڙ ناميارن ملهه پهلوانن ڀرپور شرڪت ڪئي، مقابلن ۾ پهلوان منٺار بگٽي، قربان هوٽيپوٽو، منير ملاح، عرفان مرڪند، شهباز شيدي، واحد ملاح، چنيسر خاصخيلي ۽ زاهد ملاح هڪ ٻئي آمهون سامهون اچي زبردست مقابلا ڪيا ۽ پنهنجي فن، طاقت ۽ مهارت جو بهترين مظاهرو ڪندي شوقينن کان ڀرپور داد حاصل ڪئي ملاکڙي جي مقابلن دوران روايتي راندين سان محبت رکندڙ شائقين جو وڏو انگ موجود رهيو جن جي پهلوانن جي ڀرپور همت افزائي ڪئي ان موقعي تي ضلعي اسپورٽس آفيسر جليل هاليپوٽو، ڊي ايس بشير ملاح، رئيس محبوب خان سريوال ۽ ٻين معزز مهمانن پڻ شرڪت ڪئي ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ملاکڙو سنڌ جي صدين پراڻي ثقافتي سڃاڻپ ۽ روايتن جو اهم حصو آهي، جنهن جي واڌ ويجهه ۽ تحفظ لاءِ اهڙين سرگرمين جو انعقاد وقت جي اهم ضرورت آهي هنن چيو ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي عرس مبارڪ جي موقعي تي ثقافتي راندين جي انعقاد سان نوجوان نسل پنهنجي ثقافت، روايتن ۽ ورثي سان وڌيڪ ويجهو ٿئي ٿو

بقايا 11 روزاني عبرت

لکين زائرين جي آمد سان گڏ بشنين جا ٽولا به سرگرم ٿي ويا، جنهن سبب سوين زائرين مبينا طور موبائل فون، روڪ رقم ۽ ٻيون قيمتي سامان کان محروم ٿي ويا. ذريعن موجب ميلي دوران مختلف هنڌن تي ڪيسا ڪٽڻ ۽ موبائل فون چوري ٿيڻ جا ڪيترائي واقعا پيش آيا، جڏهن ته متاثر زائرين پوليس وٽ شڪايتون پڻ داخل ڪرايون زائرين ۽ مسافرن ڪيترائي جيب ڪترا پڪڙي پوليس حوالي ڪري ڇڏيا، ٻئي پاسي ڀٽ شاهه پوليس ڪارروائي ڪندي مختلف هنڌن تان درجنين جيب ڪترن کي گرفتار ڪري لاڪ اپ منتقل ڪيو البت ڪجهه زائرين ۽ مقامي ماڻهن الزام هنيو آهي ته گرفتار ڪيل ڪجهه ماڻهن کي مبينا طور رشوت عيوض آزاد ڪيو ويو زائرين مطالبو ڪيو آهي ته عرس دوران سيڪيورٽي وڌيڪ سخت ڪئي وڃي، جيب ڪترن خلاف بنا امتياز ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ اهڙن واقعن جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانوني قدم کنيا وڃن

بقايا 12 روزاني عبرت

ڪماري گمشدگي ڪيس سميت ٻين گمشدگين جي شڪايتن تي اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ لاءِ اهم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي ڊي آءِ جي هيڊڪوارٽرز ڊي آءِ جي اسپيشل برانچ ۽ اي آءِ جيز ذاتي طور شرڪت ڪئي، جڏهن ته زونل ۽ ڊويزنل ڊي آءِ جيز ۽ لاڳاپيل ايس ايس پيز وڊيو لنڪ ذريعي شريڪ ٿيا اجلاس دوران اي آءِ جي جينڊر بيسڊ وائلنس اينڊ هيومن رائيٽس طرفان شرڪت ڪندڙن کي پريا ڪماري گمشدگي ڪيس سميت ٻين گمشدگي ڪيسن ۽ انهن تي ٿيندڙ اڳڀرائي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ڏاڙن ڏينهن دوران پسند جي شادي ۽ مڙس زال جي ذاتي معاملن سبب گمشدگي ظاهر ڪيل ڪن ٻارن کي محفوظ طريقي سان بازياب ڪرائي لاڳاپيل عدالتن ۾ پيش ڪيو ويو آهي ايس ايس پي سکر اجلاس کي ٻڌايو ته پريا ڪماري گمشدگي ڪيس ۾ نئين جوائنٽ انويسٽيگيشن ٽيم (JIT) جي جوڙجڪ ڪانءِ ڪيس جي بيهر جاچ جو باقاعده آغاز ڪيو ويو آهي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو لاڳاپيل ڊي آءِ جيز ۽ ايس ايس پيز کي هدايت ڪئي ته پريا ڪماري ڪيس سميت ٻين گم ٿيل ٻارن جي بازيابي لاءِ ٿيندڙ جاچ جو باقاعده جائزو ورتو وڃي ۽ ان حوالي سان مسلسل اجلاس ڪري رپورٽ پيش ڪئي وڃي هن چيو ته گمشدگي جو ڪيس داخل ٿيڻ ڪانءِ اڳڀرائي نه ٿيڻ يا ڪنهن به قسم جي غفلت ۽ لاپرواهي جي صورت ۾ ذميوار اهلڪارن خلاف سخت کاتي واري ڪارروائي ڪئي ويندي آءِ جي سنڌ چيو ته سنڌ ۾ سنگين ڏوهن سان گڏ ٻارن جي گمشدگي ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙين سان لاڳاپيل ڪيسن ۾ گهٽتائي آڻڻ پوليس جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي هن چيو ته ٻارن جي بازيابي ۽ ٻين اهم ڪيسن ۾ اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ (SIU) جي ڪارڪردگي ساراهه جوڳي رهي آهي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو هدايت ڪئي ته ٻارن جي گمشدگي ۽ زيادتي سان لاڳاپيل سمورن ڪيسن جو بيهر جائزو وٺي تازي اڳڀرائي تي ٻڌل جامع ۽ حتمي رپورٽ جلد پيش ڪئي وڃي

بقايا 13 روزاني عبرت

بلوچستان مان هٿ ڪري ڪراچي پوليس حوالي ڪيون ويون آهن ايس ايس پي اي وي ايل سي خالد مصطفيٰ ڪورائي موجب ڪراچي پوليس ۽ ڊي جي سيف سٽي بلوچستان وچ ۾ ٿيل معاهدي تحت ٻنهي صوبن جي پوليس وچ ۾ ڏوهارين جي ڊيٽا جي مٽاسٽا، گرفتارين ۽ جوابدارن جي حوالگي جو مؤثر نظام قائم ڪيو ويو آهي جنهن جا مثبت نتيجا سامهون اچي رهيا آهن هن چيو ته معاهدي تحت بلوچستان مان هٿ آيل 24 گاڏيون ڪراچي جي مختلف علائقن مان 2021ع کان 2026ع دوران چوري يا ڦر ڪيون ويون هيون جن بابت شهر جي مختلف ٿاڻن ۾ ڪيس داخل ٿيل آهن ايس ايس پي خالد مصطفيٰ ڪورائي وڌيڪ ٻڌايو ته هٿ آيل گاڏين جي ماليت ڪروڙين رپين ۾ آهي جڏهن ته قانوني ڪارروائي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ اهي گاڏيون سندن اصل مالڪن حوالي ڪيون وينديون هن چيو ته ڪراچي ۽ بلوچستان پوليس وچ ۾ گڏيل سهڪار ڏوهارين خلاف ڪارروائين کي وڌيڪ اثرائتو بڻائيندو ۽ مستقبل ۾ به اهڙيون گڏيل ڪارروايون جاري رهنديون

بقايا 14 روزاني عبرت

قيمتن ۾ روزاني واڌ خلاف ملڪ جي مختلف ٽرانسپورٽرز ايسوسيئيشنز جي اڳواڻن جو هنگامي اجلاس ٿيو جنهن ۾ موجوده صورتحال تي غور ويچار ڪيو ويو ملڪ شهزاد اعوان اجلاس ڪانپوءِ ڳالهائيندي چيو ته گذريل 10 ڏينهن دوران ڊيزل جي قيمت ۾ 65 رپيا في ليٽر اضافو ڪيو ويو آهي، جنهن سبب ٽرانسپورٽ جو شعبو سخت متاثر ٿي رهيو آهي هن چيو ته گڏز ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن ۾ 15 سيڪڙو واڌ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي هن چيو ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ روزاني بنياد تي اضافي سبب ٽرانسپورٽ هلائڻ مشڪل بڻجي ويو آهي وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن خلاف ڀرپور احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي جڏهن ته مطالبا منظور نه ٿيڻ جي صورت ۾ ملڪ گير هڙتال ڪئي ويندي ملڪ شهزاد اعوان چيو ته پاڪستان ڀر جون گڊز ٽرانسپورٽرز ايسوسيئيشنون هڪ صفحي تي آهن ۽ حڪومت کان مطالبو آهي ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي ۽ ٽرانسپورٽرز کي رليف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 15 روزاني عبرت

متوفي جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي پورٽ قاسم ٽويوٽا شوروم جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار افتخار ولد محبوب فوت ٿي ويو منوڙا هماليا روڊ جي ويجهو روڊ حادثي ۾ موٽرسائيڪل سوار 14 سالن جو شارون ولد رياض مسيح فوت ٿي ويو سائٽ سپر هاءِ وي ٿاڻي جي حد ڪراچي کان حيدرآباد ويندي گل احمد سوسائٽي جي ويجهو روڊ حادثي ۾ نامعلوم شخص فوت ٿي ويو

بقايا 16 روزاني عبرت

نوجوان فوت ٿي ويو واقعي جي اطلاع ملڻ شرط امدادي ٽيم موقعي تي پهتي ۽ فوتي نوجوان کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو فوتي جي سڃاڻپ 25 ورهين جي ڪبير علي ولد ڪاشف علي طور ٿي آهي ابتدائي جاچ موجب نوجوان جي فوتگي جو ڪارڻ زهريلي شيءِ واپرائڻ ٻڌايو پيو وڃي، جڏهن ته واقعي جي اصل سببن بابت جاچ جاري آهي لاڳاپيل ادارا ۽ پوليس مختلف پهلوئن کان معاملي جو جائزو وٺي رهيا آهن، جڏهن ته ضروري قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم ڪانءِ لاش وارثن حوالي ڪئي ويندي علائقي واسين واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي مڪمل ۽ شفاف جاچ ڪرائي وڃي، جيئن اها حقيقت سامهون اچي سگهي ته نوجوان زهريلي شيءِ ڪهڙين حالتن ۾ استعمال ڪئي

بقايا 17 روزاني عبرت

ٽن مان وڌائي 15.6 ملين ٽن ڪرڻ جي راهه هموار ٿي وئي آهي ڪي اليڪٽرڪ جي ترجمان موجب، جامشورو پاور پلانٽ کي 2029ع تائين درآمدي ڪوئلي بدران مڪمل طور تي مقامي ٿر ڪوئلي تي منتقل ڪرڻ جي منصوبابندي ڪئي وئي آهي ترجمان چيو ته جرمن انجنيئرنگ ڪنسلٽنٽ کان ڪرائي وئي فزيبلٽي اسٽڊي موجب، ان منصوبي سان 3.2 ارب ڊالر تائين معاشي فائدا حاصل ٿيڻ جي اميد آهي ڪي اليڪٽرڪ جي چيئرمين شهريار ارشد چشتي چيو ته مقامي توانائي وسيلن جي وڌيڪ استعمال سان سستي بجلي جي فراهمي توانائي جي تحفظ ۽ پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن تي دٻاءُ گهٽ ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي هن چيو ته بجلي جي پيداوار واري پورٽ فوليو ۾ بهتري جو آخري مقصد ڪراچي جي صارفين کي پائيدار فائدا فراهم ڪرڻ آهي

بقايا 18 روزاني عبرت

ان ٽيڪنالوجيءَ جو عملي مظاهرو ڪري ڏيکاريو ويو ان ٽيڪنالوجيءَ ذريعي سمارٽ سٽي پلان ٺاهڻ ۾ مدد ملندي، سنڌ جي لينڊ مئنيجمينٽ ادارن جي پلاٽن جي نشاندهي بغير ڪنهن ڏکيائيءَ جي ممڪن بڻائي سگهبي ۽ وڌيڪ هن ٽيڪنالاجي سان گوگل تصويرن ذريعي سمارٽ سٽي پلان ترتيب ڏنا ويندا ان موقعي تي اداري جي آفيسرن ۽ ملازمن لاءِ حج جي قرعه اندازي پڻ منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر وسيم شمشاد، سينيئر ڊائريڪٽر شڪيل صديقي، ڪراچي جي ترقي واري اداري جو ڊائريڪٽر جنرل آصف جان صديقي سميت سنڌ ماسٽر پلان اٿارٽي ۽ ڪي ڊي اي جا اعليٰ آفيسر شريڪ ٿيا

بقايا 19 روزاني عبرت

سيد مراد علي شاهه خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان ۾ آپريشن دوران فتنه الهندوستان جي 32 دهشتگردن کي انجام تائين پهچائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪيو آهي وڏي وزير پنهنجي بيان ۾ بهادر جوانن جي عزم، همت ۽ حوصلي کي سلام پيش ڪندي چيو ته دهشتگردن کي سندن انجام تائين پهچايو پيو وڃي سيد مراد علي شاهه چيو ته سيڪيورٽي فورسز جون دهشتگردن خلاف بهادرائيون ڪارروايون ساراهه جوڳيون آهن جيڪي ملڪ دشمن عنصرن جي خاتمي لاءِ وڏي همت ۽ بهادري سان پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيون آهن هن چيو ته ملڪ جي ڪنڊ ڪنڊ مان دهشتگردن جو نالو ۽ نشان ختم ڪيو ويندو جڏهن ته امن امان جي قيام لاءِ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون ۽ خدمتون ناقابل فراموش آهن

بقايا 20 روزاني عبرت

ڪيو هيڊ ڪوارٽر پهچڻ تي ڊي جي ريسڪيو 1122 برگيڊيئر رٽائرڊ صبغت الله مهر چيف آپريٽنگ آفيسر ڊاڪٽر عابد جلال شيخ ۽ ٻين آفيسرن آءِ جي سنڌ جو شاندار استقبال ڪيو ريسڪيو 1122 آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو کي سلامي پيش ڪئي آءِ جي سنڌ کي مختلف ريسڪيو سامان ۽ گاڏين بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي آءِ جي سنڌ ايمرجنسي رسپانس سسٽم، ڪال مانيٽرنگ، ڊسپيچ ميڪينزم ۽ جديد ڪنٽرول روم آپريشنز جو تفصيلي جائزو ورتو ان موقعي تي ڊي جي ريسڪيو 1122 ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر ميڪينزم، ريسڪيو 1122 جي قيام مقصدن ۽ هدفن بابت پوائنٽ ٽو پوائنٽ بريفنگ ڏني سنڌ حڪومت ايمرجنسي سروسز لاءِ ريسڪيو 1122 ادارو قائم ڪيو آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو آهي ته هن اداري مختصر عرصي ۾ غير معمولي ڪارڪردگي ڏيکاري آهي سنڌ پوليس ۽ ريسڪيو 1122 ڪنهن به هنگامي صورتحال ۽ واقعن تي گڏجي ڪم ڪن ٿا اهڙين ملاقاتن تنظيمن جي وچ ۾ مربوط رابطن ۽ اثرائتي قدمن کي مضبوط ڪن ٿيون عوام کي بروقت اثرائتي ۽ معياري ايمرجنسي سروسز فراهم ڪرڻ هر تنظيم جي بنيادي ذميواري آهي جديد ٽيڪنالاجي ڊجيٽل مانيٽرنگ ۽ بچاءُ جي ڪمن ۾ پيشه ورانه صلاحيتن جي ترقي وقت جي ضرورت آهي

بقايا 21 روزاني عبرت

بلوچستان پوليس جي اعليٰ آفيسرن جو هڪ ڪوآرڊينيشن اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان، ايڊيشنل آءِ جي سي ٽي ڊي، ڊي آءِ جي سائوٿ، ڊي آءِ جي ويسٽ ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي جڏهن ته بلوچستان پوليس مان ڊي آءِ جي خضدار ايس ايس پي سي ٽي ڊي، اسپيشل برانچ ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ امن امان، سيڪيورٽي صورتحال، ڏوهاري عنصرن جي ممڪن حرڪت ۽ ٻنهي صوبن جي وچ ۾ اثرائتي ڪوآرڊينيشن جي معاملن جو جائزو ورتو ويو سنڌ ۽ بلوچستان پوليس جي وچ ۾ انٽيليجنس شيئرنگ، گڏيل قدمن ۽ داخلا ۽ خارجي رستن تي ڪئميرا نگراني کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو سنڌ پوليس بلوچستان پوليس جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ مڪمل تعاون جي آڇ ڪئي ۽ تربيتي سهولتون، ٽيڪنيڪل مدد ۽ ٽيڪنيڪل مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪرڻ جو يقين ڏياريو اسپيشل برانچ سنڌ ۽ بلوچستان ۽ سي ٽي ڊي سنڌ ۽ بلوچستان جي وچ ۾ باهمي تعاون، معلومات جي تبادلي، گڏيل تربيت ۽ اثرائتي ڪوآرڊينيشن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي پڻ اتفاق ڪيو ويو اجلاس جي آخر ۾ ٻنهي پاسن جي آفيسرن يادگاري شيلڊز پيش ڪيون

بقايا 22 روزاني عبرت

ذريعي پنجاب ۾ حڪومت ۾ آئي پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه پارليامينٽ کي مضبوط ڪرڻ ۽ جمهوري نظام جي تسلسل لاءِ بيٺل رهي آهي جڏهن ته پيپلز پارٽي جو ڀرپور ڏينهن کان اهو مؤقف آهي ته مسلم ليگ (ن) وٽ عوامي مينڊيٽ ناهي. پاڪستان جو ٻچو ٻچو ڄاڻي ٿو ته مسلم ليگ (ن) جعلي طريقي سان حڪومت ۾ آئي ۽ هاڻي ساڳئي نمونو ڪشمير ۾ به حڪومت ٺاهڻ چاهي ٿي اسلام آباد ۾ پيپلز سيڪريٽريٽ ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پيپلز پارٽي ڪنهن به صورت ۾ زيادتي برداشت نه ڪندي ۽ عوام جي حق تي ڌاڙو هڻڻ نه ڏيندي هن مطالبو ڪيو ته جن تڪن ۾ ڌانڌلي جي نشاندهي ڪئي وئي آهي، اتي بيهر چونڊون ڪرايون وڃن خاص طور چوڌري ياسين جي تڪ ۾ بيهر چونڊ ٿيڻ گهرجي هن چيو ته مسلم ليگ (ن) کي عوامي مينڊيٽ تي ڌاڙو هڻڻ نه ڏنو ويندو ۽ پيپلز پارٽي پنهنجو مينڊيٽ چوري ٿيڻ نه ڏيندي بلڪه ان لاءِ هر قانوني رستو اختيار ڪندي هن چيو ته خواجه سعد رفيق شهيدن خلاف ڳالهايو جڏهن ته خواجه آصف ڪشميرين جي توهين ۽ تذليل ڪئي. هن چيو ته خواجه آصف پاڻ چوندو هو ته "ڪا شرم هوندي آهي، ڪا حيا هوندي آهي"، پر اڄ سندس پنهنجي جماعت جا عمل عوام جي سامهون آهن شرجيل انعام ميمڻ چيو ته مسلم ليگ (ن) ڌانڌلي ذريعي پنجاب ۾ حڪومت ڪري رهي آهي جعلي مينڊيٽ ذريعي مريم نواز وزيراعليٰ بڻي جڏهن ته مينڊيٽ ڪنهن ٻئي جو هو ۽ اهو سڄي پاڪستان ڏٺو هن چيو ته نواز شريف به چور دروازي سان اقتدار ۾ آيو هو ۽ مريم نواز به چور دروازي سان آئي آهي هن چيو ته اهي ماڻهو رينٽل ايگريمينٽ تي اقتدار ۾ ويٺل آهن عوامي مينڊيٽ تي نه هن چيو ته سنڌ ۽ پنجاب جو مقابلو ڪيو ويندو آهي پر مان چوان ٿو ته سنڌ به اسان جي آهي ۽ پنجاب به اسان جو آهي. هن چيو ته سنڌ مان پنجابي، اردو، بلوچي ۽ پشتو ڳالهائيندڙ به چونڊجي اسيمبلين ۾ اچن ٿا هن چيو ته سنڌ ۾ صحت جي شعبي ۾ جيڪو ڪم ٿيو آهي، اهڙو سڄي پاڪستان ۾ ناهي ٿيو اهو اسان سڃاڻپ ڪارڊ ۽ ڊوميسائل نٿا ڏسون جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪم ٿيو آهي ته پوءِ سڄي پاڪستان مان ماڻهو روزگار ۽ علاج لاءِ ڪراچي جو اچن ٿا هن چيو ته اوهان خيراتي مينڊيٽ سان پنجاب ۾ ويٺا آهيو جڏهن ته سنڌ مان اوهان کي هڪ به سيٽ نه ملي. هن چيو ته هڪ صحافي خرم اقبال مريم نواز جي سلپ آف ٽنگ بابت ٽوئيٽ ڪئي ته ڪيس گرفتار ڪرايو ويو هن چيو ته اها آمراڻي سوچ آهي، هڪ صحافي کي رڳو ٽوئيٽ ڪرڻ تي کنيو ويو

بقايا 23 روزاني عبرت

وزير محمد حنيف عباسي ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان ۾ ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي وفاقي وزير چيو ته 32 دهشتگردن جي خاتمي تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيورانه مهارت ۽ وقت سر ڪارروائي انتهائي تعريف جوڳي آهي وطن جي محافظن هڪ ڀيرو ثابت ڪيو آهي ته پاڪستان جي دشمنن جو انجام صرف ۽ صرف شڪست آهي محمد حنيف عباسي جو چوڻ هو ته دهشتگرديءَ خلاف هر ڪامياب ڪارروائي قوم جي اعتماد ۽ سيڪيورٽي فورسز جي بلند حوصلي جي عڪاسي آهي پاڪستان جي امن تي حملو ڪندڙ ڌرين کي هر محاذ تي عبرتناڪ شڪست ڏني ويندي ۽ پوري قوم پنهنجي فوج سان گڏ آهي هن چيو ته اسان جا جوان ڏينهن رات وطن جي امن لاءِ قربانيون ڏئي رهيا آهن ۽ پوري قوم سندن بهادريءَ کي سلام پيش ڪري ٿي دهشتگردن خلاف اهي فيصلاڪنيون ڪارروائيون ان عزم جو اظهار آهن ته پاڪستان ۾ امن جي دشمنن لاءِ ڪا جڳهه ناهي الله جي فضل سيڪيورٽي فورسز جي جرائت ۽ قوم جي اتحاد سان ملڪ مان دهشتگرديءَ جو مڪمل خاتمو يقيني بڻائينداسين

بقايا 24 روزاني عبرت

جي اسپيڪر سردار اياز صادق ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان ۾ 32 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته سيڪيورٽي فورسز پيشيورانه مهارت ۽ جرئت سان دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻايو دهشتگرديءَ خلاف ڪامياب ڪارروائيون فورسز جي بهادري ۽ قوم جي پختي عزم جو ثبوت آهن اربع ڏينهن پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته دهشتگرديءَ جي خاتمي تائين پوري قوم پنهنجي سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي. دهشتگرد پنهنجي ناپاڪ ارادن ۾ ڪڏهن ڪامياب نه ٿيندا. دهشتگرديءَ خلاف جانين جو نذرانو پيش ڪندڙ شهيد پوري قوم جو فخر آهن سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون ملڪ جي امن سلامتي ۽ استحڪام جي ضمانت آهن هن چيو ته بهادر جوان هر محاذ تي دشمن ۽ دهشتگرد ڌرين جي ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملايو آهي. قوم کي پنهنجي بهادر سيڪيورٽي فورسز جي پيشيورانه صلاحيتن ۽ قربانين تي فخر آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ ڊي آءِ جي ڪوهه سليمان رينج اياز احمد بلوچ، ڊپٽي ڪمشنر بارڪان سعيد الرحمان ڪاڪڙ ونگ ڪمانڊر ايف سي بارڪان ڪرنل يونس خان، ايس پي بارڪان عبدالحق، پوليس ۽ ايف سي جي آفيسرن اهلڪارن قبائلي اڳواڻن معززن ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ماحول تمام گهڻو سوڳوار رهيو ۽ شرڪت ڪندڙن ڊي ايس پي جي جرائت، بهادري ۽ پيشيورانه خدمتن کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو شهيد کي قومي جهنڊي ۾ ڪفن ڏنو ويو جڏهن ته پوليس جي چست جٿي سلامي پيش ڪري شهيد کي سرڪاري اعزاز سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ان موقعي تي مقررن چيو ته شهيد فرضن جي ادائيگي دوران جان جو نذرانو پيش ڪري بهادري، فرض شناسي ۽ قربانيءَ جو عظيم مثال قائم ڪيو سندس خدمتن ۽ قربانيءَ کي پوليس فورس ۽ قوم هميشه قدر جي نگاهه سان ياد رکندي

بقايا 26 روزاني عبرت

تسلسل ۾ ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ گڏيل آپريشنز جاري آهن جن جو مقصد دهشتگردن ۽ سندن سهولتڪارن جو مڪمل خاتمو آهي گذريل 24 ڪلاڪن دوران سيڪيورٽي فورسز ڀارتي حمايت يافته دهشتگرد گروهن جي 32 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو 28 ۽ 29 جولاءِ جي وچ واري رات ڪي پي ڪي جي ضلعي خيبر ۾ ڳجهي اطلاع جي بنياد تي ڪليئرنس ۽ ڪارگر آپريشنز ڪيا ويا انهن ڪارروائين دوران سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي مختلف ٺڪاڻن کي اثرائتي انداز ۾ نشانو بڻايو جنهن جي نتيجي ۾ فتنه الخوارج سان تعلق رکندڙ 24 دهشتگرد مارجي ويا ان ئي دوران بلوچستان جي ضلعي نوشڪي ۾ ڳجهي اطلاع جي بنياد تي ڪيترائي آپريشنز ڪيا ويا، جتي جتي ويڙهه ڪانءِ فتنه الهندوستان سان تعلق رکندڙ 8 دهشتگردن کي ماريو ويو انهن ڪارروائين دوران دهشتگردن جي استعمال هيٺ هٿيار گولا بارود ۽ بناوتي ڌماڪيدار مادو پڻ هٿ ڪري تباهه ڪيو ويو علائقي ۾ موجود ڪنهن به ٻئي ڀارتي سرپرستيءَ ۾ سرگرم دهشتگرد جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي قومي ايڪشن پلان بابت وفاقي ايپيڪس ڪميٽي جي منظوريءَ سان شروع ڪيل ويزن عزم استحڪام تحت پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي بنا فرق دهشتگرديءَ خلاف مهم پوري شدت سان جاري رهندي ته جيئن ملڪ مان پرڏيهي سرپرستي ۽ حمايت يافته دهشتگرديءَ جي ناسور جو مڪمل خاتمو يقيني بڻائي سگهجي

بقايا 27 روزاني عبرت

بلوچستان ۾ ڀارتي حمايت يافته دهشتگردن خلاف ڪامياب آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي سندن بهادري ۽ پيشيورانه صلاحيتن جي ڀرپور تعريف ڪئي آهي پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته سيڪيورٽي فورسز 32 دهشتگردن کي عبرتناڪ انجام تائين پهچائي سندن ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو آهي ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان ۾ امن جي قيام لاءِ سيڪيورٽي فورسز جون اهي ڪاميابيون انتهائي تعريف ۽ فخر جوڳيون آهن هن پنهنجي عزم کي ورجائيندي چيو ته فتنه الهندوستان جي ان ناسور جي مڪمل خاتمي لاءِ پوري قوم سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهي محسن نقوي چئن لفظن ۾ خبردار ڪيو ته فتنه الهندوستان جي دهشتگردن کي ڪٿي به لڪڻ جي جاءِ نه ملندي

بقايا 28 روزاني عبرت

آهي اسرائيلي ميڊيا سان ڳالهائيندي نيتن ياهو ملاقاتن کي ڪامياب قرار ڏيندي چيو ته اهي ٻنهي حڪومتن جي مڪمل ڀائيواري ۽ گڏيل سهڪار جي عڪاسي ڪن ٿيون هن چيو ته ٻنهي ڌرين ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو آهي ته ايران کي ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ نه ڏنا ويندا. جڏهن ته ڪيترائي ٻيا مقصد به ٻنهي ملڪن جا گڏيل آهن نيتن ياهو موجب ملاقات ۾ ٻنهي ملڪن جي اعليٰ عملدارن پڻ شرڪت ڪئي سندس چوڻ هو ته ان موقعي تي اسرائيل جي سلامتي مستقبل سان لاڳاپيل معاملن ۽ ايندڙ قدمن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي جڏهن ته گڏيل حڪمت عملي تي به هم آهنگي پيدا ڪئي وئي ٻئي پاسي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پڻ اسرائيلي وزيراعظم سان پنهنجي ملاقات کي انتهائي سٺي قرار ڏنو هن چيو ته نيتن ياهو ۽ آمريڪي ڪانگريس جي ميمبرن سان سندس انتهائي سٺي ملاقات ٿي جنهن دوران ڪيترن ئي اهم معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

بقايا 29 روزاني عبرت

ڪمپني آمريڪن ايئر لائنز جون اڏامون ملڪ گير سطح تي عارضي طور ملتوي رهڻ بعد بيهر بحال ڪيون ويون آهن پرڏيهي ميڊيا موجب ڪمپني جي مختلف آءِ ٽي سسٽمز ۾ خرابي سبب سمورين اڏامن کي ڪجهه وقت لاءِ روڪيو ويو هو فيڊرل ايوي ايشن ايڊمنسٽريشن (ايف اي اي) ٻڌايو ته سسٽم ۾ فني خرابي سبب آمريڪي ايئر لائنز جي سمورين اڏامن تي سڄي ملڪ ۾ عارضي طور روڪي رکڻ لاءِ چيو ويو جنهن تحت ڪنهن به اڏام کي روانگي جي اجازت نه ڏني وئي ايڪس تي جاري بيان ۾ چيو ويو آهي ته آءِ ٽي سسٽمز بحال ٿي ويو آهي ۽ اڏامن جي روانگي بيهر شروع ڪئي وئي آهي ڪمپني موجب فني خرابي ختم ڪرڻ دوران احتياطي قدمن طور تي عارضي گرائونڊ اسٽاپ لاڳو ڪيو ويو هو جڏهن ته سسٽم بيهر آن لائن اچي چڪو آهي ۽ اڏامون معمول موجب روانيون ٿي رهيون آهن

بقايا 30 روزاني عبرت

پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان قطر جي وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير شيخ محمد بن عبدالرحمان ۽ بحرين جي هم منصب ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني ۽ ڪويت جي پرڏيهي وزير شيخ جراح جابر الاحمد الصباح سان الڳ الڳ ٽيلي فون تي رابطو ڪيو پرڏيهي ميڊيا موجب رابطن دوران علائقائي صورتحال ۽ ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي جي حوالي سان ڪوششن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. نار وارن وزيرن آبنائي هرمز ۽ آبنائي باب المندب ذريعي فريڊم آف نيويگيشن جي تحفظ، جاري علائقائي بحران جي سيڪيورٽي ۽ اقتصادي اثر گهٽ ڪرڻ جي اهميت تي زور ڀريو عراق ۽ يمن ۾ ايران جي حمايت يافته مليشيا جي حملن جي مذمت ڪئي ۽ خطي جي ملڪن جي سلامتي ۽ استحڪام کي درپيش خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ يڪجهتي جو اظهار ڪيو علائقائي امن کي نقصان پهچائيندڙ قدمن کي رد ڪيو ويو ۽ علائقائي سيڪيورٽي ۽ استحڪام جي حمايت لاءِ نار وارن ملڪن وچ ۾ هم آهنگي ۽ مسلسل مشاورت جي اهميت تي زور ڀريو

بقايا 31 روزاني عبرت

طاقتور زلزلي جي نتيجي ۾ فوتگين جو انگ 13 ٿي ويو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب جاپان جي وزيراعظم سانائي تاڪائيچي ان جي تصديق ڪئي آهي وزيراعظم صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته 13 فوتگين جي تصديق ٿي چڪي آهي انهن ۾ اهي فوتگيون به شامل آهن جن جي باري ۾ جاچ جاري آهي ته جيئن اهو معلوم ٿي سگهي ته انهن جو تعلق 7.1 جي شدت جي زلزلي سان آهي يا نه. هن چيو ته اڱاري ڏينهن آيل زلزلي سبب وڏي پيماني تي تباهي ٿي جنهن سان جاني نقصان، عمارتن جي ڪري پوڻ، باهه لڳڻ جي واقعن ۽ روڊن کي نقصان پهچڻ شامل آهي وزيراعظم موجب ڪيترائي ماڻهون ملبي هيٺ دٻيل آهن ۽ امدادي ٽيمون انهن کي بچائڻ جون ڪوششون ڪري رهيون آهن واضح رهي ته اڱاري تي شام جو ڪاموتو صوبي ۾ 7.1 جي شدت جو زلزلو آيو هيو جنهن سبب ڪيترين ئي عمارتون ڪري پيون آهن بجلي جي فراهمي متاثر ٿي، ٽريفڪ جو نظام تباهه ٿي ويو جڏهن ته لاپتا ماڻهن جي ڳولا ۽ امدادي ڪارروايون جاري آهن

بقايا 32 روزاني عبرت

خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري کي جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر (جي پي ايم سي) ۾ جامع اسٽروڪ سينٽر قائم ڪرڻ بابت منصوبي ۽ عملدرآمد واري روڊ ميپ تي بريفنگ ڏني وئي بريفنگ يونيورسٽي آف ٽوليڊو جي نيورولوجي شعبي جي پروفيسر عالمي شهرت يافته ويسڪيولر ۽ انٽر وينشنل نيورولوجسٽ ۽ جي پي ايم سي جامع اسٽروڪ پروگرام جي باني ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سيد فضل زيدي ۽ پيشنٽ ايڊ فائونڊيشن جي چيئرمين مشتاق چيرا ڏني ان موقعي تي ڊاڪٽر سيد فضل زيدي چيو ته سنڌ ۾ اسٽروڪ جي مريضن جو انگ تيزي سان وڌي رهيو آهي 5 ڪروڙ 50 لک کان وڌيڪ آبادي واري صوبي ۾ روزانو اندازن 500 اسٽروڪ جا ڪيس رپورٽ ٿين ٿا، جن مان لڳ ڀڳ 50 مريضن کي انتهائي سنگين حالت ۾ جديد ۽ خاص علاج جي ضرورت هوندي آهي هن چيو ته وقت سر ۽ زندگي بچائيندڙ علاج لاءِ سرڪاري صحت جي نظام کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي جنهن لاءِ جي پي ايم سي ۾ جامع اسٽروڪ سينٽر جو قيام انتهائي اهم قدم ثابت ٿيندو بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته اين آءِ سي وي ڊي ۽ ايس آءِ سي وي ڊي جي اسڪيمڪ اسٽروڪ جي مريضن لاءِ اهم خدمتون فراهم ڪري رهيا آهن پر سنڌ ۾ هن وقت اهڙو جامع اسٽروڪ سينٽر موجود ناهي جيڪو دماغي رت جي رڳن جي سڀني بيمارين، هيمرجڪ ۽ اسڪيمڪ اسٽروڪ پيچيده نيورو ويسڪيولر ايمرجنسي جديد نيورو انٽر وينشن نيورو ڪريٽيڪل ڪيئر ۽ بحالي جي سهولتن کي هڪ ئي هنڌ فراهم ڪري سگهي ڊاڪٽر فضل زيدي ٻڌايو ته اهو منصوبو پاڪستان اسٽروڪ انيشيٽو پيشنٽ ايڊ فائونڊيشن جي پي ايم سي ۽ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان شروع ڪيو پيو وڃي جنهن جو مقصد سنڌ ۾ پهرين پبلڪ سيڪٽر جامع اسٽروڪ سينٽر قائم ڪرڻ آهي هي سينٽر جديد علاج، ماهرن جي تربيت ۽ تحقيق سان گڏ سڄي صوبي لاءِ ٽيلي اسٽروڪ نيٽ ورڪ جو مرڪز پڻ بڻجندو پيشنٽ ايڊ فائونڊيشن جي چيئرمين مشتاق چيرا چيو ته فائونڊيشن پاڪستان جي سرڪاري صحت جي شعبي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهي آهي

بقايا 33 روزاني عبرت

باهر پارٽ مزاحيا فنڪارن سان گڏ پرفارم پڻ ڪم ڪيو جن ۾ بالي ووڊ ايڪٽر جوني ليور سرفهرست آهي خالد نظامي جي موسيقي ۾ ترتيب ڏنل گلوڪارا روبينا بدر جي ڳايل گاني "تم سنگ نينا لاڳي" کي گهڻي مقبوليت ملي ڪيس موسيقي جي 8 سازن کي وڄائڻ تي مهارت حاصل هئي جن ۾ ستار، گٽار طبلو ايڪورڊين رائيدم گٽار ۽ بانسري شامل آهن هن فلم حقيقت پهچان سورج پي تماشائي ۽ زنجير شامل آهن هو 28 سالن کان آمريڪا ۾ هڪ ميوزڪ ڪمپني سان لاڳاپيل رهي اتي رهيو جڏهن ته ڪجهه سال اڳ پاڪستان ۾ شفٽ ٿيو پر ٽي وي ڊراما انڊسٽري کان پري رهيو

بقايا 34 روزاني عبرت

قيمتي سرمايو آهي ۽ انهن کي معياري تعليم، جديد مهارتن ۽ اڳواڻي وارين صلاحيتن فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن هتي يوٿ ڊوليپمينٽ پروگرام جي باني صدر حمزه رحمان ملاقات دوران ڪيو ملاقات دوران نوجوانن جي قيادت، تعليم مهارتن کي هٿي وٺرائڻ ۽ ڪميونٽي خدمتن بابت مختلف معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون ان موقعي تي گورنر چيو ته نوجوانن جي صلاحيتن کي استعمال ڪري ملڪ جي پائيدار ترقي جي خوشحالي جو بنياد رکي سگهجي ٿو هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته نوجوانن لاءِ تعليم ۽ هنر ۽ قيادت جا بهترين موقعا پيدا ڪرڻ قومي ترجيحن ۾ شامل هجڻ گهرجي هن نوجوانن جي بهتري، سماجي خدمتن ۽ ڪميونٽي ترقي لاءِ يوٿ ڊوليپمينٽ پروگرام جي ڪوشش جي واکاڻ ڪندي اميد ظاهر ڪئي ته اهڙيون سرگرميون نوجوان نسل کي قومي ترقي ۽ تعمير ۾ اثرائتي ڪردار لاءِ متحرڪ ڪنديون

بقايا 35 روزاني عبرت

۾ پاليسين جي عدم تسلسل ترقيءَ جي سفر کي تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي جڏهن ته پائيدار ترقيءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 10 کان 15 سالن تائين قومي پاليسين جو تسلسل اڻٽر آهي اڏام پاڪستان تحت حڪومت ملڪ جي بنيادي سماجي ۽ اقتصادي چئلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ جامع حڪمت عملي تي عمل ڪري رهي آهي جنهن ۾ تعليم، صحت، آبادي، نوجوان، عورتن، جديد ٽيڪنالاجي ۽ مصنوعي ذهانت کي قومي ترقيءَ جو محور بڻايو ويو آهي اسٽريٽجڪ ڊائلاگ اينڊ لانچ آف ڊوليپمينٽ ايڊووڪيٽ پاڪستان جي تقريب کي خطاب ڪندي وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو ته پاڪستان جي ترقيءَ ۾ سڀ کان وڏي رنڊڪ پاليسين جو عدم تسلسل آهي هن چيو ته حڪومتن جي تبديليءَ سان پاليسي فريم ورڪ به تبديل ڪيو ويندو آهي جنهن سبب ويزن 2020ع ۽ ويزن 2025ع جهڙا اهم ترقياتي منصوبا به سياسي تبديلين جي نذر ٿي ويا هن چيو ته ڪنهن به قومي منصوبي جي ڪاميابيءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 10 کان 15 سالن تائين پاليسين جو تسلسل ضروري آهي چاڪاڻ ته مستقل مزاجي ڪانسواءِ بهترين منصوبا به گهربل نتيجا نٿا ڏئي سگهن احسن اقبال چيو ته پاڪستان جو سڀ کان وڏو چئلينج ٽڪل سماجي ۽ اقتصادي ڍانچو آهي ۽ معاشي ترقي ان ئي وقت ممڪن آهي جڏهن اقتصادي ۽ سماجي شعبن ۾ هم آهنگي پيدا ڪئي وڃي. هن چيو ته سماجي اهڃاڻن ۾ بهترين ڪانسواءِ پائيدار ترقي جو خواب اڻپورو آهي. ان لاءِ اڏام پاڪستان تحت بنيادي مسئلن لاءِ جامع سڌارا متعارف ڪرايا پيا وڃن وفاقي وزير چيو ته موسمياتي تبديلي سبب پاڻي ۽ خوراڪ جو تحفظ سخت خطرن جي ور چڙهيل آهي جڏهن ته صحت جي شعبي ۾ به پاڪستان کي سنگين چئلينجز درپيش آهن

بقايا 36 روزاني عبرت

چين جي وڏي سرڪاري انفراسٽرڪچر ۽ سيڙپڪاري ادارن ۾ شامل شينڊونگ هاءِ اسپيڊ گروپ ڪمپني لميٽيڊ (ايس ڊي ايڇ ايس) جي اعليٰ سطحي وفد ملاقات ڪئي ملاقات ۾ پاڪستان ۽ چين وچ ۾ اقتصادي سهڪار کي وڌيڪ هٿي وٺرائڻ انفراسٽرڪچر، ٽرانسپورٽ، توانائي لاجسٽڪس، صنعتي ترقي ۽ ٻين اسٽريٽجڪ شعبن ۾ سيڙپڪاريءَ جي نون موقعن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي سينيٽ سيڪريٽريٽ موجب شينڊونگ هاءِ اسپيڊ گروپ جي وفد جي اڳواڻي اداري جي چيئرمين شوزياڱ ڪئي، جڏهن ته وفد ۾ ڪنٽري ڊائريڪٽر وانگ زين روڱ ۽ تاباني گروپ جي چيئرمين حمزه تاباني به شامل هئا. وفد جي آجيان ڪندي سينيٽ چيئرمين چيو ته پاڪستان ۽ چين جي دوستي گڏيل اعتماد، احترام ۽ پختي سهڪار تي ٻڌل هڪ لازوال آزمايل رشتو آهي هن چيو ته چين هر ڏکيءَ گهڙيءَ ۾ پاڪستان جو ڀرپور ساٿ ڏنو آهي ۽ پاڪستاني عوام ان مخلصاڻي دوستيءَ کي بيحد قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي سينيٽ چيئرمين پاڪستان جي اقتصادي ترقيءَ ۾ چيني ڪمپنين ۽ سيڙپڪارن جي نمايان ڪردار کي ساراهيندي چيو ته سندن سيڙپڪاريءَ سان ملڪ ۾ خوشحاليءَ کي هٿي ملي رهي آهي، روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿي رهيا آهن ۽ ٻنهي ملڪن جي عوام لاءِ پائيدار اقتصادي ترقيءَ جي راهه هموار ٿي رهي آهي

بقايا 37 روزاني عبرت

جي چونڊن ۾ ڌانڌلي جو ڪو ثبوت آهي ته ان کي لاڳاپيل قانوني ۽ چونڊ فورمز تي پيش ڪري، بي بنياد الزام عوام جي فيصلي کي تڪراري نٿا بڻائي سگهن اربع ڏينهن ايڪس تي پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته پ پ هڪ ڀيرو بيهر پراڻي روايت ورجائي رهي آهي بنا ڪنهن ثبوت جي ڌانڌليءَ جا الزام لڳائي شڪست کي لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي آهي. آزاد ڪشمير جي ماڻهن بيلٽ ذريعي پنهنجو فيصلو ٻڌايو پ پ جي اڳوڻي حڪومت جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ کان پوءِ هن ترقي، استحڪام ۽ خدمت جي سياست ۾ اعتماد سان پاڪستان مسلم ليگ (ن) کي ووٽ ڏنو هن چيو ته جيڪڏهن پ پ وٽ واقعي ڪو ثبوت آهي ته ان کي لاڳاپيل قانوني ۽ چونڊ فورمز تي پيش ڪرڻ گهرجي، بي بنياد الزام عوام جي فيصلي کي تڪراري نٿو بڻائي سگهجي

بقايا 38 روزاني عبرت

خاطري ڪرائي وزيراعليٰ هائوس ۾ آمريڪا جي هڪ معزز ڪاروباري وفد سان اعليٰ سطحي اجلاس ۾ ڳالهائيندي مراد شاهه سنڌ جي اسٽريٽجڪ لوڪيشن مضبوط صنعتي بنياد، جهجهن قدرتي وسيلن ۽ انرجي، ٽيڪنالاجي انفراسٽرڪچر هيلٿ ڪيئر ٽورزم، زراعت ۽ لاجسٽڪس ۾ وڌندڙ سيڙپڪاريءَ جي موقعن کي نمايان ڪيو اجلاس ۾ آمريڪا ۾ قائم ڪاروباري اڳواڻن سيڙپڪارن ۽ اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل جي نمائندن سميت صوبائي وزيرن سينيئر سرڪاري عملدارن ۽ سنڌ حڪومت جي انويسٽمينٽ ۽ پي پي پي ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي سيڙپڪاري ۽ پي پي پي تي وڏي وزير جي اسپيشل اسسٽنٽ، سيد قاسم نويد قمر هڪ تفصيلي پريزنٽيشن ڏني جنهن ۾ سنڌ جي معاشي طاقتن سيڙپڪاريءَ لاءِ تيار منصوبن ۽ وڏي پيماني تي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپس کي لاڳو ڪرڻ ۾ ڪامياب تجربي کي پيش ڪيو ويو وفد کي خطاب ڪندي وڏي وزير چيو ته سنڌ پاڪستان جي جي ڊي پي ۾ تقريبن 25 سيڪڙو حصو وجهي ٿي ۽ ملڪ جي سڀ کان وڏي تجارتي ۽ صنعتي مرڪزن جي ميزباني ڪري ٿي جيڪا ان کي علائقائي ۽ بين الاقوامي مارڪيٽن لاءِ قدرتي گيٽ وي بڻائي ٿي وڏي وزير چيو سنڌ ڪاروبار لاءِ کليل آهي، اسان جي حڪومت هڪ شفاف، قابل اڳڪٿي ۽ سيڙپڪار دوست ماحول کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پوريءَ ريت عزمي آهي هن وڌيڪ چيو اسان ريگيوليٽري سڌارن سادي ۽ آسان بڻايل طريقيڪارن ڊجيٽل گورننس جي قدمن ۽ سيڙپڪاريءَ جي راهه ۾ غير ضروري رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ لاءِ نجي شعبي سان سرگرم مشاورت ذريعي ڪاروبار ڪرڻ جي آسانيءَ کي بهتر بڻائڻ جاري رکيو آهي مراد شاهه وفد کي ٻڌايو ته سنڌ قابل تجديد توانائي، ٽيڪنالاجي ۽ جديد پيداوار ۾ وڏي صلاحيت رکي ٿي هن چيو ته صوبي جي ٿر ڪوئلي جي وسيع ذخيرن، وڏي پيماني تي هوا ۽ شمسي وسيلن، وڏي ساحلي پٽي ۽ ڪراچي پورٽ ۽ پورٽ قاسم ذريعي اسٽريٽجڪ ڪنيڪٽيويٽي ڏانهن اشارو ڪيو وڏي وزير ڪيترن ئي تبديلي آڻيندڙ قدمن کي نمايان ڪيو جن ۾ مجوزه ڪيٽي بندر انٽيگريٽيڊ انڊسٽريل اينڊ سيپورٽ هب، سنڌ انٽرنيشنل فنانشل سٽيز گرين انرجي سان هلندڙ ڊيٽا سينٽرز ۽ اي آءِ انفراسٽرڪچر، صنعتي ۽ ٽيڪنالاجي زونز، فضلي واري پاڻي جي علاج جون سهولتون، لوڻياڻو پاڻي مٺو ڪرڻ جا منصوبا ۽ صوبي جي ساحلي پٽي سان گڏ سياحت جي ترقي شامل آهن هن چيو چاهي توهان جي دلچسپي ٽيڪنالاجي هيلٿ ڪيئر، انفراسٽرڪچر مينوفيڪچرنگ، ڊجيٽل فنانس، زراعت يا ايندڙ صنعتن ۾ هجي، سنڌ ترقي ۽ توسيع لاءِ هڪ اسٽريٽجڪ پليٽ فارم فراهم ڪري ٿي هن سيڙپڪارن کي يقين ڏياريو ته سنڌ حڪومت پروجيڪٽ جي ترقي، منظورين ۽ عملدرآمد ۾ مڪمل سهولت فراهم ڪندي مراد شاهه چيو صوبي جي چيف ايگزيڪيوٽو جي حيثيت ۾، مان توهان کي موقعن جي جائزي وٺڻ، پائيداري قائم ڪرڻ ۽ سيڙپڪاري جي منصوبن کي لاڳو ڪرڻ ۾ سنڌ حڪومت جي مڪمل مدد ۽ سهولت جي خاطري ڏيان ٿو وڏي وزير سنڌ جي عالمي سطح تي مڃيل پي پي پي پروگرام کي پڻ نمايان ڪيو ۽ نوٽ ڪيو ته صوبو ايشيا جي اهم پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ اختيارن مان هڪ طور اڀري آيو آهي هن بين الاقوامي طور تي ساراهيل منصوبن جو حوالو ڏنو جن ۾ ٿر ڪوئلي جي ترقي، نبيسر-وجهياڙ واٽر سپلاءِ پروجيڪٽ، ملير ايڪسپريس وي، اين اي ڊي ٽيڪنالاجي پارڪ ۽ مختلف قابل تجديد توانائي جا قدم شامل آهن پريزنٽيشن دوران سيڙپڪارن کي آگاهه ڪيو ويو ته سنڌ ڪاميابيءَ سان هڪ طرف ملين ڊالرز جي ماليت جا پي پي پي پروجيڪٽس مڪمل ۽ شروع ڪري چڪي آهي جڏهن ته ٻئي طرف ٽرانسپورٽ، پاڻي، توانائي، صنعتي ترقي، سياحت ۽ سماجي شعبن ۾ ملٽي بلين ڊالر جي موقعن جي پائيپ لائن کي برقرار رکيو آهي وفد کي خاص طور تي صنعتي پارڪن ٿاٻيجي اسپيشل اڪنامڪ زون اڪواڪلچر ۽ سامونڊي غذا جي برآمدات، گرين ڊجيٽل انفراسٽرڪچر هيلٿ ڪيئر سروس ايمپروڊ ايجوڪيشن ٽيڪنالاجي سياحتي ريسارٽس، ويسٽ واٽر ٽريٽمينٽ، ڊي سيلينيشن پلانٽس ۽ قابل تجديد توانائي سان هلندڙ ڊيٽا سينٽرز ۾ سيڙپڪاري جي موقعن بابت بريفنگ ڏني وئي

بقايا 39 روزاني عبرت

وفاقي وزير محسن نقوي وطن لاءِ حياتي جي قرباني ڏيندڙ بهادر شهيد ڊي ايس پي مريد بگٽي کي خراج عقيدت پيش ڪيو آهي پنهنجي بيان ۾ گهرو وزير چيو ته ڊي ايس پي مريد بگٽي جي بارڪان ۾ علائقي رکني ۾ آپريشن دوران شهادت جو عظيم رتبو ماڻيو مرحوم شجاعت، فرض شناسي ۽ قربانيءَ جو لازوال مثال قائم ڪيو آهي محسن نقوي چيو ته بارڪان ۾ امن خاطر شهادت ماڻيندڙ ڊي ايس پي قوم جو فخر آهي ڊي ايس پي مريد بگٽي شهيد جي عظيم قربانيءَ کي قوم سلام پيش ڪري ٿي ۽ بلوچستان پوليس جي بهادر پٽ جي قربانيءَ کي هميشه ياد رکيو ويندو گهرو وزير مرحوم جي وارثن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو

بقايا 40 روزاني عبرت

سون جي قيمت ۾ هڪ هزار رپين جي گهٽتائي سان في تولو سون 4 لک 26436 رپيا ٿي ويو آهي آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب اربع ڏينهن سون جي في تولي جي قيمت ۾ هڪ هزار رپين جي گهٽتائيءَ کان پوءِ في تولو سون 4 لک 26436 رپين جو ٿي ويو جڏهن ته 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت به 857 رپيا گهٽتائيءَ کان پوءِ 366457 رپين کان 365600 رپيا ٿي وئي، جڏهن ته 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 331335 رپين مان 335145 رپيا ٿي وئي، چانديءَ جي في تولي جو اگهه 68 رپين جي واڌ کانپوءِ 6291 رپيا ۽ 10 گرام چانديءَ جو اگهه 58 رپين جي واڌ کانپوءِ 5393 رپيا ٿي ويو

بقايا 41 روزاني عبرت

چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان ڪويت جي پرڏيهي وزير شيخ جراح جابر الاحمد الصباح پاڪستان ۾ ڪويت جي سفير ناصر عبدالرحمان جي المطيري سان جنرل هيڊ ڪوارٽرز راولپنڊيءَ ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران گڏيل دلچسپيءَ جي معاملن خطي جي سيڪيورٽي جي صورتحال ۽ ٻه طرفي سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ جي قدمن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون معزز مهمان پاڪستان جي پختي حمايت، علائقائي امن ۽ استحڪام کي هٿي وٺرائڻ لاءِ سندس تعميري ڪردار ۽ ٻنهي ڀائر ملڪن وچ ۾ گهرن لاڳاپن کي ساراهيو فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ڪويت سان پاڪستان جي مضبوط ناتن جي عزم جو ورجاءُ ڪندي ان ڳالهه تي زور ڀريو ته ٻئي ملڪ خطي ۾ امن استحڪام ۽ خوشحاليءَ لاءِ گڏيل ويزن رکن ٿا

بقايا 42 روزاني عبرت

پاران فلسطيني آبادين تي ٿيندڙ حملن جي شديد مذمت ڪئي آهي جن ۾ 2 مسجدن کي باهه ڏيڻ جا واقعا به شامل آهن. پرڏيهي ميڊيا موجب گڏيل قومن جي نائب ترجمان فرحان حق موجب سيڪريٽري جنرل فلسطيني برادرين تي حملن، نجي ملڪيتن جي ڀڃ ڊاهه ڪرڻ ۽ فلسطينين ۽ سندن روزگار کي نشانو بڻائڻ جي واقعن تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. هن چيو ته عبادت گاهن تي حملا نهايت سنگين ۽ ناقابل قبول آهن جيڪي پهرين کان خراب صورتحال کي وڌيڪ خراب ڪري سگهن ٿا. سيڪريٽري جنرل مطالبو ڪيو ته انهن حملن ۾ ملوث ماڻهن جي فوري سڃاڻپ ڪري کين عالمي قانون موجب انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي انٽونيو گوتريش اسرائيلي اختيارين تي زور ڀريو ته هو فلسطينين سندن گهرن ۽ عبادتگاهن تي وڌيڪ حملن جي روڪ ٿام لاءِ جلد ۽ بهتر قدم کڻي شهرين جي تحفظ کي يقيني بڻائي. هن سمورين ڌرين تي زور ڏنو ته تحمل جو مظاهرو ڪرڻ، وڌيڪ ڇڪتاڻ کان پاسو ڪرڻ ۽ حالتن کي معمول تي آڻڻ لاءِ فوري قدم کڻڻ جي به اپيل ڪئي آهي

بقايا 43 روزاني عبرت

ڪٽي ناهن سگهيا. هڪ جلسي کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پيپلز پارٽي جو مقابلو ڪا به سياسي پارٽي نٿي ڪري سگهي ۽ عوام جي حمايت رڳو سندن پارٽي سان گڏ آهي هن وفاقي حڪومت ۽ پنجاب حڪومت تي سخت تنقيد ڪندي دعويٰ ڪئي ته وزيراعظم ۽ پنجاب جي وزيراعليٰ 47 جي بنياد تي اقتدار ۾ آيا آهن بلاول ڀٽو زرداري چيو ته 2 آگسٽ تي تير جي سوڀ يقيني آهي، عوام ناڪام ۽ نااهل حڪومت کان بيزار ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي تبديلي چاهي ٿو بلاول ڀٽو وڌيڪ چيو ته هر چوري ٿيل سيٽ واپس وٺنداسين

بقايا 44 روزاني عبرت

اڳوڻي قومي ڪرڪيٽ ٽيم جي فاسٽ بالر ۽ ڪپتان وسيم اڪرم جو قيمتي پالتو ڪتو ڪراچي جي علائقي درخشان مان گم ٿي ويو آهي. ذريعن موجب وسيم اڪرم ڪتي جي گمشدگي بابت لاڳاپيل ٿاڻي تي رپورٽ درج ڪرائي آهي جڏهن ته هن ڪتي کي ڳولي واپس ڪندڙ شخص لاءِ اڍائي لک رپيا انعام ڏيڻ جو اعلان پڻ ڪيو آهي وسيم اڪرم شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته جيڪڏهن ڪنهن کي سندس پالتو ڪتي بابت ڪا به ڄاڻ ملي ته فوري طور تي اطلاع ڏنو وڃي

PAKISTAN AIRPORTS AUTHORITY (PAA)

پاکستان ائیرپورٹس اتھارٹی

نوٹس برائے خریداری

تعمیراتی اُمورکی خریداری

1۔ پاکستان ایئرپورٹس اتھارٹی (پلاننگ اینڈ ڈویلپمنٹ ڈائریکٹوریٹ) کو ای پیڈز ورژن 2.0 پر موجود بولی کے دستاویزات میں بیان کردہ کام "اسکردو انٹرنیشنل ایئرپورٹ، اسکردو پر نئے ایئرٹریفک کنٹرول ٹاور، فائراسٹیشن اور متعلقہ سہولیات کی تعمیر" کے لیے پاکستان انجینئرنگ کونسل میں رجسٹرڈ اہل بولی دہندگان سے الیکٹرانک بولیاں مطلوب ہیں۔ انفرادی طور پر درخواست دینے والے مقامی کنسٹرکٹر کے پاس پاکستان انجینئرنگ کونسل میں کیٹیگری C-A کی درست رجسٹریشن اور کام کی نوعیت سے متعلق کم از کم درج ذیل اسپیشلائزیشن کوڈز ہونا لازمی ہیں: CE-01، CE-02(ii)، CE-10، BC-01(ii)، ME-01(HVAC)، ME-02، ME-03، EE-03، EE-04 اور EE-07۔ متبادل طور پر بولی دہندگان جوائنٹ وینچر کے ذریعے بھی حصہ لے سکتے ہیں، جس میں یا تو: (i) ایک مقامی کنسٹرکٹر بطور لیڈ پارٹنر، جس کے پاس کیٹیگری C-A میں درست پاکستان انجینئرنگ کونسل رجسٹریشن ہو، اور مقامی پارٹنر یا پارٹنرز کے پاس کیٹیگری C-2 یا اس سے اعلیٰ کی رجسٹریشن ہو؛ یا (ii) ایک غیرملکی کنسٹرکٹر بطور لیڈ پارٹنر، جس کے پاس کیٹیگری FC-A میں درست پاکستان انجینئرنگ کونسل رجسٹریشن ہو، اور مقامی پارٹنر یا پارٹنرز کے پاس کیٹیگری C-2 یا اس سے اعلیٰ کی رجسٹریشن ہو۔ دونوں صورتوں میں جوائنٹ وینچر کے پاس اجتماعی طور پر مذکورہ بالا تمام اسپیشلائزیشن کوڈز موجود ہونا لازمی ہوں گے۔

2۔ اس خریداری کے لیے سنگل اسٹیج–2 لفافہ طریقہ کار اختیار کیا جائے گا اور کم ترین لاگت پر مبنی انتخاب (LCBS) کی تکنیک استعمال کی جائے گی، جو پبلک پروکیورمنٹ رولز 2004 اور اتھارٹی کی جانب سے وقتاً فوقتاً جاری کردہ قواعد، ریگولیشنز، ریگولیٹری ہدایات، خریداری کا طریقہ کار یا ہدایات کے مطابق ہوگی۔

3۔ تمام بولیوں کے ساتھ دس کروڑ روپے (100,000,000 روپے) مالیت کی بینک گارنٹی کی صورت میں زرِضمانت منسلک کرنا لازمی ہوگا۔ زرِضمانت پاکستان ایئرپورٹس اتھارٹی کے حق میں ہوگی اور اصل تکنیکی بولی کے ساتھ فزیکل طور پر درج ذیل پتے پر بولی جمع کرانے کی آخری تاریخ اور وقت تک یا اس سے پہلے جمع کرائی جائے گی۔ فنانشل بولی کی ہارڈ کاپی جمع نہیں کرائی جائے گی بلکہ اسے صرف ای پیڈز ورژن 2.0 پر اپ لوڈ کیا جائے گا۔ تفصیلی شرائط و ضوابط، تکنیکی تفصیلات اور دیگر ضروری معلومات پر مشتمل الیکٹرانک بولی کے دستاویزات ای۔ پاک ایکوزیشن اینڈ ڈسپوزل سسٹم کی ویب سائٹ https://vendors.epads.gov.pk/. پر دستیاب ہیں۔

4۔ الیکٹرانک بولیاں، جو الیکٹرانک بولی کے دستاویزات میں درج ہدایات کے مطابق تیار کی گئی ہوں، جمعرات، 27 اگست 2026، صبح 11:00 بجے تک ای پیڈز ورژن 2.0 کے ذریعے جمع کرائی جائیں۔ تجاویز اسی روز جمعرات، 27 اگست 2026، دوپہر 12:30 بجے کھولی جائیں گی۔ بولیوں کی دستی طور پر جمع کرائی گئی نقول قابل قبول نہیں ہوں گی۔ پری بڈ اجلاس 13 اگست 2026، صبح 11:00 بجے پروجیکٹ ڈائریکٹر آفس، اسکردو انٹرنیشنل ایئرپورٹ میں منعقد ہوگا۔ کسی بھی مراسلت یا معلومات کے لیے انجینئر کاشف علی، پروجیکٹ ڈائریکٹر سے اس نمبر: 92-334-3687182 پر رابطہ کیا جاسکتا ہے۔

5۔ وہ کانٹریکٹرز/فرمز جنہوں نے ابھی تک ای پیڈز ورژن 2.0 پر رجسٹریشن نہیں کرائی، وہ https://vendors.epads.gov.pk/ پر اپنی رجسٹریشن مکمل کر سکتے ہیں۔ رجسٹریشن کے طریقہ کار کی وضاحت کے لیے ٹریننگ ویڈیو https://www.youtube.com/watch?v=MNW6T38v7tc. پر دستیاب ہے۔

6۔ پبلک پروکیورمنٹ رولز 2004 کے ضوابط 48 کے تحت اس خریداری کے سلسلے میں کسی بھی شکایات کے ازالے کیلئے کمیٹی تشکیل دے دی گئی ہے، جس کا نوٹیفکیشن خریداری کرنے والے ادارے کی ویب سائٹ پر دستیاب ہے، نیز ای پیڈز ورژن 2.0 اور اتھارٹی کی ویب سائٹ: www.ppra.org.pk پر بھی موجود ہے۔

ڈائریکٹر (P&D)
پلاننگ اینڈ ڈویلپمنٹ ڈائریکٹوریٹ،
پاکستان ایئرپورٹس اتھارٹی، ٹرمینل-1، جناح انٹرنیشنل ایئرپورٹ، کراچی
فون: 99242773 (92-21) ایکسٹینشن 2081
فیکس: 99242683 (92-21)
ای میل: director.pdev@paa.gov.pk
contmgntbranch@gmail.com
www.paa.gov.pk

PID-K-300/26

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشورو

علامه آءِ آءِ قاضي ڪيمپس، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.
ٽيليفون: 0229213414، 0229213417.
sindh.textbook.board@gmail.com
فيلڊ آفيس: قذافي ٽائون جي ويجهو، لانڍي، ڪراچي، فون: 02132623545

تصحيح

حوالو: "ڪتابن جي ڇپائي، بائنڊنگ ۽ سپلاءِ" جي خريداري لاءِ نوٽيس انوائيٽنگ ٽينڊر (NIT) جيڪو روزنامه ڊان تاريخ 28.07.2026 ۽ روزنامه جنگ تاريخ 28.07.2026 تي شايع ٿيو، جنهن جو رفرنس نمبر INF/KRY3185/2026 آهي.

سمورن دلچسپي رکندڙ بولينڊڙن کي هتي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته نوٽيس انوائيٽنگ ٽينڊر (NIT) ۾ ذڪر ڪيل تعليمي سال 2026-27 کي تعليمي سال 2027-28 پڙهيو وڃي.

نوٽيس انوائيٽنگ ٽينڊر جون باقي سڀئي شرطون ۽ ضابطا اڻبدليل رهندا.

سيڪريٽري
سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشورو

INF/KRY:3203/2026

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

آزاد ڪشمير: چونڊ تڪرار ۽ امن امان جو چئلينج!
صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار
جنتر منتر: هندو-مسلم ايڪتا جي فتح..!
صفحو 4

محمد محسن رضا
چونڊن جو پهريون مرحلو، نئون امتحان!
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن ...... 30 جولاءِ
صفحو 4

دادو چيمبر آف ڪامرس پاران فوڊ ۽ روينيو کاتن جي آفيسرن خلاف احتجاجي مظاهرو،ڌرڻو

اسان جون 5 گاڏيون زبردستي بيهاري گودام تي لاٿيون ويون آهن جنهن ۾ اسان جو 17 هزار ڪڻڪ جون ٻوريون شامل آهن:اقبال چارڻ

سرڪاري اگهه في ٻوري جو 8720 روپيا آهي جڏهن ته اوپن مارڪيٽ ۾ في ڪڻڪ جي ٻوري جو اگهه 11 هزار کان 12 هزار هلي پيو

حڪومت جي ڪڻڪ بابت پاليسي آبادگارن لاءِ بهتر آهي پر ميرٽ نه آهي،هاري ڪارڊ انهن کي مليو هو جنهن وٽ زمين هجي

اربين روپين جا ڊي اي پي ۽ يوريا ٻاڻ جعلي ماڻهن کي به مليا آهن اسان کي ميسيج آيو 480 ٻورين جو ان جي بدلي اسان 521 ٻوريون جمع ڪرايون

دادو(رپورٽ-ولي محمد لنڊ) چيمبر آف ڪامرس انڊسٽريز ۽ انجمن تاجران ضلع دادو جي اڳواڻن محمد اقبال چارڻ، گل حسن پنهور شعيب چارڻ، پرويز جوڻيجو عبدالرئوف مستوئي، محرم علي پيچوهو محمد اسماعيل ابڙو حسين ڪوڪر غلام رسول ڪوڪر ۽ ٻين دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو اس ۾ ڌرڻو هنيو ويو واپارين پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته فوڊ کاتو ۽ روينيو کاتو اسان واپارين جو دشمن بڻجي ويو آهي اسان ڪڻڪ جي واپارين سان سنڌن ظلم وڌي ويو آهي اسان جون 5 گاڏيون زبردستي بيهاري گودام تي لاٿيون ويون آهن جنهن ۾ اسان جو 17 هزار ڪڻڪ جون ٻوريون شامل آهن سرڪاري اگهه في ٻوري جو 8720 روپيا آهي جڏهن ته اوپن مارڪيٽ ۾ في ڪڻڪ جي ٻوري جو اگهه 11 هزار کان 12 هزار هلي پيو سنڌ حڪومت جي ڪڻڪ بابت پاليسي آبادگارن لاءِ بهتر آهي پر ميرٽ نه آهي هاري ڪارڊ انهن کي مليو هو جنهن وٽ زمين هجي، اربين روپين جا ڊي اي پي ۽ يوريا ٻاڻ جعلي ماڻهن کي به مليا آهن اسان کي ميسيج آيو 480 ٻورين جو ان جي بدلي اسان 521 ٻوريون جمع ڪرايون دادو ضلعي جي ڪڻڪ ٻورين جو ٽارگيٽ 10 لک هو جيڪو اپريل جي هڪ هفتي ٽارگيٽ هيو پر هاڻ فوڊ کاتو ۽ روينيو کاتو اسان واپارين کي هٿ سان تباهه ڪرڻ جي پويان آهن ٻاهرين ملڪن ۾ واپارين کي مضبوط ڪرڻ لاءِ لون سميت هر سهولتون فراهم ڪيون وڃن ٿيون پر هتي ڪم ابتو آهي اگر اهيو ئي ڪم رهيو ته ڪڻڪ جي اٽي جو اگهه وڌيڪ مٿي چڙهي ويندو 5 گاڏيون بيهاري اسان واپارين کان دادو فوڊ کاتي ۽ دادو روينيو عملي ۽ پوليس 3 لک روپيا رشوت گهري نه ڏيڻ تي لائيسنس ۽ ٻيون سرڪاري گهرجون پوريون ڪرڻ باوجود واپارين جون 5 گاڏيون سرڪاري گودامن تي لاهي ڇڏيون ڪروڙن جو نقصان ڏنو رات ڊي سي دادو کان 2 ڪلاڪ گڏجاڻي ڪري سنڌس کي سموريون حقيقتون سامهون آنديون جنهن تي ڪنهن به اعتراض نه ڪيو جنهن بعد ڊي سي دادو اسان واپارين کي خاطري ڪرائيندي چيو ته دادو فوڊ کاتو ۽ روينيو عملو ڪوڙ غلط ڪم نه ڪندو پر اسان سان ظلم جاري آهن اهو عمل رهيو ته اسان واپاري دادو پريس ڪلب آڏو بک هڙتال ڪئمپ قائم ڪرڻ سان گڏ عدالت جو رخ ڪنداسين

دادوچيمبر آف ڪامرس پاران فوڊ ۽ روينيو کاتن جي آفيسرن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

پي ايس-30 گمبٽ-سوڀوديرو ۾ ضمني چونڊ لاءِ سياسي سرگرميون تيز ٿي ويون

آزاد اميدوار اسلم سهتو پيپلز پارٽي اميدوار اسفنديار ڪرل جي حق ۾ هٿ کڻي ويو

16 آگسٽ پيپلز پارٽي جي فتح جو ڏينهن ثابت ٿيندو:بئريسٽر اسفنديار ڪرل

هنگورجا(ن ع) پي ايس-30 گمبٽ-سوڀوديرو جي ضمني چونڊ لاءِ سياسي سرگرميون تيز ٿي ويون آهن آزاد اميدوار اسلم سهتو لکياري هائوس هنگورجا ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر پير سيد ڪاظم علي شاهه لکياري ۽ سيد محرم علي شاهه لکياري جي موجودگي ۾ پيپلز پارٽي جي اميدوار بئريسٽر اسفنديار ڪرل جي حق ۾ هٿ کڻي سنڌس حمايت جو اعلان ڪري ڇڏيو صحافين سان ڳالهائيندي اسلم سهتو چيو ته هن سينيئر پير سيد ڪاظم علي شاهه لکياري ۽ سيد محرم علي شاهه جي چوڻ تي پيپلز پارٽي جي اميدوار بئريسٽر اسفنديار ڪرل جي حمايت جو فيصلو ڪيو آهي ان موقعي تي بئريسٽر اسفنديار ڪرل چيو ته 16 آگسٽ پيپلز پارٽي جي فتح جو ڏينهن ثابت ٿيندو ۽ ٽڪ جو عوام تير جي نشان تي ٺپو هڻي ڪيس ڪامياب ڪندو جڏهن ته سينيئر پير سيد ڪاظم علي شاهه لکياري چيو ته پي ايس-30 جو عوام 16 آگسٽ تي تير جي نشان تي ووٽ ڏئي پيپلز پارٽي جي اميدوار بئريسٽر اسفنديار ڪرل کي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ڪندو

نصيرآباد ۾ بجلي جي هٽرادو لوڊشيڊنگ خلاف گرڊ اسٽيشن آڏو ڌرڻو

شهري اتحاد پاران هٽرادو ۽ ڏکي لوڊشيڊنگ خلاف ڌرڻو هنيو ويو

هٽرادو ۽ غيراعلانيه لوڊشيڊنگ ختم ڪري فراهمي يقيني بڻائي وڃي:اڳواڻ

نصيرآباد(ن ع)بجلي جي هٽرادو لوڊشيڊنگ خلاف شهري اتحاد جو گرڊ اسٽيشن آڏو احتجاجي ڌرڻو ، انڊس هاءِ وي بند ڪرڻ جو چتاءُ،نصيرآباد ۾ شهري اتحاد پاران سپيڪو جي هٽرادو ۽ ڏکي لوڊشيڊنگ خلاف گرڊ اسٽيشن آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي جي اڳواڻي ڪامريڊ سينگار نوناري، ضمير مغيري، زاهد ٽنيو ننگر چنا ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي مظاهرين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي سپيڪو انتظاميه خلاف سخت نعريبازي ڪئي احتجاجي ڌرڻي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته نصيرآباد ۾ 24 ڪلاڪن دوران صرف چار ڪلاڪ به بجلي جي فراهمي نه پئي ڪئي وڃي جنهن سبب شهري سخت عذاب ۾ مبتلا آهن اڳواڻن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته تعلقي جي مختلف يونين ڪائونسلن جي ڳوٺن ۾ سالن کان بجلي جي فراهمي بند آهي جنهن سبب شهر ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو آهي هنن وڌيڪ چيو ته ڏکي لوڊشيڊنگ سبب شهرين جو ڪاروبار سخت متاثر ٿي رهيو آهي جڏهن ته رائيس ملون ۽ ٻيا ڪارخانا بند هجڻ ڪري روزاني مزدوري ڪندڙ پورهيت بيروزگاري ۽ معاشي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن احتجاج ڪندڙ اڳواڻن مطالبو ڪيو ته نصيرآباد ۾ هٽرادو ۽ غيراعلانيه لوڊشيڊنگ جو سلسلو فوري طور ختم ڪري بجلي جي باقاعده فراهمي يقيني بڻائي وڃي ٻي صورت ۾ شهري اتحاد پاران احتجاج جو دائرو وڌائيندي انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويندو جنهن جي سموري ذميواري سپيڪو انتظاميه تي هوندي

نصيرآباد: بجلي جي هٽرادو لوڊشيڊنگ خلاف گرڊ اسٽيشن آڏو ڌرڻو هنيو پيو وڃي

نار ڊسٽري ۾ پاڻي جي سخت کوٽ خلاف علامتي بک هڙتال ٽئين ڏينهن به جاري

يوٿ پارليامينٽ ۽ آبادگار جدوجهد ڪميٽي جي اڳواڻن پاران هلندڙ بک هڙتال تي ويٺلن ڪامورن خلاف سخت نعريبازي ڪئي

پاڻي جي کوٽ سبب هزارين ايڪڙ زمين بنجر بڻجڻ سبب سوين خاندان بک بدحالي جو شڪار ٿي ويندا: امجد گاڏهي

ايم اين وي ڊرين ۽ چنڊڻ جي بندن جي وقت سر مرمت نه ٿيڻ سبب ايندڙ برساتن دوران علائقو وڏي خطري کي منهن ڏئي سگهي ٿو

هزارين ايڪڙن تي پوکيل ٻڄارو سڙي ۽ سڪي رهيو آهي، جنهن سان زرعي زمينون بنجر ٿيڻ ۽ سوين خاندانن جي روزگار ختم ٿيڻ جو خطرو پيدا ٿي ويو آهي

خيرپور ناٿن شاهه(ن ع) يوٿ پارليامينٽ ۽ آبادگار جدوجهد ڪميٽي جي اڳواڻن پاران رئيس امجد گاڏهي راجا قريشي علي سعي جي اڳواڻي ۾ نار ڊسٽري ۾ پاڻي جي سخت کوٽ خلاف علامتي بک هڙتال ٽئين ڏينهن به جاري عوامي تحريڪ ضلع دادو جو صدر محمد سومر چانڊيو ايس يو پي تعلقه خيرپور ناٿن شاهه جو صدر غلام محمد گاڏهي عوامي تحريڪ جي ڪامريڊ يعقوب ڪوسو سهيل ٻبر ۽ ٻيا بک هڙتال تي ويٺلن ڪامورن خلاف سخت نعريبازي پاڻي جي کوٽ سبب هزارين ايڪڙ زمين بنجر بڻجڻ سبب سوين خاندان بک بدحالي جو شڪار ٿي ويندا هنن چيو ته ايم اين وي ڊرين ۽ چنڊڻ جي بندن جي وقت سر مرمت نه ٿيڻ سبب ايندڙ برساتن دوران علائقو وڏي خطري کي منهن ڏئي سگهي ٿو احتجاج ڪندڙن چيو ته نار ڊسٽري جي پڇڙي ۾ پاڻي نه هجڻ سبب هزارين ايڪڙن تي پوکيل ٻڄارو سڙي ۽ سڪي رهيو آهي جنهن سان زرعي زمينون بنجر ٿيڻ ۽ سوين خاندانن جي روزگار ختم ٿيڻ جو خطرو پيدا ٿي ويو آهي هنن وڌيڪ چيو ته ايم اين وي ڊرين ۽ چنڊڻ جي بندن جي وقت سر مرمت نه ٿيڻ سبب ايندڙ برساتن دوران علائقو وڏي خطري کي منهن ڏئي سگهي ٿو بک هڙتال تي ويٺلن چونڊيل نمائندن کان پاڻي جي کوٽ ختم ڪرائڻ لاءِ اپيل پڻ ڪئي ۽ اهو به چيو ته پاڻي جي کوٽ ختم ٿيڻ تائين احتجاج جاري رکيو ويندو

خيرپور ناٿن شاهه: نار ڊسٽري ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف علامتي بک هڙتال ڪئي پئي وڃي

علي حسن ۽ ٻين منهنجي هاري امداد ڪونڊر کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي:ساجد ڪونڊر

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) خانواهڻ واسي ساجد ڪونڊر پريس ڪلب ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ راڄي ڏانهيندي چيو ته منهنجي هاري امداد ڪونڊر کي علي حسن، ماسٽر غلام مصطفى عرف ٻاٻي ، علي گوهر ، محمد امين، محبوب، صدام حسين، لال بخش عرف ڪالو ڪونڊر جن بي گناهه تشدد ڪري زخمي ڪري ڇڏيو هو مان هنن جي خلاف خانواهڻ ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل ڪرائي آهي

حيدرآباد جي واسا ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ 25 ڏينهن به احتجاجي مظاهرو

پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله،محمد نديم،شاهد خان،جاويد پٺاڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

18مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن:اڳواڻ

ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سموريون مراعتون ولي رهيا آهن

اداري جي هر مهيني ڪروڙين روپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن،ملازمن ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 25 ڏينهن به حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله ، محمد نديم، شاهد خان،جاويد پٺاڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي هنن چيو ته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيو ته 18مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سموريون مراعتون ولي رهيا آهن پر ننڍن ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي هنن چيو ته اداري جي هر مهيني ڪروڙين روپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وزير بلديات کي اپيل ڪئي ته ماضي جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

حيدرآباد: واسا ملازم پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

گهوٽڪي بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان سخت زخمي،سکر ريفر

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان سخت زخمي سکر ريفر. گهوٽڪي جي عصمت الله مارڪيٽ ۾ دڪان تي ڪم ڪندڙ هڪ نوجوان بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو واقعي کان پوءِ موجود ماڻهن فوري طور زخمي نوجوان کي علاج لاءِ تعلقا اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو

ڄامشورو واسي پورهيت پاران حد جي پوليس ۽ بااثر خلاف احتجاجي مظاهرو

عمر پٺاڻ منهنجي معصوم ڌي سبحانه کي ڌڪ هڻي زخمي ڪري ڇڏيو،گلزار ڌوٽ

ڌمڪيون ڏنيون ۽ منهنجي خلاف چوري جي ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪري ڇڏي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)ڄامشورو جي گلشن شهباز جي رهواسي پورهيت گلزار ڌوٽ حد جي پوليس ۽ بااثر ماڻهو خلاف گهرڀاتين سوڌو ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هن ڏانهيندي الزام هنيو ته پاڙي سري بااثر ماڻهو عمر پٺاڻ معمولي ڳالهه تان مهرجي منهنجي 5ورهين جي معصوم ڌي سبحانه کي ڌڪ هڻي زخمي ڪري ڇڏيو جنهن جي حد جي ٿاڻي سوسائٽي تي اين سي داخل ڪرائي جنهن بعد ٿاڻي جي وڏي منشي جوابدار سان ٺاهه نه ڪرڻ جي صورت ۾ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ۽ منهنجي خلاف چوري جي ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪري ڇڏي هن چيو ته جوابدار عمر پٺاڻ بااثر ماڻهو آهي جيڪو پوليس کي ڳري رشوت ڏئي مونکي جيل اماڻي سگهي ٿو هن ايس ايس پي ڄامشورو ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته ماجري جو نوٽيس وٺي ماجري جي جاچ ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

ميهڙ ۾ چانڊيا ۽ ميمڻ برادرين وچ ۾ جهيڙو شدت اختيار ڪري ويو

مبينه فائرنگ ۾ نوجوان اسدالله ميمڻ سخت زخمي ٿي پيو

صداقت چانڊيو، نزاڪت چانڊيو ۽ ٻين مون تي حملو ڪيو:اسدالله ميمڻ

ميهڙ (ن ع)ميهڙ جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڄاتا محلا ۾ معمولي ڳالهه تان چانڊيا ۽ ميمڻ برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو شدت اختيار ڪري ويو جنهن دوران مبينا فائرنگ ۾ نوجوان اسدالله ميمڻ سخت زخمي ٿي پيو.واقعي کانپوءِ زخمي نوجوان کي فوري طور تعلقي اسپتال ميهڙ منتقل ڪيو ويو جتي ڊيوٽي تي موجود ڊاڪٽرن کيس شروعاتي طبي امداد فراهم ڪئي. ڊاڪٽرن موجب زخمي جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب کيس وڌيڪ علاج لاءِ لاڙڪاڻو جي اسپتال ڏانهن ريفر ڪيو ويو.اسپتال ۾ علاج هيٺ زخمي اسدالله ميمڻ الزام هنيو ته صداقت چانڊيو، نزاڪت چانڊيو ۽ ٻين سائنس حملو ڪيو. سنڌس چوڻ موجب جوابدارن ريپيٽر سان مٿس فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ هو زخمي ٿي پيو جڏهن ته جوابدار واقعي کانپوءِ فرار ٿي ويا.واقعي کانپوءِ علائقي ۾ ڪجهه وقت لاءِ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي. آخري اطلاعن تائين پوليس واقعي بابت جاچ شروع ڪري ڇڏي هئي جڏهن ته سرڪاري طور ڪنهن به گرفتاري يا ڪيس داخل ٿيڻ بابت تفصيل جاري نه ڪئي وئي هئي. پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي سڀني پاسن کان جاچ ڪئي پئي وڃي ۽ قانون موجب ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي.واضح رهي ته زخمي ڌر طرفان لڳايل الزام آهن جن جي تصديق پوليس جي جاچ ۽ قانوني ڪارروائي کانپوءِ ٿي سگهندي

ميهڙ: چانڊيا ۽ ميمڻ برادرين وچ ۾ جهيڙي ۾ زخمي ٿيل اسپتال ۾ داخل آهي

ميرپورماٿيلو ۾ ڊپٽي ڪمشنر اليون ۽ ضلع ڪائونسل ۾ ڪرڪيٽ ميچ

ڊپٽي ڪمشنر اليون ضلع ڪائونسل اليون کي 67 رنسن تان شڪست ڏئي ڇڏي

ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کتران کي مين آف دي ميچ قرار ڏنو ويو

گهوٽڪي(ن ع)صوبائي وزير راندين ۽ نوجوانن جي معاملن سردار محمد بخش خان مهر ۽ سيڪريٽري اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز سنڌ منور علي مهيسر جي خاص هدايتن تي راندين واري کاتي پاران فوجي فرٽيلائزر ڪمپني ميرپورماٿيلو ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ نمائشي ڪرڪيٽ ميچ منعقد ڪيو ويو ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراڻي ٽاس کٽي پهريان بيٽنگ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ڊپٽي ڪمشنر اليون مقرر 12 اوورن ۾ 212 رنسن جو وڏو اسڪور ٺاهيو ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کتران جارحاڻي بيٽنگ ڪندي ناقابل شڪست 100 رنسون اسڪور ڪري پنهنجي ٽيم جي ڪاميابي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. جواب ۾ ڊسٽرڪٽ چيئرمين اليون پاران چيئرمين ضلع ڪائونسل بنگل خان مهر ۽ وائيس چيئرمين مير بابر علي خان لنڊ بهترين بيٽنگ جو مظاهرو ڪيو پر سنڌن ٽيم مقرر اوورن ۾ 145 رنسون ٺاهي سگهي ۽ اهڙي ريت ڊپٽي ڪمشنر اليون 67 رنسن تان ڪاميابي ماڻي ورتي. ميچ جي پڄاڻي تي ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراڻي کي وننگ ٽرافي پيش ڪئي وئي، جڏهن ته ايس ايس پي محمد انور کتران کي مين آف دي ميچ ۽ چيئرمين ضلع ڪائونسل بنگل خان مهر کي بهترين اڌ سينچري اسڪور ڪرڻ تي تعريفي شيلڊ سان نوازيو ويو ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر نثار احمد چانڊيو چيو ته راندين جي واڌاري سان نوجوانن ۾ محبت لاڳاپا پيدا ٿين ٿا ۽ اهڙا ايونٽ ضلعي انتظاميه پوليس چونڊيل نمائندن ۽ عوام وچ ۾ سهڪار ۽ هم آهنگي کي وڌيڪ مضبوط بڻائين ٿا. هن چيو ته ضلعي گهوٽڪي ۾ صحتمند راندين جي سرگرمين جو سلسلو مستقبل ۾ به جاري رکيو ويندو. ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراڻي چيو ته اهڙن نمائشي مقابلن جو مقصد رڳو تفريح فراهم ڪرڻ نه پر ضلعي انتظاميه، پوليس، چونڊيل عوامي نمائندن ۽ عوام وچ ۾ اتحاد، هم آهنگي ۽ مثبت لاڳاپن کي هٿي وٺرائڻ پڻ آهي. هن ڪامياب ايونٽ جي انعقاد تي ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر نثار احمد چانڊيو ۽ سمورن منتظمن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته مستقبل ۾ به اهڙيون مثبت ۽ صحتمند سرگرميون جاري رکيون وينديون ته جيئن نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار جا وڌيڪ موقعا ملي سگهن

گهوٽڪي ضلعي انتظاميا ۽ ضلعي ڪائونسل ۾ ڪيل دوستاڻي ڪرڪيٽ ميچ ۾ فاتح ۽ رنر ٽيمن ۾ انعام ورهايا پيا وڃن

اديب دانشور صفر لاشاري جي چوٿين ورسي ملهائي وئي

اديبن شاعرن توڙي مذهبي جماعتن جي اڳواڻن سميت ڳوٺاڻن جي شرڪت

صحافي محمد صفر لاشاري علائقي ۾ هڪ سياسي سماجي وڏو ڪردار هو:اڳواڻ

ڏوڪري(ن ع)ڏوڪري پرسان ڳوٺ محمد صفر لاشاري ۾ هفتيوار لاشار اخبار جي ايڊيٽر لاشاري تنظيم جي باني سرواڻ اديب دانشور ۽ سماجي شخصيت مرحوم محمد صفر لاشاري جي چوٿين ورسي آل پاڪستان لاشاري بلوچ ويلفيئر ايسوسيئشن طرفان آباڻي ڳوٺ م ملهائي وئي جنهن ۾ سنڌ بلوچستان توڙي ڪنڊ ڪڙڇ مان ناميارا اديب دانشور لاشاري تنظيم جي عهديدارن صحافين دوستن شهرين توڙي ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سنڌس مزار تي گلاب جي گلن واري چادر چاڙهي وئي ۽ پروگرام جو آغاز ڪيو ويو جنهن کي مقررين لاشاري تنظيم جي عهديدارن غلام عباس لاشاري، رمضان لاشاري، مير وزير علي لاشاري، محمد اسماعيل ۽ ٻين ڪيل خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪندي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي وئي، هن موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته صحافي محمد صفر لاشاري علائقي ۾ هڪ سياسي سماجي وڏو ڪردار هو جنهن تنظيم ٺاهي پاڪستان جي سڀني لاشارن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو هو امن جو سفير هيو برادري جا ٿورا گهڻا جهيڙا رنجشون ختم ڪرائڻ ۾ سنڌس جو وڏو ڪردار رهيو آهي جڏهن ته برادري جي ماڻهن کي تعليم حاصل ڪرڻ تي زور ڀريندو هيو هو سدائين سماجي ڪمن م اڳڀرو رهندو هو هن پنهنجي سڄي زندگي سماجي ڪمن ۾ گذاري ۽ سدائين جهڙو نالو صفر هيس سڄي زندگي صفر ۾ گذاري، هن جي ڪوشش سان هفتيوار لاشار اخبار ۽ رسالو شايع ڪيو هن لاشاري برادر کي گڏ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آخر ۾ تقريب ۾ آيل مهمانن کي سنڌي ٽوپي اجرڪن ۽ گلدستا تحفي طور پيش ڪيا ويا ۽ نعت خوان نعتون پڙهي خوب داد حاصل ڪيو آخر م خيرات في سبيل الله تقسيم ڪئي وئي

ڏوڪري: ناميارو ليکڪ اديب صحافي مرحوم محمد صفر لاشاري جي ورسي تقريب کي مقرر خطاب ڪندي

4مهينن کان سيوهڻ ۾ سئي گئس سپلاءِ بند،شهري روڊن تي نڪري آيا

ايس يو پي جي سڏ تي سوين شهرين جو گئس آفيس آڏو مظاهرو، ڌرڻو

گهريلو صارفين 4 مهينن کان گئس جي سپلاءِ کان محروم آهن:اڳواڻ

شهر اندر مين گٽر نالي جي کوٽائي سبب گئس جون لائينون ٽوڙيون ويون

سيوهڻ(ن ع)سيوهڻ شهر ۾ گذريل چئن مهينن کان گهريلو سئي گئس جي مڪمل بندش خلاف ڪالهه ايس يو پي جي سڏ تي گئس صارفين، شهرين ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ سئي سدرن گئس آفيس آڏو پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو متاثر شهرين گئس آفيس آڏو هٿن ۾ پمفليٽ کڻي شهرين کي ٻارڻ لاءِ گئس ڏيو ايس ڊي او کي هٽايو جي زوردار نعريبازي ڪئي ان موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ اڳواڻن ۽ شهرين نواز علي رند، پير شمشاد، نواز ڪوڪر، تاج محمد پنهيار، عبدالحڪيم ٻرڙي، محمد خان سولنگي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته گذريل 4 مهينن کان سيوهڻ شهر اندر مين گٽر نالي جي کوٽائي سبب گئس جون لائينون ٽوڙيون ويون پر گئس انتظاميا جي نااهلي جي ڪري انهن جي مرمت نه ڪئي وئي آهي، گئس لائين جي مرمت نه ٿيڻ ڪري گهريلو صارفين 4 مهينن کان گئس جي سپلاءِ کان محروم آهن ۽ ٻٽي عذاب کي منهن ڏيڻ تي مجبور بڻجي ويا آهن، شهر ۾ گئس جي سپلاءِ بند هجڻ ڪري شهري ڳري ملهه ڪاٺيون خريد ڪرڻ ۽ ايل پي جي سلينڊر ڀرائي گذر ڪرڻ لاءِ پريشان آهن جڏهن ته گئس جي مڪمل بندش باوجود گئس انتظاميا پاران 3 کان 4 هزار روپيا ناجائز طور ڳرا بل ڏنا پيا وڃن جيڪا شهرين سان ناانصافي آهي. متاثر شهرين گئس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪندي چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن ايس ڊي او سئي گئس سيوهڻ کي هٽائي ۽ گئس جي سپلاءِ جلد بحال ڪري گئس جي ڳرن بلن ۾ رعايت نه ڏني وئي ته سخت احتجاج ڪندي شهر بند ڪيو ويندو ۽ گئس بحالي تائين سخت احتجاج جاري رکيو ويندو

سيوهڻ : ايس يو پي پاران سئي گئس سپلاءِ بند هجڻ خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

ريلوي ٽريڪ لاءِ مٽي ڪڍڻ سبب آبادگارن جون ٻنيون تباهه، متاثرن جو احتجاج

15 مهينن کان زرعي زمينن مان مٽي ڪڍڻ سبب وڏا کڏا پئجي ويا آهن:آبادگار

برساتي پاڻي کڏن ۾ بيهڻ ڪري پوکائي متاثر پئي ٿي، مال ڦاسي پوي ٿو

چوڙ (رپورٽ: لالجي سوڍو) ريلوي ٽريڪ جي تعميراتي ڪم دوران گذريل لڳ ڀڳ 15 مهينن کان مقامي ٺيڪيدار پاران ڀرائي لاءِ مختلف آبادگارن جي زرعي زمينن مان مٽي ڪڍائي وئي، جنهن سبب کيترن ئي ٻنين ۾ وڏا کڏا پئجي ويا آهن. متاثر ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته کين بار بار اها خاطري ڪرائي وئي ته ڪم مڪمل ٿيڻ بعد ٻنين کي ٻيهر هموار ڪري ڏنو ويندو، پر اڃا تائين ڪو به واعدو پورو نه ڪيو ويو آهي. ڳوٺاڻن موجب تازين برساتن کانپوءِ اهي کڏا پاڻي سان ڀرجي ويا آهن، جنهن ڪري هارين کي ٻنيون کيڙڻ ۽ پوکائي جي تياري ڪرڻ ۾ سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هنن الزام هنيو ته ٺيڪيدار خالد سراج سومرو جو مينيجر مانجهي سومرو سنڌن شڪايتون ٻڌڻ بدران نامناسب رويو اختيار ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته "جيڪو ڪرڻو اٿو سو ڪريو.متاثرن وڌيڪ ٻڌايو ته برساتي پاڻي سبب سوين مال متاثره علائقي ۾ ڦاسي پيا، جڏهن ته ٻه رڍون به ٻڏي ويون. هنن دعويٰ ڪئي ته واقعي بابت مينيجر مانجهي سومرو سان رابطو ڪيو ويو پر هن مبينا طور جواب ڏنو ته هو واندو ناهي.ڳوٺاڻن خالد سراج سومرو کان مطالبو ڪيو آهي ته سنڌن ٻنين جا کڏا فوري طور ڀري زمينون اڳوڻي حالت ۾ بحال ڪيون وڃن. ٻي صورت ۾ هو احتجاج ڪندي تعميراتي ڪم بند ڪرائڻ تي مجبور ٿيندا.متاثر آبادگارن جو چوڻ آهي ته زرعي زمينون سنڌن روزگار جو واحد ذريعو آهن. تنهن ڪري کين وڌيڪ نقصان کان بچائڻ لاءِ لاڳاپيل اختيارين کي فوري نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪرڻ گهرجي.

ميرواهه پريس ڪلب جي ساليانو چونڊ،عبدالرزاق ٻانيڻ صدر چونڊيو ويو

ٺري ميرواهه(ن ع)ميرواهه پريس ڪلب جي 2026-27 ساليانو چونڊ پرامن ماحول ۾ منعقد ٿي گذري جن ۾ صحافين متفق طور نئين باڊي جو انتخاب ڪيو ٺاني ميرواهه پريس ڪلب بشير احمد شر ۽ اسلم رضا شر جي نگراني هيٺ بهترين انداز ۾ چونڊ ٿي گذري جنهن ۾ ميرواهه پريس ڪلب جي لاءِ سرپرست اعلا سيٺ ذوالفقار علي جوڻيجو،صدر عبدالرزاق ٻانيڻ،سينئر نائب صدر نياز علي شر جنرل سيڪريٽري سليمان سنڌي، نائب صدر محمد اسماعيل جوڻيجو،نائب صدر قلندر بخش بليدي،جوائنٽ سيڪريٽري آصف علي شر ڊپٽي جوائنٽ سيڪريٽري ياسين جانوري،خزانچي مقصود احمد شر،اطلاعات سيڪريٽري سڪندر علي شر،ورڪنگ ڪاميٽي چيئرمين نعيم احمد

ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن
آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر سي.ايم (E&M)
انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ

512جي. ايم نيو ايم اي جناح روڊ، گرومندر، ڪراچي

No. EE/C.M/E&M/KMC/178/2026
Dated:28-07-2026

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

هيٺ ڄاڻايل ڪم لاءِ تجربيڪار فرم /ٺيڪيدارن کان SPPRA جيڪي اي-پروڪيورمينٽ جمع ڪرائڻ جي گهرجن مطابق، EPADS سسٽم ذريعي شيڊيول پلس آفر ريٽس جي بنياد تي هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار تحت ٽينڊر طلب ڪيا وڃن ٿا.

شمار نمبر	ٽينڊر ريفرنس نمبر	ڪم جو نالو	ڪٽيل رقم	بڊ سيڪيورٽي (رپيا)	ٽينڊر في (روپيا)
1	KMC/CM/ E&M/159 /2026-2027	ضلعي ڪياماڙي ۾ بندر روڊ (ڪياماڙي روڊ) تي اسٽريٽ لائيٽنگ سسٽم جي بهتري ۽ بحالي جو ڪم.	20585287/-	ڪٽيل رقم جو5%	5000/- رپيا
2	KMC/CM/ E&M/160 /2026-2027	ڪي ايم سي، ضلعي ڪياماڙي جي بلديا ۾ 5-بي بس اسٽاپ روڊ تي اسٽريٽ لائيٽن جي بهتري ۽ بحالي جو ڪم.	15863417/-	ڪٽيل رقم جو5%	5000/- رپيا
3	KMC/CM/ E&M/161 /2026-2027	ڪي ايم سي، ضلعي اولهه ۾ بچا خان فلاءِ اوور تي اسٽريٽ لائيٽنگ سسٽم جي بهتري ۽ بحالي جو ڪم.	28007129/-	ڪٽيل رقم جو5%	5000/- رپيا
4	KMC/CM/ E&M/162 /2026-2027	ڪي ايم سي، ضلعي اولهه ۾ فقير ڪالوني روڊ تي الصدف ڪالوني کان اين-4 اسٽاپ تائين اسٽريٽ لائيٽنگ سسٽم جي بهتري ۽ بحالي جو ڪم.	30237373/-	ڪٽيل رقم جو5%	5000/- رپيا
5	KMC/CM/ E&M/163 /2026-2027	ڪي ايم سي، ضلعي ڪياماڙي جي رشيد آباد ۾ اسٽريٽ لائيٽن جي بهتري ۽ بحالي جو ڪم.	10635951/-	ڪٽيل رقم جو5%	5000/- رپيا
6	KMC/CM/ E&M/164 /2026-2027	ڪي ايم سي، ضلعي اولهه ۾ شارع قذافي تي اسٽريٽ لائيٽنگ سسٽم جي بهتري ۽ بحالي جو ڪم.	50311049/-	ڪٽيل رقم جو5%	5000/- رپيا
7	KMC/CM/ E&M/165 /2026-2027	ڪي ايم سي، ضلعي اولهه ۾ منگهوپير روڊ تي بنارس کان نيو ناظم آباد تائين اسٽريٽ لائيٽنگ سسٽم جي بهتري ۽ بحالي جو ڪم.	47656206/-	ڪٽيل رقم جو5%	5000/- رپيا

لازمي شرط:

a. آڇ جي ڪل رقم سان گڏوگڏ هر هڪ آئيٽم جا ريٽ انگن ۽ اکرن ٻنهي ۾ لکڻ لازمي آهن. جيڪڏهن ٺيڪيدار پاڻ ڪا ترميم يا تصحيح ڪري ٿو، ته هر ترميم تي ٺيڪيدار جون صحيحون ٿيل هجڻ گهرجن. ٻي صورت ۾ ٽينڊر رد ٿي سگهن ٿا.

b. آڇ تي ڪمپنيءَ جي مُهر ۽ صحيح ٿيل هجڻ لازمي آهن.

c. ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (KMC) جي نالي بڊ سيڪيورٽي جو پي آرڊر SPPRA "EPADS" سنڌ جي ويب سائيٽ تي اپلوڊ ڪرڻ سان گڏ، ٽينڊر جي قيمت جي پي آرڊر ۽ NIT ۾ بيان ڪيل اهليت جي معيار واريون دستاويزون سپرنٽينڊنگ انجنيئر (E&M) انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ KMC جي آفيس (واقع J.M 512 نيو ايم اي جناح روڊ، گرومندر ڪراچي) ۾ واڪ جمع ڪرڻ جي آخري وقت کان اڳ پڻ جمع ڪرائڻيون پونديون. ٻي صورت ۾ آن لائين جمع ٿيل بولي فوراً رد ڪئي ويندي.

d. روپين -/200 جي اسٽامپ پيپر تي حلف نامو پڻ آڇ سان گڏ اپلوڊ ڪرڻو پوندو ۽ آخري وقت کان اڳ ٽينڊر سيڪيورٽي پي آرڊر سان گڏ جمع ڪرائڻو پوندو. جنهن ۾ اهو واضح هجي ته اها فرم ڪنهن به سرڪاري، اڌ سرڪاري يا خودمختيار اداري مان بليڪ لسٽ ٿيل ناهي.

شرط ۽ ضابطا:

1. واڪ دستاويز SPPRA سنڌ جي "EPADS" ويب سائيٽ (http://portalsindh.eprocurement.gov.pk) تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.
2. سڀئي آڇون صرف "EPADS" اي-پروڪيورمينٽ سسٽم ذريعي آن لائين جمع ٿينديون. هٿ سان ڏنل آڇ قبول نه ڪئي ويندي.
3. آڇ 21-08-2026 تي منجهند 02:00 وڳي تائين يا ان کان اڳ آن لائين جمع ڪرائڻي پوندي. جيڪا 21-08-2026 تي منجهند 02:30 وڳي کولي ويندي.
4. جيڪڏهن ٽينڊر کلڻ واري تاريخ تي حڪومت پاران عام موڪل يا ڪنهن سبب جي ڪري غير ڪاري ڏينهن اعلانيل هجي، ته ايندڙ سرڪاري ڪاري ڏينهن تي ٽينڊر کوليا ويندا.
5. جيڪڏهن شق نمبر 04 کان علاوه ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري ڏنل تاريخ تي ٽينڊرن جو جواب نه مليو، ته آڇ جمع ڪرڻ ۽ کولڻ جي ايندڙ تاريخ ترتيبوار 07-09-2026 تي منجهند 02:00 وڳي ۽ 02:30 وڳي هوندي.
6. صرف اهي آڇون جيڪي ٽينڊر دستاويزن سان گڏ ڏنل اهليت جي معيار ۽ گهٽ ۾ گهٽ قابليت جي شرطن تي پوريون لهنديون. انهن کي مڪمل اهل قرار ڏئي وڌيڪ جاچ لاءِ منتخب ڪيو ويندو ٻي صورت ۾ انهن کي نااهل/رد سمجهيو ويندو.
7. واڪ ڏيندڙ لاءِ لازمي آهي ته اهليت واري معيار جا دستخط ٿيل ثبوت واڪ سان گڏ جمع ڪري. ٻن يا ٻن کان وڌيڪ فرمن جو جوائنٽ وينچر پي اي سي جي مقرر ڪيل قانونن جي پاسداري سان جائز آهي.
8. جيڪڏهن ڪي به جعلي دستاويز مليا ته ٽينڊر بغير ڪنهن معاوضي جي رد/منسوخ ڪيو ويندو ۽ قانون موجب ڏنڊ هنيو ويندو.
9. ٽينڊرن جي معاملي ۾ ڪنهن به قسم جو غير قانوني اثر رسوخ يا سفارش سختيءَ سان منع آهي. ۽ اهڙي عمل ۾ ملوث ٺيڪيدارن جا ٽينڊر رد ڪيا ويندا.
10. آڇ SPPRA جي تعميراتي قانونن مطابق هجڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪا غير متوازن آڇ جمع ٿئي ٿي ته واڪ ڏيندڙ کي اضافي پرفارمنس سيڪيورٽي جمع ڪرائڻي پوندي. جيڪڏهن واڪ انجنيئرنگ اسٽيميٽ کان 15 سيڪڙو کان وڌيڪ گهٽ هوندي. ته ٺيڪيدار کي هر آئيٽم جو ريٽ تجزيو ۽ آڇ جي قيمت واري فرق جو 10 سيڪڙو اضافي پرفارمنس سيڪيورٽي (صرف بئنڪ گارنٽي جي شڪل ۾) جمع ڪرائڻو پوندو
11. ناڪام ٿيل واڪ ڏيندڙن جي بڊ سيڪيورٽي ڪامياب واڪ ڏيندڙ سان معاهدو حتمي ٿيڻ يا مدو ختم ٿيڻ کان پوءِ واپس ڪئي ويندي.
12. پروڪيورنگ ايجنسي SPPRA رولز 2010 تحت سڀني يا ڪنهن به آڇکي رد ڪرڻ جو حق رکي ٿو.
13. معاهدي جا شرط ۽ ضابطا ڪي ايم سي جي ويب سائيٽ (www.karachicity.gov.pk) تي موجود آهن.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر سي. ايم. (E&M)
انجنيئرنگ کاتو، (KMC)

INF/MM/191/2026

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 30 جولاءِ 2026ع

آزاد ڪشمير: چونڊ تڪرار ۽ امن امان جو چئلينج!

آزاد ڪشمير هڪ ڀيرو ٻيهر سياسي ڇڪتاڻ ۽ امن امان جي خراب ٿيندڙ صورتحال سبب قومي توجهه جو مرڪز بڻجي ويو آهي هڪ پاسي قانون ساز اسيمبليءَ جي چونڊن جي ٻئين مرحلي جا نتيجا سامهون آيا آهن جتي مسلم ليگ (ن) اڪثريتي سيٽن سان ڪاميابي حاصل ڪئي آهي ته ٻئي طرف پاڪستان پيپلز پارٽي چونڊن ۾ ڌانڌلي تشدد ۽ عوامي مينڊيٽ تي اثرانداز ٿيڻ جا سنگين الزام هڻي نتيجن کي تڪراري بڻائي ڇڏيو آهي ساڳئي وقت راولاڪوٽ ۽ ميرپور ۾ احتجاجي تحريڪن دوران پيش آيل پرتشدد واقعن، جاني نقصان ۽ رياستي ادارن سان ٽڪراءَ واري صورتحال آزاد ڪشمير جي امن ۽ سياسي استحڪام بابت نوان سوال اٿاريا آهن. جمهوري نظام جو بنيادي اصول اهو آهي ته چونڊون نه رڳو آزاد ۽ منصفاڻيون هجن پر انهن جي شفافيت تي سمورين سياسي ڌرين جو اعتماد پڻ قائم رهي. جيڪڏهن ڪا وڏي سياسي جماعت چونڊ عمل بابت اعتراض اٿاري ٿي ته انهن اعتراضن کي رڳو سياسي بيان سمجهي نظرانداز ڪرڻ بدران قانوني ۽ آئيني طريقي سان جاچڻ گهرجي. اهڙي ريت جيڪڏهن چونڊون واقعي شفاف ٿيون آهن ته آزاد ۽ غيرجانبدار جاچ ذريعي اهي الزام پاڻمرادو بي بنياد ثابت ٿي سگهن ٿا. جنهن سان عوام جو جمهوري نظام تي اعتماد وڌيڪ مضبوط ٿيندو. ٻئي طرف چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪندڙ ڌر جو به فرض آهي ته مخالف ڌر جي خدشن کي سنجيدگيءَ سان وٺي، جو ته جمهوريت صرف اڪثريت حاصل ڪرڻ جو نالو نه پر سياسي برداشت، مخالف راءِ جو احترام ۽ ادارن تي اعتماد قائم رکڻ جو به نالو آهي. سياسي قيادت کي اهڙي ٻولي ۽ رويو اختيار ڪرڻ گهرجي، جيڪو ڇڪتاڻ گهٽائڻ جو سبب بڻجي نه ته وڌيڪ انتشار پيدا ڪري.

آزاد ڪشمير ۾ احتجاجي تحريڪن دوران پيدا ٿيل تشدد واري صورتحال وڌيڪ ڳڻتيءَ جوڳي آهي هڪ رينجرز اهلڪار جي شهادت، پوليس اهلڪارن جي زخمي ٿيڻ ۽ احتجاج ڪندڙن جي فوت ٿيڻ بابت مختلف دعوائن صورتحال کي وڌيڪ پيچيده بڻائي ڇڏيو آهي هڪ پاسي رياستي ادارا قانون جي بالادستي قائم رکڻ جا پابند آهن ته ٻئي طرف هر شهريءَ کي پرامن احتجاج جو آئيني حق پڻ حاصل آهي جڏهن احتجاج هٿياربند ٽڪراءَ ۾ تبديل ٿي وڃي ته ان جا نتيجا رڳو هڪ ڌر لاءِ نه پر پوري سماج لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندا آهن هتي سڀ کان اهم ضرورت حقيقتن کي سامهون آڻڻ جي آهي مختلف ڌريون هڪ ٻئي تي الزام هڻي رهيون آهن پر عوام کي سچ ڄاڻڻ جو حق حاصل آهي ان لاءِ شفاف، غيرجانبدار ۽ آزاد جاچ ضروري آهي ته جيئن معلوم ٿي سگهي ته تشدد جو ذميوار ڪير هو؟ هٿيار ڪنهن استعمال ڪيا ۽ جاني نقصان جا اصل سبب ڪهڙا هئا؟ جيڪڏهن ڪنهن به ڌر قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي ته ان خلاف بنا امتياز قانون موجب ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. آزاد ڪشمير جي حساس سياسي ۽ جاگرافيائي حيثيت کي نظر ۾ رکندي هر قسم جي سياسي ڇڪتاڻ يا بدامنيءَ جا اثر رڳو ان علائقي تائين محدود ناهن رهندا، پر سڄي ملڪ جي سياسي ساک ۽ قومي مفادن تي پڻ اثرانداز ٿيندا آهن اهڙين حالتن ۾ سياسي قيادت، رياستي ادارن ۽ سول سوسائٽي تي گڏيل ذميواري لاڳو ٿئي ٿي ته هو تڪرارن کي ڳالهين قانون ۽ جمهوري اصولن ذريعي حل ڪرڻ کي ترجيح ڏين ٿهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سياسي اختلافن کي دشمنيءَ ۾ تبديل ٿيڻ کان بچايو وڃي چونڊن بابت اعتراضن جي منصفاڻي جاچ، احتجاجن دوران پيش آيل واقعن جي شفاف تحقيق، قانون جي بالادستي ۽ عوامي حقن جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي سياسي پارٽين کي به اهڙو رويو اختيار ڪرڻ گهرجي جيڪو جمهوري ادارن کي مضبوط ڪري، نه ڪي عوام جي اعتماد کي وڌيڪ مجروح ڪري.

آزاد ڪشمير جو عوام امن ترقي ۽ سياسي استحڪام جو خواهشمند آهي جيڪڏهن سياسي قيادت ذميواري، بردباري ۽ آئيني رستي کي اختيار ڪندي ته موجوده بحران مان نڪرڻ ممڪن آهي پر جيڪڏهن هڪ ٻئي تي الزام مڙهڻ تشدد ۽ ٽڪراءَ واري سياست جاري رهي ته ان جا منفي اثر نه صرف آزاد ڪشمير پر پوري ملڪ جي جمهوري عمل تي پوندا تنهن ڪري وقت جي اهم تقاضا آهي ته سمورين ڌريون قومي مفاد، قانون جي حڪمراني ۽ عوامي مينڊيٽ جي احترام کي پنهنجي سياسي مفادن تي ترجيح ڏين ڇاڪاڻ ته مضبوط جمهوريت ئي امن استحڪام ۽ ترقيءَ جي ضمانت بڻجي سگهي ٿي

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪَڪَرَ مَنجهه ڪَپارَ، جَهڙَ نيڻين نه لهي،
جَهڙا مَنهنجا سَپرِين، تهڙا مينگهه مَلارَ،
ڪَڏَ اِڪيون ڪِلَ ڀارَ، ته وَڃَن سُورَ سَنڌا ڪئو.

لطيف سائين هتي اسان کي مجازي يا حقيقي نينهن جي نشن جي ٻڌائي ٿو ته اِهي پيار لڳاءُ ۽ اُرينا جا نشا ئي اهڙا هوندا آهن جو سانوڻي جي سج جو تاءُ ۽ ٽيش به جهڙالي موسم وانگر پيا محسوس ٿيندا آهن جو ته ذهن ۾ پرين جي پيار جا ڪَڪَرَ ڇانيل هوندا آهن اکين اڳيان سندن چهرو جهڙ جيان پيو ڦرندو ۽ ٻوڙندو آهي ملڪ ملهار پيو نظربو ان ڪري جو جهڙا هي مينگهه ملهار هوندا آهن اهڙا ته منهنجا سڄڻ آهن جيڪي دائمي آهن سندن پيار ۽ محبت ۾ سدائين دلي سڪون هوندو آهي سانوڻ جي گرمي ۽ ٽيش به ٿڌڪار پئي لڳندي آهي، دل خوش شادمان رهندي آ. جهڙالي موسم ته ٿوري وقت لاءِ ٿي هوندي آهي اي پرين، اي جانب! اهي پنهنجا نهنا نيڻ مٿي کڻي نظرون ملائي ته هي وڇوڙي جا ورد، درد، فراق، سور سڀ هليا وڃن ختم ٿي وڃن جو ته اِها شڪتي اها قوت صرف تنهنجي پيار پرين نيڻن منجهه ئي آهي. جهڙالي موسم ۾ ناهي هوندي جو اها دائمي نه پر وقتي هوندي آهي **(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)**

ڪاڪروچ پارٽي، نوجوان ۽ عوام جي لاتعلقي!



فدا حسين ملڪ

هلندڙ سال جي اونهاري ۾ ڀارت ۾ نوجوانن جي هڪ اهڙي تحريڪ جنم ورتو، جنهن هڪ طاقتور وفاقي وزير کي استعفيٰ ڏيڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. دهليءَ جي جنتر منتر تي هزارين شاگرد ۽ نوجوان تقريباً 36 ڏينهن تائين ويهي رهيا. انهن جو مطالبو هو ته بار بار ٿيندڙ امتحاني پيپر ليڪ، خاص ڪري NEET-UG اسڪينڊل جي ذميوارن کي ڳولي ڪين قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي اها تحريڪ اصل ۾ ڪاڪروچ جنتا پارٽي (Cockroach Janta Party) جي نالي سان شروع ٿي هئي، جيڪا هڪ طنزيه جواب هئي ان سپريم ڪورٽ جي تبصري جو، جنهن ۾ بيروزگار نوجوانن کي "ڪاڪروچ" سان تشبيهه ڏني وئي هئي پر جلد ئي اها طنزيه تحريڪ هڪ "حقيقي ۽ طاقتور شاگرد تحريڪ" ۾ تبديل ٿي وئي تعليم واري وزير ڌرمينڊر پرڌان کي استعفيٰ ڏيڻي پئي جنتر منتر جو ميدان سياسي شعور جي هڪ زنده علامت بڻجي ويو ڏٺو وڃي ته تحريڪ جا چهرا ڪي وڏا پاپولر عوامي ۽ روايتي سياستدان ناهن پر اهي سڀ عام شاگرد ۽ نوجوان محقق آهن جن پنهنجي غصي کي منظم سياسي دٻاءَ ۾ بدلائي ڇڏيو اسين جيڪڏهن ڏسنداسين ته انهن جا پروفائيل ٻڌائين ٿا ته سياسي شعور ڪيئن پليو وڃي ٿو؟

پاڪستان ۾ شاگرد يونينز تي ضياءَ جي آمريتي دور يعني 1984ع کان سرڪاري طور تي پابندي لاڳو آهي جيتوڻيڪ اڳوڻي وزيراعظم سيد يوسف رضا گيلاني 2008ع ۾ پنهنجي پهرين تقرير ۾ "شاگرد يونينز" جي بحاليءَ جو اعلان به ڪيو هو ۽ ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌ اسيمبلي به ان جي بحاليءَ بابت ٺهراءُ پاس ڪيو پر عملي طور اڄان تائين بحالي ممڪن ناهي ٿي سگهي نتيجو اهو نڪتو آهي ته نوجوانن وٽ اهڙو منظم ميدان موجود نه رهيو، جتي هو سياسي تنظيم، سياسي بحث ۽ گڏيل عمل سکي سگهن سياسي شعور خلا ۾ پيدا نه ٿيندو آهي، اهو انهن ئي ادارن ۾ پِڌا ٿئي ٿو شاگرد يونينز تاريخي طور تي قيادت جي نرسرين طور ڪم ڪنديون آهن انهن جي غير موجودگيءَ ۾ حقيقي شاگرد ڪيڊر پيدا ٿيڻ ڏکيو ٿي پيو ٿو پنهنجي ملڪ خاص طور تي سنڌ ۾ نوجوان شاگرد ۽ سنڌ اسٽوڊنٽ ڪائونسل هيءَ ستون لکڻ وقت به حيدرآباد ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي هيڊ آفيس اڳيان ڌرڻو هڻي ويٺل آهن سندن مطالبو آهي ته امتحانن ۾ شفافيت آندي وڃي هتي ته صورتحال ڪنهن هڪ پيپر جي نه پر سالن کان ٿيندڙ هڪ روئيداد جي اهي شاگرد احتجاج ته ڪن ٿا پر عوامي شرڪت گهٽ رهي ٿي سوال اسان کي پنهنجو پاڻ کان به پڇڻ گهرجي ته اسان ڪٿي بيٺل آهيون؟ اهو ئي عوام جو لاتعلقيءَ جو وڏو مسئلو آهي ماڻهو انتظامي تباهي بيروزگاري ۽ ناانصافيءَ جي ڳالهه ڪن ٿا. پروري به ساڳين وڏيرن ۽ ساڳين ڌرين جي درن تي وڃي آجياڻا ڏين ٿا. هتي جڏهن عدم تحفظ يا عوامي مسئلن تي احتجاج ٿئي ٿو ته عام شهرين جي شرڪت اڪثر ناڪافي رهي ٿي احتجاج ڪندڙن کي اڪثر اهو جواب ملي ٿو ته "اوهان رڙيون ڪري ڪري مري ويندؤ، ڪجهه نه ٿيندو" جتي سماج جي جوڙجڪ ئي اهڙي ڪئي وئي هجي، اتي جو عام فرد سياسي طور تي هر وڏي مسئلي کان لاتعلق بڻجي ويندو آهي ته پوءِ تبديلي ڪٿان ايندي؟ سماج جڏهن غير سياسي ڪيا ويندا آهن ته نتيجا اهي ئي ٻيهندا آهن جيڪي اڄ اسان ڏسون پيا. سياست ئي سماجي مسئلن جو حل آهي تعليم جي ناڪامي، امتحانن ۾ ٿيندڙ فراڊ، بيروزگاري ۽ اداري تباهي سڀ سياسي سوال آهن ۽ بهتر عوامي سياست ۽ مسلسل سياسي جدوجهد ئي انهن جو حل آهي انهن کان سواءِ عوامي لاتعلقي سماج کي اڃا وڌيڪ تباهيءَ جي دلدل ۾ ڌڪيندي ڀارت ۾ شاگرد يونين سبب اڃا به شاگرد تنظيمن کي ڪم ڪرڻ اڳواڻ پيدا ڪرڻ ۽ حقيقي تحريڪن ۾ پنهنجي صلاحيت آزمائڻ جي اسپيس ملي پيو جنهن کان هتي جا شاگرد سالن کان محروم رکيا ويا آهن فرق صرف ثقافت يا نسل جو ناهي، بلڪ اهو بنيادي طور تي سماجي ڍانچي جي ساخت جو فرق آهي هڪ سماج اڃا به پنهنجي نوجوانن کي گڏيل طاقت جي مشق سيکاري ٿو، ٻيو سماج ان تربيت کي منظم طريقي سان روڪي ٿو ۽ ڪوشش ڪندڙن کي سزا ڏئي ٿو ڪاڪروچ پارٽي اڳواڻ نيها ٻورا ۽ سندس ساٿي شاگردن جون سوشل ميڊيا تي ڦهليل تقريرون ان سياسي شعور جي عڪاسي ڪن ٿيون، جيڪو سالن جي سياسي عمل سان حاصل ٿئي ٿو سوال اهو ناهي ته نوجوان سماجي مسئلن سبب ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ آهن پر سوال اهو آهي ته ڇا اهي حلقون موجود آهن جن ۾ اهو ڪروڌ ۽ ڪاوڙ هڪ سياسي عمل سان منظم، پائيدار ۽ اثرائتو بڻجي سگهي جيستائين شاگرد يونينز عملي طور تي پابندي هيٺ رهنديون، تيستائين اهڙي تحريڪ جو خواب هتي خواب ئي رهندو. ڪاڪروچ جنتا پارٽي (CJP) تحريڪ ان ڪري ڪامياب ٿي آهي جو هڪ نسل وٽ اهڙا ادارا موجود هئا، جن ۾ سياسي مزاحمت سکي سگهجي

جنتر منتر: هندو-مسلم ايڪتا جي فتح..!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

هيءَ اسان جي پاڙيسري ملڪ هندستان جي راڄڌاني دهليءَ ۾ واقع جنتر منتر جو هڪ منظر آهي، جتي هزارين شاگرد مودي سرڪار خلاف احتجاج لاءِ گڏ ٿيا آهن. ڀارتيه جنتا پارٽي جي نفرت تي ٻڌل پاليسين خلاف نئين نسل، يعني نوجوان ڪليل نموني پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائي رهي آهي. ملڪ جي پري پري وارن علائقن مان ماڻهو مذهب، ذات پات ۽ ٻين فرقن کان مٿانهون ٿي هتي پهتا آهن ۽ کليل آسمان هيٺ روڊن تي ويهي احتجاج ڪري رهيا آهن. مختلف تعليمي ادارن سان واسطو رکندڙ شاگردن جو چوڻ آهي ته امتحاني پيپر ليڪ ٿيڻ جي ذميوار مودي سرڪار آهي. هر پاسي انقلاب جي حق ۾ نعرا لڳي رهيا آهن. قوم جي مستقبل، يعني شاگردن جي سهائتا لاءِ مسلمان، سِک ۽ ٻين مذهبن سان تعلق رکندڙ ماڻهو به ڀرپور حصو وٺي رهيا آهن. خاص طور تي جنيد نالي هڪ مسلمان نوجوان ڏينهن رات مفت کاڌي جو بندوبست ڪري رهيو آهي، جنهن کي هندو-مسلم ڀائيچاري جي سٺي مثال طور ڏٺو پيو وڃي. احتجاج ڪندڙن سان يڪجهتي ڏيکارڻ لاءِ مختلف مخالف ڌر جا اڳواڻ، ٻالي ووڊ جا اداڪار ۽ سماجي شخصيتون پڻ پهچي رهيون آهن. انهن جو هي منفرد احتجاج سوشل ميڊيا تي وڏي پيماني تي وائرل ٿي ويو آهي، جنهن کي سرحدن کان ٻاهر به دنيا جا ماڻهو وڏي دلچسپي سان ڏسي رهيا آهن.

گذريل هڪ ڏهاڪي دوران هندستان ۾ هندوتوا جي نفرت تي ٻڌل سوچ کي سرڪاري سرپرستيءَ هيٺ وڏي زور ۽ شور سان هٿي ڏني وئي. آزاديءَ کان پوءِ پهريون ڀيرو اهڙو ٿيو جو مرڪزي ڪابينا ۾ ڪنهن به مسلمان اقليتي وزير کي شامل نه ڪيو ويو. وزيراعظم نريندر مودي سيڪيولر پاليسين کان هٽي، هندستان کي کليل نموني اهڙي 'هندو راشٽر' ۾ تبديل ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون، جتي اقليتن لاءِ قومي ڌاري ۾ ڪا خاص جاءِ نه هجي. پر شايد هُو اِهو وساري ويٺو ته دنيا هلائڻ لاءِ الله تعاليٰ جو پنهنجو هڪ الڳ ۽ ڳجهو نظام هوندو آهي. ڪنهن کي به اِهو اندازو نه هو ته غربت، بيروزگاري ۽ ٻين سماجي مسئلن ۾ قاتل نوجوانن کي طنزيه انداز ۾ 'لال بيگ' (ڪاڪروچ) سڏڻ جو نتيجو آخرڪار 'ڪاڪروچ جنتا پارٽي' جي صورت ۾ نڪرندو. جنهن هندوتوا جي نفرت تي ٻڌل بيانيي کي سخت چيلينج ڏئي ڇڏيو. احتجاج واري هنڌ تي مظاهرين هڪ ٻئي جا هٿ جهلي اهڙو هندو-مسلم اتحاد ۽ ڀائيچارو ڏيکاريو، جيڪو انگريزن جي اچڻ کان اڳ واري هندستاني سماج جي سڃاڻپ هوندو هو. هڪ وڊيو، جنهن ۾ هڪ ئي هنڌ هندو پنڊت پوڄا ڪري رهيو هو ۽ پرسان هڪ مسلمان بزرگ نماز ادا ڪري رهيو هو، ٿوري ئي وقت ۾ ماڻهن جي دلين ۾ جاءِ ناهي وئي. جڏهن احتجاج ڪندڙن تي لٺبازي ڪئي وئي ته ويجهين مسجدن ۽ گردوارن پنهنجا دروازا کولي کين پناهه ڏني. انهن کي رات عزت سان ترسايو ويو ۽ صبح جو ناشتو پڻ ڪرايو ويو. بک ۽ اُڃ ۾ بيحال نوجوانن جي مدد لاءِ مسلمانن ۽ سِک برادريءَ لنگر لڳائي مفت کاڌي جو بندوبست ڪيو. هڪ وڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته جڏهن احتجاج ڪندڙن کي کاڌي پيتي جي کوٽ محسوس ٿيڻ لڳي ته جنيد ڀائي طرفان موڪليل پاڻيءَ جي بوتلن ۽ کاڌي سان ڀريل ٽرڪ احتجاج واري هنڌ پهچي ويو. ان ڪانپوءِ هندو ۽ مسلمان هڪ ئي ٿالهيءَ ۾ گڏ ويهي ماني کائڻ لڳا ۽ هڪ ئي بوتل مان پاڻي پيئندي ڀائيچاري جو اظهار ڪيو. وزيراعظم نريندر مودي، جيڪو هميشه اعتماد ۽ غرور سان اِهو چوندو رهيو آهي ته هُو احتجاجن کان ڪڏهن به نه ٿو گهٻرائي، پر جڏهن ناراض نوجوانن جو هيءُ عوامي سيلاب سندس حڪومت لاءِ وڏو خطرو بڻجڻ لڳو ۽ حڪومت جا بنياد لُڏڻ لڳا، تڏهن حالتن کي سنڀالڻ ۽ پنهنجي حڪومت بچائڻ لاءِ هن تعليم واري وزير کي قربانيءَ جو ٻڪرو بڻائڻ جو فيصلو ڪيو.

برصغير پاڪ ۽ هند جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته هتي مختلف مذهبن، ثقافتن ۽ ٻولين سان واسطو رکندڙ ماڻهو صدين کان گڏجي رهندا آيا آهن. آزاديءَ ڪانپوءِ به هندستان جي قيادت سيڪيولر نظام حڪومت کي اختيار ڪيو، جنهن ۾ سڀني مذهبن جي ماڻهن کي برابر حق ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي ويندي هئي. پر هن متن موجب، نريندر مودي اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ اهڙيون پاليسيون اختيار ڪيون، جن سان هندستان جي نظرياتي ۽ آئيني بنيادن بابت خدشا پيدا ٿيا. مودي سرڪار سٺي حڪمراني، معاشي ترقي، شفافيت، اقليتن جي احترام ۽ خاص طور پاڙيسري ملڪن سان بهتر لاڳاپن کي نظرانداز ڪري، هندوتوا تي ٻڌل سخت گير پاليسين کي هٿي ڏيڻ شروع ڪئي. هڪ پاسي دنيا جي ٻي وڏي معيشت چين سان لاڳاپا خراب ڪيا ويا، ته ٻئي پاسي پاڪستان تي ڪڏهن پلوامه حملي ۽ ڪڏهن پهلگام واقعي جو هڪ طرفو الزام هڻي، جنگ جهڙي صورتحال پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. والاريل ڪشمير جي آئيني حيثيت تبديل ڪري آتي پارٽي جهنڊو ڦڙڪايو ويو. جڏهن ٻه سال اڳ هندستان ۾ عام چونڊن جو اعلان ٿيو ته هر پاسي اهڙو ماحول ناهيو ويو، ڄڻ ڀارتيه جنتا پارٽي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيندي ۽ نريندر مودي کي هندستان جو سڀ کان طاقتور حڪمران بڻايو ويندو. پر مون پنهنجي هفتيوار ڪالم 'ڀارتي چونڊون ۽ ستارن جي چال' ۾، جيڪو 12 مئي 2024ع تي شايع ٿيو هو، اڳڪٿي ڪئي هئي ته موديءَ جو لوڪ سڀا ۾ چار سئو سيٽون کٽڻ وارو خواب پورو نه ٿيندو ۽ چونڊن ڪانپوءِ پيدا ٿيندڙ سياسي صورتحال سندس لاءِ پريشانيءَ جو سبب بڻجندي.

منهنجي خيال ۾ اڄ دهليءَ جي جنتر منتر تي نظر ايندڙ هندو-مسلم ايڪتا ۽ ڀائيچاري جي هن وڏي مظاهري مودي سرڪار کي واقعي حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو آهي. نئين نسل (جنريشن زي) طرفان لڳندڙ 'انقلاب زنده آباد' جي نعرن حڪومت جي سياسي حيثيت کي سخت چيلينج ڏنو آهي. ٻئي طرف، هندستاني رياستي ادارا پنهنجي ناڪامين تي پردو وجهڻ لاءِ 'ڪاڪروچ جنتا پارٽي' جي احتجاجن پٺيان پاڪستان جو هٿ هئڻ جي ڳالهه ڪري رهيا آهن. پر مودي سرڪار کي اِهو سمجهڻ گهرجي ته نفرت ۽ ورهاست واري ماحول ۾ آخرڪار ڪاميابي محبت، ڀائيچاري ۽ گڏيل رهڻي ڪهڻي جي ئي ٿيندي آهي. ڪنهن به سماج ۾ حقيقي اتحاد ۽ هم آهنگي تڏهن پيدا ٿيندي آهي، جڏهن اڪثريت توڙي اقليت ٻنهي کي هڪجهڙي حفاظت، عزت ۽ برابري جو احساس هجي. مون کي يقين آهي ته جيڪڏهن اسان جي پاڙيسري ملڪ جي نوجوان نسل آئيني قدرن، مذهبي هم آهنگي، برداشت، رواداري ۽ جمهوري اصولن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ اهڙي ئي جذبي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهي ته اِها ڳالهه هن سڄي خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام قائم ڪرڻ لاءِ هڪ سٺي ۽ اميد ڀري اڳڀرائي ثابت ٿي سگهي ٿي.

ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز کي خودمختيار ادارو بڻايو وڃي!

نور سنڌي

سنڌ جي تاريخ، تهذيب، ادب، موسيقي ۽ روحاني ورثي ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو مقام منفرد آهي. شاهه لطيف رڳو هڪ عظيم شاعر نه پر اهڙو فڪر ڏيندڙ مفڪر آهي، جنهن جي شاعري انسانيت، امن، رواداري، محبت، وطن دوستي، انصاف ۽ سماجي هم آهنگي جو دائمي پيغام ڏئي ٿي. ان فڪر کي محفوظ ڪرڻ، ان تي تحقيق ڪرڻ ۽ ايندڙ نسل تائين پهچائڻ لاءِ سنڌ حڪومت 1954ع ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز قائم ڪيو. جيڪو پنهنجي نوعيت جو ملڪ جو پهريون جامع ثقافتي ادارو هو.

ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي قيام جو بنيادي تصور سنڌ جي ثقافتي ورثي کي محفوظ ڪرڻ، ان جي واڌاري لاءِ علمي، ادبي ۽ فني سرگرمين کي منظم ڪرڻ ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪر کي قومي توڙي عالمي سطح تي متعارف ڪرائڻ وغيره وغيره شامل هو. مرڪز کي اهڙو ادارو بڻائڻ جو تصور ڏنو ويو هو، جيڪو سنڌ جي تهذيبي سڃاڻپ جو مرڪز بڻجي. جتي تحقيق، اشاعت، موسيقي، فنون لطيفه ۽ فڪري تربيت گڏيل طور اڳتي وڌن وڃن. مرڪز جي قانوني مقصدن تي نظر وجهجي ته انهن مان واضح ٿئي ٿو ته اداري کي سنڌ جي ثقافتي ورثي جي حفاظت ۽ ترقيءَ جو ذمو ڪيس سونپيو ويو هو. ان سان گڏ لوڪ ادب، لوڪ موسيقي، شاهه جو راڳ، روايتي سازن ۽ سنڌ جي ٻين ثقافتي قدرن کي محفوظ ڪري انهن کي عام ڪرڻ لاءِ منظم ڪوششون ڪرڻ پڻ ان جي ذميوارين ۾ شامل هو. ان کان علاوه شاهه لطيف جو تخيل، شاعري، فلسفي ۽ فڪر جي تشريح، تحقيق ۽ دنيا کي اهو ٻڌائڻ ته شاهه جو پيغام امن، شانتي، محبت، رواداري ۽ انسان دوستي تي ٻڌل آهي، مرڪز جي بنيادي ذميوارين مان هڪ هئي. اداري جي مقصدن ۾ اهو پڻ شامل هو ته مشرقي ٻولين جي عالمن، شاعرن، اديبن ۽ محققن جي رهنمائي ۽ همت افزائي ڪئي وڃي، جيئن شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي زندگي، شاعري، فلسفي ۽ فڪر بابت تحقيقي مواد گڏ ڪري سگهجي. ان بنياد تي معياري ڪتاب، تحقيقي جرنل، رسالا ۽ ٻيون اشاعتون شايع ڪيون وڃن، جيئن شاهه لطيف جي فڪر تي تحقيق جو دائرو مسلسل وسيع ٿيندو رهي.

ساڳئي وقت شاهه لطيف جي سورمين جي اعليٰ ڪردار کي قومي تربيت جو ذريعو بڻائڻ به مرڪز جي اهم ذميواري هئي. سسئي جي ثابت قدمي، مارئي جي حب الوطني، نوري جي نوڙت، سهڻي جي همت، مومل جي سونهن ۽ وفا، ليلا جي ڪردار مان اخلاقي سبق اخذ ڪري نوجوان نسل ۾ وطن سان محبت، خدمت، قرباني، ايمانداري ۽ اعليٰ انساني قدر پيدا ڪرڻ مرڪز جي فڪري مشن جو حصو هو. ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي اصل تصور ۽ موجوده ڪردار وچ ۾ واضح فرق محسوس ٿئي ٿو. ان جي قيام وقت ان کي هڪ جامع علمي، ادبي، تحقيقي ۽ ثقافتي اداري طور ڏٺو ويو هو پر موجوده حالتن ۾ ان جي سرگرمين جو وڏو حصو انتظامي ذميوارين تائين محدود ٿي ويو آهي. عملي طور تي هن وقت مرڪز جون بنيادي ذميواريون شاهه لطيف ميوزيم، لائبريري، ريسٽ هائوس، شاهه جو باغ، فنڪار هاسٽل، شيخ اياز جي مزار، موٽيل سُورلي هال، ڪيجهه پارڪن ۽ ڪراڙ ڍنڍ جي سار سنڀال سان لاڳاپيل آهن. يقيناً اهي ذميواريون به مرڪز جي فرض ۾ شامل آهن پر جيڪڏهن انهن کي مرڪز جي بنيادي مقصدن سان ڀيٽجي ته معلوم ٿئي ٿو ته تحقيق، اشاعت، لوڪ ادب جي ترقي، شاهه جو راڳ جي سکيا، نوجوانن جي فڪري تربيت ۽ عالمي سطح تي شاهه لطيف جي فڪر جي واڌاري جهڙن شعبن کي وڌيڪ فعال بڻائڻ جي ضرورت موجود آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي عالمي سطح جو ريسرچ سينٽر بڻايو وڃي، جتي رسالي جا مختلف قلمي نسخا، ناياب ڪتاب، تصويرون، آڊيو ۽ وڊيو رڪارڊنگون، تاريخي دستاويز ۽ جديد تحقيقي مواد گڏ ڪري ڊجيٽل آرڪائيو قائم ڪيو وڃي. هرسال تحقيقي جرنل، علمي رسالا، تنقيدي ايڊيشن ۽ نوان ڪتاب شايع ڪيا وڃن. جيئن شاهه لطيف بابت علمي ڪم کي نئين وسعت ملي. ان سان گڏ چترڪاري، خطاطي، ڪاشي سازي، دستڪاري، لوڪ سازن جي تياري، سنگتراشي ۽ ٻين فنون لطيفه جا تربيتي مرڪز قائم ڪيا وڃن. جيئن ڀٽ شاهه واقعي هڪ زنده ثقافتي ڪيمپس جي صورت اختيار ڪري. حقيقت اها آهي ته ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز کي صرف هڪ علائقي جو ادارو نه پر ڏکڻ ايشيا جو اهم علمي ۽ ثقافتي مرڪز بڻائي سگهجي ٿو. ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز کي اهڙي حيثيت ڏيڻ لاءِ تاريخي، ادبي ۽ روحاني سرمايو موجود آهي. ضرورت رڳو ان کي مناسب انتظامي ڍانچي، خودمختياري ۽ جديد منصوبابنديءَ سان ڳنڍڻ جي آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو پيغام سرحدن، نسلن ۽ مذهبن کان مٿانهون آهي. اهو پيغام انسان کي انسان سان محبت ڪرڻ، ڌرتي سان وفاداري نڀائڻ، ڏکن ۾ ثابت قدم رهڻ ۽ سچ، انصاف ۽ رواداري تي قائم رهڻ جو درس ڏئي ٿو اهڙي فڪر جي امين اداري کي رڳو عمارتن، باغن، ميوزيم، لائبريري، ريسٽ هائوس ۽ ٻين اثاثن جي سار سنڀال تائين محدود رکڻ سان ان جي تاريخي ۽ علمي ڪردار جي مڪمل ادائيگي ممڪن نه آهي. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته سنڌ حڪومت علمي ادارا، يونيورسٽيون، اديب، محقق، فنڪار ۽ سول سوسائٽي گڏجي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز کي ان جي اصل مقصدن سان ٻيهر هم آهنگ ڪن. جيڪڏهن اداري کي قانوني اختيار، مالي خودمختياري، جديد انتظامي ڍانچو ۽ واضح علمي پاليسي ڏني وڃي ته اهو نه رڳو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو فڪر عالمي سطح تي وڌيڪ نمايان ڪري سگهي ٿو پر سنڌ جي ثقافتي ورثي جو تحفظ، تحقيق، اشاعت ۽ فروغ لاءِ پڻ هڪ مثالي ادارو ثابت ٿي سگهي ٿو ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز کي خودمختيار بڻائڻ ڪنهن هڪ اداري جي انتظامي سڌاري جو سوال نه پر سنڌ جي علمي، ادبي، ثقافتي ۽ روحاني مستقبل سان لاڳاپيل هڪ بنيادي ۽ قومي ضرورت آهي. جڏهن هيءُ ادارو پنهنجي قيام جي اصل مقصدن مطابق فعال ٿيندو، تڏهن ئي شاهه لطيف جو آفاقي پيغام وڌيڪ مؤثر نموني دنيا تائين پهچندو ۽ ڀٽ شاهه پنهنجي حقيقي حيثيت ۾ علم، تحقيق، موسيقي، فن ۽ ثقافت جي عالمي مرڪز طور سڃاتو ويندو.

چونڊن جو ٻيون مرحلو، نئون امتحان!



محمد محسن رضا

چونڊون بيشڪ جمهوريت جو حُسن هونديون آهن پر ڪنهن به سماج جي اصل ڪهاڻي چونڊن جي نتيجن سان نه پر انهن نتيجن ڪانپوءِ شروع ٿيندي آهي. چونڊ مهم جون رونقون، نعرن جي گونج، مخالفن تي تنقيد، واعدن جي برسات ۽ ڪاميابيءَ جون دعوائون ڪجهه ڏينهن ۾ ئي ماضيءَ جو حصو بڻجي وينديون آهن. پوءِ هڪ اهڙي خاموش صُبح ايندي آهي، جڏهن ووٽن جا دٻا بند ٿي چڪا هوندا آهن. حتمي نتيجا سامهون اچي چڪا هوندا آهن ۽ حڪومت هلائڻ جي ذميواري چونڊيل نمائندن جي ڪُلهن تي اچي پوندي آهي. اتي ئي سياست جي مهم ختم ٿيندي آهي ۽ حڪمرانيءَ جو اصل امتحان شروع ٿيندو آهي. آزاد جموں ۽ ڪشمير جون چونڊون به هاڻي اهڙي ئي مرحلي ۾ داخل ٿي چڪيون آهن. مسلم ليگ (ن) پنهنجي ڪاميابيءَ کي عوام جي اعتماد جو اظهار قرار ڏئي رهي آهي. جڏهن ته پاڪستان پيپلز پارٽي ڪيترن ئي تڪن ۾ مبينا ڌانڌلي، انتظامي بي ضابطگين سرڪاري وسيلن جي استعمال ۽ سياسي اثراندازيءَ جا الزام لڳايا آهن. ٻئي پاسي مسلم ليگ (ن) انهن سڀني الزامن کي رد ڪندي چوي ٿي ته چونڊ نتيجا عوام جي واضح مينڊيٽ جو عڪس آهن. اهڙي صورتحال ۾ لاڳاپيل آئيني ۽ چونڊ ادارن جي ذميواري بڻجي ٿي ته هر اعتراض ۽ شڪايت جو مڪمل شفافيت، انصاف ۽ غيرجانبداريءَ سان جائزو ورتو وڃي، ڇاڪاڻ ته جمهوريت رڳو ووٽ وجهڻ سان مضبوط نه ٿيندي آهي، پر ان وقت مضبوط ٿيندي آهي جڏهن چونڊ عمل تي سڀني ڌرين کي هڪجهڙو اعتماد هجي.

حقيقت اها آهي ته آزاد ڪشمير جي چونڊن جو پهريون مرحلو ئي تڪراري بڻجندو نظر اچي رهيو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي چونڊ عمل تي سخت خدشن جو اظهار ڪيو آهي، جڏهن ته پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز جي ردعمل سياسي ماحول کي وڌيڪ ڇڪتاڻ وارو بڻائي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن پهرئين مرحلي بابت اٿاريل اعتراضن جو بروقت، شفاف ۽ غيرجانبدارانو ازالو نه ڪيو ويو ته اهو خدشو موجود آهي ته چونڊن جو ٻيو مرحلو به تڪرارن ۽ بي اعتماديءَ جي ور چڙهي سگهي ٿو. اهڙي صورتحال کان بچڻ چونڊ ادارن جي اهم ذميواري آهي، جيئن چونڊ عمل جي ساک ۽ اعتبار تي ڪو به سوال نه اٿي. هن چونڊ ۾ مسلم ليگ (ن) پنهنجي سموري سياسي ۽ تنظيمي طاقت ميدان ۾ لاٿي اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف چونڊ مهم جي اڳواڻي ڪئي، جڏهن ته پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز مسلسل عوامي رابطي جي مهم هلائي. ساڳئي وقت سينيئر صوبائي وزير مريم اورنگزيب چونڊ حڪمت عملي ترتيب ڏيڻ ۽ ميڊيا مهم کي منظم نموني اڳتي وڌائڻ ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪيو. ٻئي پاسي بلاول ڀٽو زرداري به ڀرپور چونڊ مهم هلائي، جنهن سبب ٻنهي وڏين سياسي پارٽين وچ ۾ سخت مقابلو ڏسڻ ۾ آيو پر اصل سوال اهو آهي ته ڇا چونڊن جو مقصد رڳو اقتدار حاصل ڪرڻ آهي يا رياست جي ترجيحن جو تعين ڪرڻ به؟ اهو ئي بنيادي سوال آهي، جيڪو چونڊون ختم ٿيڻ ڪانپوءِ به پنهنجي اهميت برقرار رکندو آهي. آزاد ڪشمير قدرتي حُسن، زرخيز زمين، دلڪش سياحتي ماڳن پن بجلي جي وڏي صلاحيت ۽ مضبوط اوورسيز ڪشميري برادري جهڙين بي شمار نعمتن سان مالا مال آهي. پر جيڪڏهن ان هوندي به نوجوان روزگار جي ڳولا ۾ لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور هجن، سياحت پنهنجي حقيقي معاشي سگهه موجب ترقي نه ڪري سگهي، تعليم ۽ صحت جون سهولتون گهربل معيار تائين نه پهچي سگهن، ته پوءِ مسئلو وسيلن جي کوٽ جو نه، پر حڪمراني ۽ ترجيحن جو آهي. ان ڪري نئين حڪومت لاءِ رڳو نوان روڊ ٺاهڻ ڪافي نه هوندو، بلڪ مضبوط ۽ ڪارائتا ادارا قائم ڪرڻ ئي سڀ کان وڏو امتحان هوندو. تعليم، صحت، سياحت، ماحولياتي تحفظ، مضبوط بلدياتي نظام ۽ نوجوانن جي فني مهارتن کي ترقيءَ جو بنياد بڻائڻو پوندو، ٻي صورت ۾ چونڊن ۾ حاصل ڪيل ڪاميابي رڳو هڪ سياسي واقعي تائين محدود رهجي ويندي. آزاد ڪشمير جي معيشت لاءِ سڀ کان وڏي اميد سياحت آهي، پر سياحت رڳو خوبصورت نظارن جو نالو ناهي. ان لاءِ محفوظ ۽ معياري روڊ، جديد ريسڪيو سهولتون، سٺي رهائش، تربيت يافته سياحتي اڳواڻ، بهتر ٽريفڪ نظام ۽ ماحول دوست منصوبابندي به لازمي آهي. نيلم، ليپا، شارده، ڪيل پير چناسي، باغ ۽ راولاڪوٽ جهڙا علائقا عالمي معيار جا سياحتي مرڪز بڻجي سگهن ٿا، جيڪڏهن انهن جي ترقي عالمي معيار موجب رٿابندي سان ڪئي وڃي. اوورسيز ڪشميري به هن خطي جو انتهائي قيمتي سرمايو آهن. جيڪڏهن حڪومت انهن لاءِ واضح ۽ اعتماد جوڳي سيڙپڪاري پاليسي جوڙي ته سندن سرمايو سياحت، آئي ٽي، زراعت، صنعت ۽ فني تعليم جهڙن شعبن ۾ نيون معاشي سرگرميون پيدا ڪري سگهي ٿو. تعليم جي شعبي ۾ جديد نصاب، قابل ۽ معياري استاد، تحقيق کي هٿي ڏيڻ ۽ ڊجيٽل مهارتن کي فروغ ڏيڻ بنيادي ضرورتون آهن. جڏهن ته صحت جي شعبي ۾ ٽيلي ميڊيسن، جديد ضلعي اسپتالون، فعال بنيادي صحت مرڪز ۽ مضبوط ايمرجنسي سروس جو نظام وقت جي اهم گهرج بڻجي چڪو آهي.

اڄ جو ووٽر اڳي کان گهڻو وڌيڪ باشعور ٿي چڪو آهي هو رڳو نعرن ۽ دعوائن تي اعتبار نٿو ڪري، پر حڪومتن جي ڪارڪردگيءَ کي پرکڻ چاهي ٿو. ڊجيٽل دور ۾ هر واعدو عوامي احتساب جو حصو بڻجي ويندو آهي، جتي ماڻهو حڪمرانن کان پنهنجن اعلانن تي عملدرآمد جو حساب گهرندا آهن. مسلم ليگ (ن) هن چونڊ ۾ پنهنجي سياسي ۽ تنظيمي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو آهي، پر پهرئين مرحلي ۾ حاصل ڪيل ڪاميابي سان گڏ ان تي ذميواريون به وڌيڪ وڌي ويون آهن. هاڻي عوام تقريرن بدران عملي نتيجا ڏسڻ چاهي ٿو. ماڻهن کي اهڙي حڪمراني گهرجي، جيڪا ادارن کي مضبوط ڪري، انصاف جي فراهمي کي يقيني بڻائي، نوجوانن لاءِ روزگار ۽ ترقيءَ جا نوان موقعا پيدا ڪري ۽ عوام جي اعتماد کي وڌيڪ هٿي ڏئي. حقيقت ۾ قومن جي ترقيءَ جو اندازو جلسن جي تعداد يا چونڊن ۾ حاصل ڪيل اڪثريت سان نه لڳايو ويندو آهي پر ان ڳالهه سان لڳايو ويندو آهي ته هڪ ٻار کي ڪهڙي معيار جي تعليم ملي رهي آهي، هڪ مريض کي علاج ڪيتري آسانيءَ سان دستياب آهي، هڪ نوجوان لاءِ روزگار جا ڪيترا موقعا موجود آهن ۽ هڪ عام شهري کي قانون ۽ انصاف جي نظام تي ڪيترو ڀروسو آهي. آزاد ڪشمير جي عوام پنهنجو فيصلو ڏئي ڇڏيو آهي. هاڻي اصل امتحان نئين حڪومت جو آهي ته اها عوام جي ڏنل مينڊيٽ کي رڳو ڪجهه سالن جي اقتدار جو وسيلو سمجهي ٿي يا ايندڙ نسلن جي مستقبل جي امانت. جيڪڏهن حڪومت پنهنجي ترجيحن ۾ ادارن جي مضبوطي، معياري تعليم ۽ صحت، سياحت جي ترقي، معاشي بهتري، شفافيت ۽ قانون جي حڪمرانيءَ کي اهميت ڏني، ته هي چونڊون آزاد ڪشمير ۾ هڪ نئين دور جي شروعات ثابت ٿي سگهن ٿيون. پر جيڪڏهن سياست وري به صرف ايندڙ چونڊن تائين محدود رهي، ته پوءِ تاريخ هن موقعي کي به ضايع ٿيل موقعي طور ئي ياد ڪندي.

آزاد ڪشمير ۾ ترقيءَ جي سفر کي پائيدار بڻائڻ لاءِ رڳو وڏا ترقياتي منصوبا ڪافي نه هوندا. پر سٺي حڪمراني (گڊ گورننس) کي به رياستي پاليسيءَ جو بنيادي ستون بڻائڻو پوندو اڄ جي جديد دنيا ۾ اهي حڪومتون ئي ڪامياب سمجهيون وڃن ٿيون، جيڪي پنهنجن فيصلن ۾ شفافيت، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ، ڊجيٽل گورننس احتساب ۽ عوامي شموليت کي يقيني بڻائين ٿيون. سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي کي جديد ٽيڪنالاجي سان ڳنڍڻ، سرڪاري سهولتن کي آن لائن مهيا ڪرڻ، عوام جي شڪايتن جي ترت ازاليءَ لاءِ مؤثر نظام قائم ڪرڻ ۽ مالي معاملن ۾ شفافيت آڻڻ سان نه رڳو عوام جو اعتماد وڌندو پر سيڙپڪاري لاءِ به سازگار ماحول پيدا ٿيندو. ساڳئي وقت نوجوانن کي ترقيءَ جي مرڪزي ڌارا ۾ شامل ڪرڻ به وقت جي اهم ضرورت آهي. ماحولياتي تحفظ کي به نئين حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل ٿيڻ گهرجي. موسمياتي تبديليءَ جا اثر جبلن وارن علائقن ۾ وڌيڪ شدت سان محسوس ڪيا پيا وڃن. بي ترتيب اڏاوتون، ٻيلن جي بي دريغ ڪٽائي، لينڊ سلائيڊنگ ۽ پاڻيءَ جي وسيلن تي وڌندڙ دٻاءُ مستقبل لاءِ سنگين خطرا پيدا ڪري سگهي ٿو. تنهن ڪري هر ترقياتي منصوبي ۾ ماحول دوست پاليسين ٻيلن جي حفاظت، جديد ويسٽ مينيجمينٽ ۽ قدرتي وسيلن جي ذميوارانه استعمال کي لازمي حصو بڻائڻ گهرجي. ٻئي طرف، آزاد ڪشمير جي مختلف علائقن ۾ چونڊ نتيجن خلاف جاري احتجاجن کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. اختلافِ راءِ جمهوريت جو فطري حصو آهي، پر ان جو پائيدار حل آئين، قانون، برداشت ۽ بامقصد ڳالهين ۾ لڪل آهي سڀني سياسي پارٽين، ادارن ۽ لاڳاپيل اختيارين کي گهرجي ته عوام جي خدشن کي سنجيدگيءَ سان ٻڌن. شفاف جاچ ذريعي حقيقتون سامهون آڻين ۽ اهڙن قدمن کان پاسو ڪن جيڪي سياسي ڇڪتاڻ کي وڌيڪ وڌائين. حقيقت ۾ جمهوريت جي ڪاميابي رڳو مخالفن کي شڪست ڏيڻ ۾ ناهي، پر اختلافن کي آئين، قانون ۽ ڳالهين وسيلي حل ڪرڻ ۾ آهي. اهڙو ئي رويو عوام جو اعتماد بحال ڪري سگهي ٿو ۽ رياست کي استحڪام، ترقي ۽ خوشحاليءَ ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿو.

اجوڪو ڏينهن ---- 30 جولاءِ

ارباب نورمحمد پليجو

اڄ مشهور سياستدان نورمحمد پليجي جي جنم جو ڏينهن آهي. هو 30 جولاءِ 1915ع ۾ پيدا ٿيو ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڀنون شهر مان حاصل ڪيائين. ان بعد سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ پڙهيو. هن پنهنجي سڄي ڄمار سياسي ۽ سماجي سرگرمين ۾ گذاري. هن سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي پهرئين سيڪريٽريءَ طور ڪم ڪيو ۽ بزم صوفياءِ سنڌ جو ڊپٽي سيڪريٽري پڻ رهيو. هو سنڌ مدرسة الاسلام جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر به رهيو. سنڌ جي حقن جي لاءِ آواز اٿارڻ سبب به ڀيرا قيد جون سعوبتون برداشت ڪيائين. هن 25 مئي1979ع تي وفات ڪئي.



ايشور چندر

اڄ هند ۽ سنڌ جي مشهور ڪهاڻيڪار ايشور چندر جي جنم جو ڏينهن آهي. هن مهان ليکڪ جو جنم 30 جولاءِ 1937ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو. هن مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي. ورهاڱي کان پوءِ اجمير ۾ وڃي ٽائيڪو ٿيو جتي ريلوي کاتي ۾ ملازمت ڪيائين. هن جو شمار مهان ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. هن لڳ ڀڳ 2 سئو شاهڪار ڪهاڻيون لکيون. سندس 13 ڪتاب سنڌيءَ ۾، 10 هنديءَ ۾، 3 گجراتيءَ ۾، هڪ انگريزيءَ ۾ ۽ هڪ مليالم ٻوليءَ ۾ شايع ٿيل آهن. سندس سنڌي ڪتابن ۾ "ٽڏا چپ" (1965ع)، "مٽل ماڪوڙو" (1966ع)، "پنهنجي ئي گهر ۾" (1973ع)، "نئين زماني جو ڪوئو" (1979ع)، "سخت ڇهري وارو ماڻهو" (1980ع)، "موٽي آيل ماضي" (1981ع)، "ايشور چندر جون ست ڪهاڻيون" (1983ع)، "چوڪرو چوڪري" (1983ع)، "اندر جو جاموڙو" (1984ع)، "ساڳيو ئي سوال" (1984ع)، "هڪ بيمار غزل" (1985ع)، "رُت" (1986ع)، "پر شايد" (1987ع) ۽ "نه مرڻ جو ڏک" شامل آهن. هن عظيم ليکڪ 13 آگسٽ 1992ع تي هيءُ جهان ڇڏيو.



اڪبر راشدي

اڪبر راشدي سنڌ جو ماهر انجنيئر ۽ سماج سڌارڪ آهي. هن جو جنم 30 جولاءِ 1951ع تي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ پير جي ڳوٺ ۾ ٿيو. هن 1977ع ۾ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج (هاڻوڪي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي) مان سول انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪئي. هن 1978ع کان 1985ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سول انجنيئر طور ڪم ڪيو. ان بعد انجنيئرنگ جي ڪيترن ئي اهم عهدن تي رهي خدمتون سرانجام ڏنائين. انهن ۾ سکر ۾ سپرنٽينڊنٽ انجنيئر هاءِ وين ايشين ڊولپمينٽ پراجيڪٽ سيل ۾ پراجيڪٽ ڊائريڪٽر ۽ ٻيا اهم عهدا شامل آهن. اڪبر شاهه سماجي سرگرمين ۽ عام ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ به هميشه اڳڀرو رهيو آهي. هن ڳوٺن کي بنيادي سهوليتون ڏيارڻ لاءِ "سماجي ڀلائي سنگت" نالي هڪ تنظيم ناهي، جنهن جون 50 کان به وڌيڪ شاخون مختلف ڳوٺن ۾ ڪم ڪري رهيون آهن. ان کان علاوه "سنڌ سيد ايسوسيئيشن لاڙڪاڻو" ۽ "راشدي ايسوسيئيشن سنڌ" جو صدر رهي چڪو آهي. سنڌ ثقافت کاتي جي اڳوڻي سيڪريٽري ۽ مشهور ليکڪ مهتاب اڪبر راشدي سندس گهر واري آهي.

سهراب خان سرڪي

اڄ مشهور سياستدان سهراب خان سرڪيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 30 جولاءِ 1968ع تي ڳوٺ ڳڙهي حسن، تعلقي ٺُل ضلعي جيڪب آباد ۾ ٿيو. هن شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم اي ۽ ڊائو ميڊيڪل يونيورسٽي ڪراچيءَ مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪئي. هو 1993ع ۾





مختيار اڄڻ

ڀهريون ڀيرو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. ان بعد 1997ع، 2002ع ۽ 2015ع وارين عام چونڊن ۾ به سنڌي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. هن بين الصوبائي تعلقات جي وزير طور به ڪم ڪيو آهي.

ڊاڪٽر رِيٽا ڪوٺاري

ڊاڪٽر رِيٽا ڪوٺاري هندستان جي مشهور ليکڪا، تعليمي ماهر ۽ ترجمي نگار آهي. هن جو جنم 30 جولاءِ 1969ع تي هندستاني گجرات جي هڪ سنڌي هندو خاندان ۾ ٿيو. هن 1989ع ۾ احمدآباد جي زيوئر ڪاليج مان گريجوئيشن ڪئي. هن 1995ع ۾ پوني يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب ۾ ايم اي جي سند ۽ 2000ع ۾ گجرات يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي. هن 1992ع کان 2007ع تائين زيوئر ڪاليج احمدآباد ۾ انگريزي ادب پڙهايو. ان بعد انسٽيٽيوٽ آف اسٽريٽجڪ مارڪيٽنگ ۽ ڪميونيڪيشن ۾ ڪلچر ۽ ڪميونيڪيشن جي پروفيسر طور ڪم ڪيائين. هن وقت اشوڪا يونيورسٽي سونيپت ۾ انگريزيءَ جي پروفيسر طور خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي. هوءَ انگريزي، سنڌي ۽ گجراتي ٻوليءَ جي هڪ وڏي ليکڪا آهي. ٻوليءَ جي سياست، ورهاڱي جا ورق، گجرات ۽ سنڌ جون ريتون ۽ رسمون، ۽ هندي سئنيما سندس لکڻين جا موضوع آهن. هن جي مشهور ڪتابن ۾ "Translating India: The Cultural Politics of English", "The Burdon of Refuge: The Sindhi Hindus of Gujrat", "Unbordered Memories: Partion Stories from Sindh", "Memories and Greatest Gujrati Stories Ever "۽Movements" "Told"شامل آهن. ان کان علاوه هن ڪيترائي ڪتاب ترجمو ۽ تاليف ڪيا آهن.

ايڊووڪيٽ بلقيس انور ڪورائي

هن نامور قانوندان ۽ سماج سڌارڪ ناريءَ جو جنم 30 جولاءِ 1983ع تي ڪامريڊ محمد انور ڪورائيءَ جي گهر موري ۾ ٿيو. هن پرائمري، ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليم موري مان حاصل ڪئي. هن مهراڻ ڊگري ڪاليج موري مان گريجوئيشن ڪئي ۽ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان ڪيمسٽريءَ واري شعبي ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪئي. ان کان علاوه ايل ايل بي جي سند پڻ حاصل ڪيائين. هوءَ هاءِ ڪورٽ جي وڪيل طور حيدرآباد ۾ ڪم ڪندي رهي آهي. هن ننڍپڻ کان ئي لکڻ شروع ڪيو. سندس به ڪتاب "مورو جا پرولتاريه انقلابي" ۽ "انور جو خواب" ڏينهن جي روشني ڏسي چڪا آهن.



هيرو شيوڪاڻي

اڄ هند ۽ سنڌ جي برک اديب ۽ تعليمي ماهر هيرو شيوڪاڻيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هو 6 جنوري 1925ع تي سجاول ضلعي جي شهر جوهي ڄماليءَ ۾ ڄائو. ورهاڱي کان پوءِ ممبئيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائين ۽ ممبئي يونيورسٽيءَ مان تعليم حاصل ڪري بي اي ۽ ايم اي جون سندون حاصل ڪيائين. هن هڪ اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. اڳتي هلي الهاس نگر جي آر ڪي ٽي ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ انهيءَ ڪاليج جي پرنسپال طور رٽائر ٿيو رٽائرمينٽ کان پوءِ اٽڪل 8 سال تولاڻي ڪاليج گانڌيڌام جو پرنسپال رهيو. 1967ع ۾ هڪ ڪهاڻيڪار طور ادبي ڪيتر ۾ پير پاتائين ۽ مشهور ادبي رسالو "جوليون" جاري ڪيائين. هن ڏهن کان وڌيڪ ڪتاب لکيا. 2004ع ۾ هو سنڌ گهمڻ آيو ۽ "گلاب جي گلن جو ديش" نالي سان پنهنجو سفرنامو لکيائين. هو ڏهن سالن تائين ساهتيه اڪيڊميءَ جي مرڪزي صلاحڪاري بورڊ جو ميمبر ۽ ڇهن سالن تائين مهاراشٽر جي ساهتيه اڪيڊميءَ جو ميمبر رهيو. هن 30 جولاءِ 2021ع تي هيءُ جهان ڇڏيو.



CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

فرسٽ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ڄامشورو
سڪسيشن درخواست نمبر 19 سال 2026

مسمات عظميٰ بيواهه رضوان علي شيخ رهاڻڪ گهر نمبر C-127 سنڌ يونيورسٽي ڪالوني تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو .. ايپليڪينٽ.بخلاف. (1) عائشه شيخ ڌيءُ رضوان علي شيخ (2) مزمل علي شيخ ولد رضوان علي شيخ (3) اذان علي شيخ ولد رضوان علي شيخ سڀ مائنر رهاڻڪ گهر نمبر C-127 سنڌ يونيورسٽي ڪالوني تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو (4) برانچ مينيجر اين بي پي سنڌ يونيورسٽي برانچ ڄامشورو (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج....اپوننٽس

.مٿين نالي وارن اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي رضوان علي شيخ ولد مقصود علي شيخ جنهن ۾ NBP سنڌ يونيورسٽي برانچ جي اڪائونٽ نمبر 3013870133 ۾ ڇڏيل رقم -/333906 روپيا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا
سڪسيشن درخواست نمبر 34 سال 2026

مسمات صوبيه بيواهه مرحوم خدا ڏنو رهاڻڪ محلہ درائي اسٽريٽ هالا موبائل نمبر 03241320021 تعلقو هالا ضلعو مٽياري .. ايپليڪينٽ.بخلاف. (1) منيبا سحر (2) طيبه (3) مديحه (4) بختاور (5) طحه بتول (6) عليشا فاطمه سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم خدا ڏنو سيريل نمبر 1 کان 5 بالغ سيريل نمبر 6 مائنر (7) مينيجر حبيب بينڪ برانچ هالا (8) جنرل پبلڪ .....اپوننٽس

.مٿين نالي وارن اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي خداڏنو شناختي ڪارڊ نمبر 4130184670123 وفات جي تاريخ 14-01-2026 جنهن ۾ HBL هالا برانچ جي اڪائونٽ نمبر 00390007493701 ۾ ڇڏيل رقم -/643206.64 روپيا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 01-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج II شهيد بينظيرآباد
ايف سي سوٽ نمبر 18 سال 2026

عبدالقيوم ولد عبدالغفور آرائين .. پلينٽف.بخلاف. (1) ڊي سي شهيد بينظير آباد (2) اي سي نوابشاهه (3) مختيارڪار روينيو نوابشاهه (4) سب رجسٽرار نوابشاهه (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ....ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي ا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج II شهيد بينظيرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين سوٽ نمبر 103 سال 2026

ڪرن بيواهه آشوڪ ڪمار اوڊ رهاڻڪ شاهه جهان ٽائون فيز 2 سانگهڙ روڊ نوابشاهه .. ايپليڪينٽ.بخلاف. سنجي ڪمار ولد مرحوم اشوڪ ڪمار رهاڻڪ شاهه جهان ٽائون فيز 2 سانگهڙ روڊ نوابشاهه (2) جنرل پبلڪ ....اپوننٽس

.نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7.10.29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) ساحل ڪمار (2) پون ڪمار جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول/ فيملي جج ٽي ايم خان
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

انور حسين ولد محمد ابراهيم ذات ڪوسو رهاڻڪ ڳوٺ حاجي محمد ابراهيم ڪوسو ناگو شاهه ٽي ايم خان .. ايپليڪينٽ.بخلاف (1) شهباز حسين (2) امتياز علي (3) نياز علي ڪوسو (4) شير باز علي ڪوسو (5) فياض علي ڪوسو (6) فراز علي ڪوسو (7) شيراز علي ڪوسو (8) بيبي نياب (9) بيبي غلام فاطمه (10) نورالنساء سڀ پٽ ڌيئرون انور حسين ڪوسو (11) جنرل پبلڪ ....اپوننٽس (1) نويز علي ولد انور حسين عمر 05 سال.. مائنر

.نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7.10.29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول/ فيملي جج ٽي ايم خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان
ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 51سال 2026

مسمات شازيہ ڌيءُ ولي محمد ذات سهتو رهاڻڪ ڳوٺ مليڏنو سهتو تعلقو بلڙي شاهه ڪريم .. پلينٽف.بخلاف. (1) اعظم علي ولد موليڏنو ذات سهتو رهاڻڪ ڳوٺ مليڏنو سهتو تعلقو بلڙي شاهه ڪريم ضلع ٽنڊو محمد خان ....ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 21 رول 10 سي پي سي آر ڊبليو سيڪشن 151 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي ا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

سول جج اينڊ جي ايم MTMC/I ميرپورخاص
ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر 04 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 49سال 2025

شريمتي پريا ڌيءُ نارسنگهه هندو بالغ رهاڻڪ غريب آباد ميرپورخاص .. پلينٽف.بخلاف. ونود ولد پرپات هندو بالغ رهاڻڪ نصيبا ڪالوني ضلعو ٽنڊو الهيار ....ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 21 رول 11 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي ا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 31-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم MTMC/I ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ/ فيملي جج حيدرآباد
(روبرو جناب محمد عامر راجپوت)
ڪنزيومر ڪمپلين نمبر 14سال 2026

شاهنواز بگهيو ولد امتياز علي بگهيو رهاڻڪ فليٽ نمبر 728 B-17th فلور شاهه چيلٽس پلازه نزد انڊس هوٽل حيدرآباد .. ڪمپلينٽ.بخلاف. ميسرز Diners حيدرآباد ....ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ڪمپلينٽ توهان جي خلاف ڪنزيومر ڪمپلينٽ داخل ڪئي آهي ا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ/ فيملي جج حيدرآباد

عام اطلاع

عام ماڻهن جي ڄاڻ لاءِ اطلاع ڏجي ٿو ته مسٽر شاهد علي ولد مشتاق علي هيٺ ڄاڻايل غير منقول ملڪيت بابت مسٽر مير محمد سريجو ولد عبدالسلام سريجو جي حق ۾ اڳ ۾ ئي قانوني معاهدو براءِ وڪرو (Agreement to Sell)ڪري چڪو آهي.ملڪيت جا تفصيل:سروي نمبر 183، ايراضي (10-01) ايڪڙسروي نمبر 186، ايراضي (4-10) ايڪڙ ڪل ايراضي: (11-14) ايڪڙ، واقع ديهه ڏنڊ، ٽپو ورياسي تعلقو ۽ ضلعو بدين.جيئن ته مذڪوره ملڪيت بابت معاهدو براءِ وڪرو اڳ ۾ ئي عمل ۾ اچي چڪو آهي، تنهن ڪري مسٽر شاهد علي ولد مشتاق علي کي مذڪوره ملڪيت بابت ڪنهن ٻئي شخص سان ٻيهر معاهدو ڪرڻ، وڪرو ڪرڻ، رجسٽري ڪرائڻ، رهن(Mortgage) ، هبو (Gift)ڏيڻ يا ڪنهن به قسم جو ٽئين ڌر جو حق پيدا ڪرڻ جو ڪو به قانوني اختيار حاصل ناهي.تنهن ڪري عام ماڻهن کي خبردار ڪيو وڃي ٿو ته هو مذڪوره ملڪيت بابت مسٽر شاهد علي ولد مشتاق علي سان ڪنهن به قسم جو سودو يا لين دين نه ڪن جيڪڏهن ڪو شخص هن عوامي اطلاع جي باوجود اهڙو ڪو معاملو ڪندو ته اهو پنهنجي ذميواري، خرچ ۽ خطري تي ڪندو ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ ڪنهن به نقصان يا تڪرار جي ذميواري موجوده خريدار تي نه هوندي.هي عوامي اطلاع عام ماڻهن ۽ لاڳاپيل ڌرين جي ڄاڻ لاءِ شايع ڪيو وڃي ٿو

مير محمد سريجوولد عبدالسلام سريجو

لاتعلقي جو اظهار

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته منهنجو پائيٽيو نالي قدير احمد ولد مرحوم علي حسن رند رهاڻڪ وارڊ نمبر 05 ڊومڪي محلہ ڊيرامراد جمالي ضلع نصير آباد بلوچستان سان ڪنهن به قسم جو ڪو به تعلق نه آهي هو پنهنجي بري ڀلي جو پاڻ ذميوار آهي اڄ کانپوءِ منهنجو ۽ منهنجي گهر ڀاتين جو قدير احمد ولد مرحوم علي حسن رند سان ڪنهن به قسم جو تعلق نه آهي اسان سندس سان اظهار لاتعلقي ڪيان ٿو منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

محمد عمر ولد شاهه علي رهاڻڪ گهر نمبر 76 بلاڪ بي سنگهار ٽائون ٽنڊو ڄام ضلعو حيدرآباد

بقايا 1 روزاني عبرت

اڳواڻن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ اطلاعات کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ياسر نواز ميمڻ، سوشل ويلفيئر کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر نعيم سومرو، ڊي ايس پي ڪميلين اقبال ستيو، پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان جي نائب صدر ذوالفقار چانڊيو، هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان (HRCP)جي ڊاڪٽر محمد علي ميمڻ، جماعت اسلامي ٽنڊو محمد خان جي امير پير مسلم جان سرهندي، قومي عوامي تحريڪ جي جنرل سيڪريٽري ونود مينگهواڙ ، ايڊووڪيٽ شبانه قريشي ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي ضلعي صدر آمنه ڪنڀار سميت ٻين شرڪت ڪئي ورڪشاپ کي خطاب ڪندي مقررن چيو ته هن مشاورتي اجلاس جو مقصد سنڌ پروٽيڪشن آف جرنلسٽس اينڊ ادر ميڊيا پريڪٽشنرز ايڪٽ 2021ع، ان جي ضابطن ۽ سنڌ ميڊيا سيفٽي ڪميشن جي ڪردار بابت آگاهي پيدا ڪرڻ آهي جيئن صحافين ۽ ميڊيا سان لاڳاپيل ماڻهن جي تحفظ بابت قانون جي اهميت کي اجاگر ڪري سگهجي.هنن چيو ته اهڙن مشاورتي اجلاسن وسيلي صحافين کي درپيش موجوده چئلينجن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وڃي ٿي ۽ لاڳاپيل قانون بابت وڌيڪ آگاهي فراهم ڪئي وڃي ٿي ته جيئن صحافين جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪري سگهجي.ان موقعي تي پاڪستان پريس فائونڊيشن جي ما□□□نر لالا حسن پٺاڻ خطاب ڪندي چيو ته قانون تي مؤثر عملدرآمد ۾ موجود رڪاوٽن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ مختلف اسٽيڪ هولڊرز کان اهڙيون قابل عمل سفارشون حاصل ڪر□□ هن اجلاس جو اهم مقصد آهي ته صحا□ن □ مختلف ط□قن سان □مسائن □ نشاند□□ ، جن جي مدد سان سنڌ ۾ صحافين جي تحفظ واري نظام کي وڌيڪ مضبوط ۽ اثرائتو بڻائي سگهجي

بقايا 2 روزاني عبرت

فوتي نينگر جو لاش سول اسپتال آندو ويو جتي ضروري قانوني ڪاغذي ڪارروائي بعد لاش وارثن جي حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو فوتي نينگر جي وارثن جو چوڻ آهي ته تار تمام گهٽي هيٺ هئي جنهن بابت سيپڪو وارن کي اسين ڪيترائي ڀيرا شڪايتون ڪيون پر هنن ڪن لاٿار ڪندا رهيا هنن جي غفلت ۽ لاپرواهي سبب اڄ معصوم زندگي ضايع ٿي جنهن جو ڪيس سيپڪو جي نااهل انتظاميا خلاف داخل ڪيو وڃي

بقايا 3 روزاني عبرت

ويجهو ڳوٺ غلام حسين لنڊ ۾ 45 سالا پاري ڪولهڻ 15 ڏينهن اڳ سنڌس چار سالن جي نينگري فوت ٿيڻ بعد ماءُ پنهنجو ذهني توازن وڃائي ويٺي مڙس موجب اڄ صبح جو اٿون گهر ۾ نه معصوم پٽ ۽ گهر وارن کي ڇڏي ٻني جي ڪم تي ويس پويان گهر واري ڦاهو کائي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو آهي

بقايا 4 روزاني عبرت

سگهيا مقتول غلام عباس جي ساٿي ريٽائرڊپوليس آفيسر مير جعفر خان جي اڳواڻي ۾ وارثن عزيزن ۽ واسطه برادري جي سوين ماڻهن طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي دوڙ پريس ڪلب پهچي پوليس تي بي اعتمادي جواظهار ڪندي احتجاج ڪندي چتاءُ ڏيندي وارثن جو چوڻ آهي ته قاتل سرعام اسان جي نوجوان جي قتل ڪرڻ بعدم آساني سان فرار ٿي ويا آهن واقعي کي ڇهه ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس هن وقت تائين قاتلن کي گرفتار ناهي ڪري سگهي قاتل اڳ به ڪيترن ئي شهرين کي نشانو بڻايو آهي سرعام منشيات وايرائين ٿا ڦرون ڪن ٿا هڪ دفعو مک جوابدار ظفر واسواڻو پوليس مقابلي ۾هاف فرائي به ٿيل آهي پوءِ به سرعام نوجوان کي قتل ڪيائين ان مان ثابت ٿئي ٿو ته مظاهرين ميڊيا وارن سان گفتگو ڪندي چيو ته دوڙ پوليس ساڻس هٿ ٺوڪيل آهي يا مڪس ٻاالثرن جو هٿ آهي مقتول جي وارثن چتاءُ ڏنو ته قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف جلد ٿاڻي سامهون ڌرڻو هڻي پوليس خلاف احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 5 روزاني عبرت

ڪرڻ خلاف زرعي يونيورسٽي جي شاگردن جو مين روڊ تي ڌرڻو ٻنهي طرفن کان گاڏين جون قطارون لڳي ويون يونيورسٽي انتظاميه بسن جو گهربل تعداد مهيا ڪري احتجاج ختم ڪرايو خبر موجب سنڌ زرعي يونيورسٽي جي سوين شاگردن شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عرس مبارڪ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ گهربل پوائنٽ بسون مهيا نه ڪرڻ خلاف يونيورسٽي جي مک گيٽ آڏو حيدرآباد ميرپورخاص روڊ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ يونيورسٽي انتظاميه خلاف سخت نعريبازي شروع ڪري ڇڏي. شاگردن جي ڌرڻي سبب روڊ جي ٻنهي طرفن کان سوين گاڏيون ڦاسي پيون جڏهن ته مسافرن ۽ شاگردن وچ ۾ ڌڪ چڪ پڻ ٿيندي رهي شاگردن ميڊيا سان ڳالهيندي چيو ته يونيورسٽي انتظاميه هر سال ڀٽ ڌڻي جي عرس ۾ شرڪت لاءِ شاگردن کي گهربل پوائنٽ بسون فراهم ڪندي آهي پر هن ڀيري صرف ٻه ڪان ٽي بسون فراهم ڪيون ويون وڃن جيڪي سوين شاگردن لاءِ ناڪافي آهن اطلاع ملڻ تي ڊي ايس پي ٽنڊوڄام پوليس اٿاڻي سان گڏ ڌرڻي واري هنڌ پهچي ڌرڻو ختم ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر شاگردن پوائنٽ بسن جي فراهمي کان سواءِ ڌرڻو ختم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جنهن تي پوليس ۽ شاگردن ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي ۽ شاگردن ۾ ويتر تاءُ پڪڙجي ويو. هڪ ڪلاڪ ڌرڻو جاري رهڻ بعد يونيورسٽي جي هاسٽل پرووسٽ قمرالدين جوڻگي، ڊائريڪٽر اسٽوڊنٽ افيئرس پيار علي شر ڌرڻي واري هنڌ پهچي شاگردن سان ڳالهيون ڪيون ۽ عرس تي ويندڙ سمورن شاگردن لاءِ بسون مهيا ڪرڻ جي خاطر ڪرائي ڌرڻو ختم ڪرايو ۽ روڊ ڪولرائي ٽريفڪ بحال ڪرائي

بقايا 6 روزاني عبرت

ڪرمان باغ پاڙي جي رهواسي شاگرد نوجوان مبينا ڦر ٿيل موبائيل فون واپس نه ٿيڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ شاگرد فرحان علي مگسي ميڊيا آڏو ٻڌائيندي چيو ته مان بي اي جو شاگرد آهيان گذريل 11 جولاءِ رات جي وقت مان سيال چوڪ کان گهر پيادل وڃي رهيو هيس ته دڙي ۽ مارڪيٽ ٿاڻي جي وچ واري علائقي ۾ ٻن اڻڄاتل موٽرسائيڪل ڦورن هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي هڪ لک 24 هزار روپيه ماليت جي موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا، اهڙو اطلاع حد جي دڙي ٿاڻي جي پوليس کي ڏئي اين سي داخل ڪرائي ڇڏي جنهن کان پوءِ مان ڪافي ڀيرا ايس ايڇ او دڙي مهراڻ علي جتوئي سان ملاقاتون ڪيون جيڪو ٿلها آسرا ڏئي واپس ڪري رهيو آهي جڏهن ته پوليس هن وقت تائين ڦورن جو ڏس پتو نه لڳائي سگهي ۽ نه ئي ڦر ٿيل موبائيل فون واپس ڪرائي سگهي آهي جنهن ڪري مان سخت پريشاني ۾ مبتلا آهيان جيڪا وڏي ناجائزي آهي هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته ڦورن کي گرفتار ڪري ڦر ڪيل موبائيل فون واپس ڪرائي ايس ايڇ او دڙي مهراڻ علي جتوئي کان پڇاڻو ڪيو وڃي

بقايا 7 روزاني عبرت

پهتا جتي ڌرڻو هڻي گو افغاني گو جا نعرا هڻندا رهيا. ان موقعي تي ايس ٽي پي اڳواڻن عبدالمجيد سرڪي، نظام مستوئي، عبدالغفور ٻرڙو، محمد عمر سولنگي، عبدالنبي مگسي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ لکن جي تعداد ۾ افغاني آباد آهن جن جي نيڪالي لاءِ سنڌ حڪومت کي ٻه اپاءُ ناهن ورتا، هنن چيو ته افغاني دهشتگرد آهن جيڪي سنڌ ۾ دهشتگردي ڦهلائي رهيا آهن سنڌ ڌرتي تي ڌارين کي آباد ڪري سنڌين جا حق هڙپ ڪيا ويا آهن سنڌين جي روزگار تي ڌاڙو هنيو ويو آهي جيڪا زيادتي آهي هنن حڪومت پاڪستان ۽ سنڌ حڪومت کان گهر ڪندي چيو ته سنڌ مان ڌارين جي لوڊ کي فوري طور نيڪالي ڏني وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 8 روزاني عبرت

علي ديدار معشوق نظام رجب ۽ غلام حسين ساميٽيو احتجاج ڪندي ڏانهيو ته منهنجي پٽ رحيم عرف عمران کي مبينا طور هٿياربند اغوا ڪري ڀر هينئر تائين بڪري پوليس بازياب ناهي ڪرائي سگهي بڪري پوليس جاءِ واردات پهچي ڀر هينئر تائين ڪيس داخل نه ٿيو آهي هنن ايس ايس پي نوشهروفيروز ڪمالديرو ڊي ايس پي کي اپيل ڪئي ته اغوا ٿيل ڏٺار ۽ مينهون رکور ڪرائي بي چيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 9 روزاني عبرت

پنچائت لاڙڪاڻو جي چيئرمين هريش لال ايڊووڪيٽ ڪلپنا ديوي سميت اقليتي برادري سان واسطو رکندڙ اڳواڻن شرڪت ڪري چيئرمين شاهه رخ انور سيال کي سنڌي ٽوپي اجرڪ ۽ گلدستن جا تحفا پيش ڪري سندس جو شڪريو ادا ڪيو. اقليتي برادري سان ڳالهائيندي چيئرمين ڊڏي ڪائون شاهه رخ انور سيال چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ڪوچيئرمين آصف علي زرداري، ايم پي اي فريال ٽالپر، ايم پي اي سهيل انور سيال جي خاص هدايتن تي بنا فرق جي هر مذهب سان واسطو رکندڙ ماڻهن کي سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن ته جيئن ڪين ڊرن تائين سهولتون ملن چاڪاڻ پاڪستان پيپلز پارٽي بغير رنگ ۽ نسل جي سياست جي يقين رکي ٿي سنڌ ۾ رهندڙ اقليتي برادري سنڌ ڌرتيءَ جا وارث آهن انهن جي تڪليفن کي اسان پنهنجي تڪليف سمجهون ٿا. هن چيو ته اقليتي برادري جي عبادتگاهن کي لوڊشيڊنگ کان بغير بجلي جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڄاڻايل مندرن ۽ گردوارن ۾ سولر سسٽم لڳائي ڪين گهربل سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن ته جيئن ڪين مشڪلاتون پيش نه اچن ان موقعي تي پ پ اڳواڻ غلام رسول لغاري، علي رضا سومرو، محمد يوسف ڏيٿو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا 10 روزاني عبرت

ڪيسن ۾ ڦاسايو ويو آهي هو هن وقت جيل ۾ آهي جيل مان آزاد ٿيندو ته پنهنجي والد سان گڏ رهنداسين هنن ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 11 روزاني عبرت

ڪنهن ب وارثي ن ڪئي وڌيڪ پوليس جاچ ڪري پئي ڪو ب ڪيس وغيره داخل ٿي ن سگهيو

بقايا 12 روزاني عبرت

اسان ميرٽ تي ٽيسٽ پاس ڪرڻ باوجود ڊگهي عرصي کان نوڪرين جا آرڊر ملڻ جا منتظر آهيون ڌاڙو سنڌ اسيمبلي طرفان 40 پلس بي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن جي مسئلي جي حل لاءِ اسپيشل ڪميٽي جوڙي وئي آهي جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي سنڌ پاران اسپيشل ڪميٽي جي ميمبرن کي اپيل ڪئي وئي ته هو هن اهم مسئلي جو جلد کان جلد سنجيدگي سان جائزو وٺي. 40 پلس بي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي سيني ويٽنگ اميدوارن جي مسئلي جو مستقل منصفانو ۽ قابل قبول حل ڪيڻ هنن چيو ته اسان جي پرامن جدوجهد ڪنهن ذاتي مفاد لاءِ نه پر ميرٽ، انصاف ۽ روزگار جي بنيادي حق لاءِ آهي سنڌ حڪومت، خاص طور تي چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ۽ ايم پي اي فريال ٽالپر کي اپيل آهي ته 40 پلس بي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن جي جائز مطالبن تي سنجيدگي سان غور ڪري خالي جڳهن جي بنياد تي سمورن اهل ۽ ميرٽ تي پورا لهندڙ ويٽنگ اميدوارن کي نوڪريون فراهم ڪيون وڃن تعليم کاتو 97 هزار کان وڌيڪ استاد ڀرتي ڪيا آهن جنهن ۾ 24 کان 25 هزار فيميل اميدوار 32 کان 33 مارڪن وارن کي نوڪريون ڏنيون ويون جنهن جو تعلق وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ تعليم جي وزير سردار شاهه جي علائقن سان هو باقي اسان لاڙڪاڻي وارا ميرٽ پاس 40 پلس اميدوارن کهڙو ڏوهه ڪيو آهي جو اسان بلاول ڀٽو جي تڪ جا آهيون شهيدن جي شهر جا آهيون پ پ جا ووٽر سپورٽر پڻ آهيون پوءِ به اسان سان ساٽي ماءُ وارو سلوڪ ڇو ڪيو ويو هنن مطالبو ڪيو ته ڪائيم پيرڊ ۾ واڌ ڪري رهيل سمورن 40 بي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن کي ڀرتي ڪيو وڃي، موجوده پاليسي ۾ ترميم ڪري اميدوارن کي تعلقي بدران ضلعي، ڊويزن يا صوبائي سطح تي ايڊجسٽ ڪيو وڃي جيڪڏهن حڪومت سنڌ ۽ لاڳاپيل اختيارين طرفان جلد ڪو مثبت ۽ عملي فيصلو نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو ۽ ايندڙ مرحلي ۾ نئون ديرو هائوس، شهيدن جي مزار ۽ انڊس هاءِ وي تي پرامن احتجاجي ڌرڻا هنيا ويندا. جڏهن ته 2 آگسٽ تي سنڌ جي سمورن بي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن پاران بلاول هائوس اڳيان پرامن احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 13 روزاني عبرت

سان گڏ سردار بهران خان چانڊيو ۽ ٻيا پاڪستان پيپلزپارٽي جا اڳواڻ جيالا ورڪر ساٿس گڏ هيا پ پ اڳواڻ سردار اسفند يار ڪرل سردار بهران خان چانڊيو کي چانڊيا هائوس فقيرآباد پهچڻ تي دل جي گهرائين سان رئيس عبرالروف خان چانڊيو نوجوان سعيد احمد سلطان چانڊيو سنڌ جي ثقافت ٽوپي اجرڪ جا تحفا پڻ پيش ڪيا. پ پ پ اڳواڻ پي ايس 30 تعلقع گمبٽ جي اميدوار سردار اسفند يار ڪرل آن موقعي تي چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي ۽ ان تي يقين رکي ٿي اسان به ڪوشش ڪنداسين ته هر وقت تڪ جي عوام جي خدمت ڪيون ان موقعي تي نوجوان سعيد احمد سلطان چانڊيو جن عبرت نيوز سان ڳالهائيندي چيو ته سفند يار ڪرل انشاء الله انا پوڙ ڪٽيندو.

بقايا 14 روزاني عبرت

فيملي سان ويندڙ موٽر سائيڪل کي زبردستي روڪي هڪ ننڍڙي معصوم نينگري کي ڏنڊا هڻي شديد زخمي ڪرڻ بعد موٽر سائيڪل ڦر ڪئي هئي ايس ايڇ او بهارو ڪارروائي ڪندي ان مک جوابدار علي رضا ملاح کي گرفتار ڪري ورتو آهي جيڪو ڳوٺ مجهد جو رهواسي آهي هوڏانهن رابطي ڪرڻ تي ايس ايڇ او بهارو غلام محمد رند ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن ڦر دوران ڏنڊا هڻي معصوم نينگري کي زخمي ڪيو هو جڏهن ته معصوم نينگري سميت سندس وارثن پاران جوابدار علي رضا ملاح جي سڃاڻپ ڪئي آهي وڌيڪ جاچ ڪيون پيا.

بقايا 15 روزاني عبرت

انچارج خليل لغاري جي حوالي ڪئي جنهن مک جوابدار ممتاز چاچڙ کي گرفتار ڪري مقامي عدالت ۾ پيش ڪري ورتو پوليس ترجمان موجب معصوم کي قتل ڪندڙ جوابدار کي گرفتار ڪيو آهي مک جوابدار کان جاچ به ڪيون پيا

بقايا 16 روزاني عبرت

ملنگ صفت شخص مبينا طور سندس سان بدفعلي ڪئي جنهن بعد عورت جي رڙين ۽ دانهن تي ڀرپاسي ۾ موجود ماڻهن مداخلت ڪري ڪيس جوابدار جي کان آزاد ڪرايو جڏهن ته جوبدار فرار ٿي ويو واقعي کان پوءِ شهرين ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته اسلام ڪوٽ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ گهمندڙ ڪجهه نامعلوم ماڻهن جو انگ ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي جيڪي مختلف وقتن تي امن امان لاءِ مسئلا پيدا ڪري رهيا آهن رهواسين جو چوڻ آهي ته اهڙن ماڻهن خلاف جهوپڙين کي باهه ڏيڻ، راهه ويندڙن سان بدتميزي، تشدد ۽ ٻين ڏوهن بابت به وقت بوقت شڪايتون سامهون اينديون رهيون آهن پر سندن چوڻ موجب انهن واقعن جي روڪٿام لاءِ اثرائتا قدم نظر نٿا اچن علائقي واسين الزام هنيو آهي ته اهڙن واقعن جي تدارڪ ۽ جوابدارن خلاف ڪارروائي بابت پوليس جو ڪردار اطمينان بخش نظر ن8ٿو اچي جنهن سبب شهرين ۾ بيچيني ۽ عدم تحفظ جو احساس وڌي رهيو آهي سندن چوڻ آهي ته جيڪڏهن گهمندڙ نامعلوم ماڻهن جي سڃاڻپ، نگراني ۽ قانوني جاچ جو مؤثر نظام قائم نه ڪيو ويو ته مستقبل ۾ اهڙا واقعا وڌڻ جو خدشو آهي. ٻئي طرف ايس ايڇ او اسلام ڪوٽ شير خان لغاري موجب، واقعي بابت نه متاثر عورت پوليس کي ملي آهي ۽ نه ئي سندس وارثن پوليس سان رابطو ڪيو آهي نامعلوم جوابدار جي ڳولا جاري آهي واقعي بابت ڪا اڳڀرائي نه ٿي سگهي آهي

بقايا 17 روزاني عبرت

پارس شيخ جي مڙس پاران ڪارنهن جو لڳايل الزام ڪوڙو ثابت ٿيو جنهن جو رابيل شيخ واري ڌر مٿان 8 لک ڏنڊ وڌو ويو جنهن مان ۾ لک هڪ هفتي اندر جڏهن ته بقايا ٽي ٽي لک ٻن قسطن ۾ ادا ڪيا ويندا جڏهن ته ناري پارس شيخ ۽ مڙس رابيل شيخ ۽ الزام هيٺ آيل روحيل شيخ واري ڌر پاڻ ۾ مليل هٿڻ بابت ساک رکي وئي جڏهن ته ڌرين ۾ نبيرو ٿيڻ بعد ڌرين کي پاڪر پاريا ويا ۽ ڌريو ڪير ڪنڊ ٿي ويون

بقايا 18 روزاني عبرت

ڪلب اڳيان ڊويزنل صدر دلمراد خان ڏاهاڻي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو ان موقعي ڊويزنل صدر دلمراد خان ڏاهاڻي، جوائنٽ سيڪريٽري محبوب ڏاهاڻي پريس ترجمان عرض آدرش بنگلاڻي حسيب خان مگسي، علي مراد رهوجو خالد خان مگسي سرمد جاگيراڻي ممتاز ٻرڙو شاهنواز ڏاهاڻي ۽ ٻين جيو ته سنڌ ترقي پسند پارٽي سموري سنڌ جي ضلعي توڙي تعلقي هيڊ ڪوارٽرن ۾ ڌاري آباد ڪاري، افغانين سميت بنگالي بهاري، برمين ۽ ٻين خلاف احتجاج رڪارڊ ڪرايا آهن اڄ شڪارپور سميت جيڪب آباد، ڪنڌڪوٽ ڪشمور ۾ احتجاج ڪري رهيا آهيون اسين مطالبو ڪيون ٿا ته سنڌ اسان جي ريڊ لائين آهي جنهن ۾ ڪنهن به ڌاري دهشتگرد کي هرگز برداشت نه ڪنداسين. اڳواڻن جيو ته جلد سنڌ مان چاليهه لک کان وڌيڪ افغانين سميت سمورن ڌارين کي نيڪالي ڏني وڃي ٻي صورت ۾ سموري سنڌ اندر سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 19 روزاني عبرت

پر انهن مان به پوليس هڪ کي آزاد ڪري ڇڏيو جيڪا زيادتي آهي هنن گهر ڪندي چيو ته اسان جي احتجاج جو نوٽيس وٺي نينگر نويد لاشاري کي واپس ڪرائي ڏنو وڃي

بقايا 20 روزاني عبرت

جوابدارن تي ڪيس داخل ڪيو ويو معلوم ٿيو آهي ته انهي ساڳين ڪار کي اڳ ۾ ڪنري ٿاڻي جي ڪيس ۾ هٿ اچڻ باوجود ڪري منشيات جي ٻئي ڪيس ۾ به هٿ اچڻ بعد ڪار مالڪ پاران عمرڪوٽ جي عدالت ۾ ان ٻئي ڪيس مان رليز ڪرائڻ جي داخل درخواست تي جعلسازي جو راز فاش ٿي ويو ويو ڪوڙي عدالتي ليٽر تي نه عدالت جو ٺپو لڳل هو نه جج جي دستخط ٿيل هئي ڪنري پوليس پاران ڪيس داخل ڪرڻ بعد وڌيڪ جانچ جاري آهي معلوم ٿيو آهي ته ڪورٽ جي ڪوڙي ليٽر ذريعي ڪار رليز ڪرائڻ ۾ اڳوڻو ايس ايڇ او به ملوث هو جنهن گهري رشوت عيوض اهو ڪم ڪيو

بقايا 21 روزاني عبرت

ايڪٽ (ايڪٽ IVآف 2010) بابت آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو سيمينار جو بنيادي مقصد شاگردن استادن انتظامي عملي ۽ ملازمن کي ڪم واري هنڌ تي هراسان ڪرڻ خلاف قانوني تحفظ ملازمن جي حقن ۽ محفوظ باوقار ۽ برابري تي ٻڌل پيشاور ماحول جي اهميت بابت آگاهي فراهم ڪرڻ آهي سيمينار جي خاص مقرر رٽائرڊ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشنس جج سليم رضا بلوچ عورتن کي ڪم واري هنڌ تي هراسان ڪرڻ کان تحفظ واري ايڪٽ (ايڪٽ IVآف 2010) جي قانوني ڍانچي، اهم شقن ۽ هراساني جي روڪٿام بابت تفصيلي آگاهي ڏني هن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته هن قانون جو بنيادي مقصد عورتن خلاف هراساني ۽ امتيازي روين جو خاتمو آڻڻ آهي. جيئن هو پنهنجي پيشاور ذميوارين کي عزت اعتماد ۽ ذهني سڪون سان سرانجام ڏئي سگهن سليم رضا بلوچ چيو ته "هراساني خلاف خاموشي ٽوڙڻ ئي ان جي خاتمي ڏانهن پهريون ۽ سڀ کان اهم قدم آهي" هن شڪايت داخل ڪرائڻ جي قانوني طريقيڪار اداري جي انڪوائري ڪميٽي جي ڪردار ۽ صوبائي محتسب وٽ شڪايت جمع ڪرائڻ جي عمل بابت پڻ تفصيلي ڄاڻ ڏني هن وڌيڪ ٻڌايو ته قانون موجب شڪايت ڪندڙ جي سڃاڻپ کي مڪمل طور تي رازداري ۾ رکيو ويندو آهي ۽ ڪيس هر قسم جي انتقامي ڪارروائي کان مڪمل تحفظ فراهم ڪيو ويندو آهي سيمينار ۾ لاءِ انسٽيٽيوٽ آف پيرا ميڊيڪس اينڊ الائيڊ هيلٿ سائنسز بدين جي انتظاميا، استادن شاگردن ۽ عملي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اداري جي انتظاميا آگاهي پروگرام کي ساراهيندي هر قسم جي هراساني خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تي عملدرآمد جي عزم کي ورجايو ۽ محفوظ، باوقار شموليتي ۽ برابري تي ٻڌل تعليمي ۽ پيشاور ماحول فراهم ڪرڻ جي پنهنجي وابستگي جو اظهار ڪيو پروگرام جي پڇاڙي سوال ۽ جواب جي نشست سان ٿي جنهن دوران شرڪت ڪندڙن قانون جي مختلف پهلوئن بابت سوال پڇيا، جن جا صلاحڪار پاران تفصيلي ۽ اطمينان بخش جواب ڏنا ويا.

بقايا 22 روزاني عبرت

حسين ڪوسو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ وائيس چيئرمين سردارزاده رضوان خان اوڊو سميت ضلع ڪائونسل جا ميمبر ڊاڪٽر عبدالخالق ڪوسو سردار احمد علي چنو ذوالفقار خان ڪوسو ممتاز احمد ڪٽي محمد شريف مغيري، افضل خان ڪوسو عابد خان جکراڻي سميت ٻيا وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا اجلاس ۾ ضلع ڪائونسل طرفان 34 ڪروڙ 56 لک روپين جي ٽوٽل آمدني واري بجيٽ پيش ڪئي وئي جنهن موجب؛ ضلع ڪائونسل جي ملازمن جي سالياني پگهارن جي مد ۾ 2 ڪروڙ 17 لک، 57 هزار 223 روپيا رکيا ويا، ضلع ڪائونسل جي رٽائرڊ ملازمن لاءِ 6 ڪروڙ 61 لک، 11 هزار روپيا، رٽائرڊ ملازمن جي ڪميوٽيشن جي مد ۾ 1 ڪروڙ 10 لک، 16 هزار روپيا، 23/2022ع ۾ ضلع ڪائونسل طرفان ٽينڊر ڪرايا ويا هئا جنهن ڪري ٺيڪيدارن جا بقاياجات واجب الادا رقم: 10 ڪروڙ روپيا رکيا ويا، غريب شاگردن لاءِ اسڪالرشپ جي مد ۾ 15 لک روپيا رکيا ويا، پريس ڪلب جيڪب آباد يونين آف جرنلسٽس جي گرانٽ 10 لک روپيا رکي وئي، ضلع جيڪب آباد ڪرڪيٽ ۽ فوٽبال ٽيمن لاءِ گرانٽ 10 لک روپيا، گاڏين جي پيٽرول جي خرچ جي مد ۾ 65 لک روپيا، ضلع ڪائونسل جي مختلف يوسين ۾ مليريا جي بچاءَ لاءِ اسپري جي مد ۾ 21 لک روپيا، آفيس اسٽيشنري ۽ آفيس جي خرچ جي مد ۾ 17 لک روپيا رکيا ويا، آفيس جي بجلي ۽ ٽيليفون جي بل جي مد ۾ 24 لک روپيا رکيا ويا، مختلف يوسين ۾ سولر اسٽريٽ لائيٽن جي مد ۾ 25 لک روپيا، غريبن عورتن ۾ سلائي مشينون ڏيڻ جي مد ۾ 50 لک روپيا رکيا ويا اجلاس ۾ بجيٽ پيش ٿيڻ کان پوءِ اڪثر ميمبرن پاران پنهنجي پنهنجي يوسين ۾ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ جون شڪايتون ڪيون ويون. ميمبرن ڏانهيندي چيو ته اسان جي يوسين ۾ ترقياتي ڪم ناهن ٿي سگهيا جنهن ڪري اسين ايندڙ بلدياتي چونڊن ۾ پنهنجي جي عوام ڏانهن وڃڻ جهڙا نه آهيون. هنن چيو ته ووٽ ڏيندڙ ماڻهون اسان خلاف آواز اٿاري رهيا آهن جڏهن ته اجلاس ۾ ضلع ڪائونسل جي ميمبر ممتاز علي ڪٽو پاران ترقياتي ڪم نه ٿيڻ جي تي پنهنجي رڪنيت تان استعيفي ڏني وئي

بقايا 23 روزاني عبرت

هن ٻڌايو ته ايس ايڇ او شاهه لطيف ۽ رومين پوليس اسٽيشن جي ايس ايڇ او بار جي گهر وڃي سندس وارثن سان ملاقات ڪئي واقعي بابت مڪمل تفصيل ورتا ۽ ڪين يقين ڏياريو ته بار جي جلد بازيابي لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا.ايس ايس پي موجب، لاڳاپيل پوليس آفيسرن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو بار جي وارثن سان رابطي ۾ رهن جاچ کي وڌيڪ اثرائتو بڻائين ۽ جديد ٽيڪنالاجي سان گڏ سمورا موجود وسيلا استعمال ڪري بار جي ڳولا کي يقيني بڻائين.امير سعود مگسي وڌيڪ چيو ته گم ٿيل بار جي بازيابي لاءِ پوليس مختلف علائقن ۾ سرچ آپريشن ۽ ٻيون ڪارروائيون وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيون آهن هن چيو ته طيب جوڳي جي بازيابي خيرپور پوليس جي پهرين ترجيح آهي ۽ ان مقصد لاءِ سمورن لاڳاپيل آفيسرن کي مڪمل طور متحرڪ ڪيو ويو آهي

بقايا 24 روزاني عبرت

بيحسي سبب شهري پريشاني جو شڪار آهن انهي سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب؛ مهراج پاڙو مڪي پاڙو بجير محلہ ۽ شهر جي ٻين ڪيترن ئي علائقن ۾ غيرقانوني ٽيڪسي اڏا قائم ٿيڻ سبب راهه ويندڙ عورتون ۽ اسڪولي ٻارڙا هراساني ۽ ڌڪيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن شهرين مهيش ڪمار ساگر مڪي برڪت بجيس پرڪاش اوم شرما ۽ ٻين موجب اسلام ڪوٽ ۾ مقرر ٽريفڪ اهلڪار رش وارن وقتن ۾ اڪثر غير حاضر رهندا آهن جڏهن ته غير ضروري وقتن تي نظر اچن ٿا سندن چوڻ موجب، ٽريفڪ اهلڪارن جي غير مؤثر نگراني سبب ڊرائيور دڪاندار ۽ ريڙهي وارا ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندي بي خوف بڻيل آهن دڪاندارن دڪانن جو سامان روڊن ۽ گهٽين تائين ڦهلائي شهر جون گهٽيون سوڙهيون ڪري ڇڏيون آهن جڏهن ته باقي رهيل جاءِ ريڙهي وارا والاري ويهن ٿا. ٻئي طرف ٽيڪسي ڊرائيور به گاڏيون بي ترتيب بيهاري ٽريفڪ جام ۽ روڊن جي بندش جو اهم سبب بڻجي رهيا آهن. پر سندن خلاف ڪا ڪارروائي نٿي ڪئي وڃي هنن وڌيڪ چيو ته مين مارڪيٽ ۾ آئرن اسٽورن اڳي چڪين ۽ ٻين دڪاندارن پاران بنيهرن جي وقت لوڊر گاڏيون دڪانن اڳيان بيهارڻ سبب روڊ بند ٿي وڃي ٿو جنهن ڪري اسپتال ويندڙ مريضن ايمبولينس ۽ عام شهرين کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو شهرين مطالبو ڪيو ته ٽريفڪ نظام جي بحالي لاءِ ٽريفڪ پوليس ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر فوري طور تحرڪ وٺن چو ته سندن غيرموجودگي سبب هر رنڊڪ وجهندڙ پاڻ کي بالاتر سمجهي قانون جي ڀڃڪڙي ڪري رهيا آهن

بقايا 25 روزاني عبرت

ڪارروائي ڪندي 6 ڪلينڪن کي سيل ڪري ڇڏيو ڪارروائي دوران ڪيترائي اطائي ڊاڪٽر موقعي جو فائدو وٺندي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، جڏهن ته سيل ڪيل ڪلينڪن ۾ خميسو منڊرو رياض غني پتي فياض رياض آرائين ۽ ڪملا ڪولهي جون ڪلينڪون شامل آهن ڪارروائي ۾ سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ياسر امام ڪوسو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر عبدالرزاق شيخ ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر مقصود سومرو سميت اينٽي ڪوئڪري ٽيم جي ٻين اهلڪارن شرڪت ڪئي. سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ عوام کي اپيل ڪئي آهي ته غيرقانوني ۽ بغير رجسٽريشن وارن اطائي ڊاڪٽرن کان علاج ڪرائڻ کان پاسو ڪيو وڃي ۽ اهڙن ماڻهن بابت اداري کي آگاهه ڪري سهڪار ڪيو وڃي. جيئن انساني زندگين کي خطري ۾ وجهندڙ غير معياري علاج ۽ وڌندڙ بيمارين کان بچاءُ ممڪن بڻائي سگهجي

بقايا 26 روزاني عبرت

ته ڳوٺ حافظ عبدالله سمون وٽان چار واهه کي 50 پنجاهه فوٽ گهارو پئجي ويو جنهن سبب سوين ايڪڙن تي پوکيل سارين جو تازو روپيو ڪيل فصل پاڻي هيٺ اچي ويو جنهن سبب آبادگارن ۽ هارين کي ڪافي نقصان ٿيڻ جو انديشو آهي جڏهن ته آبپاشي عملدارن جي نه پهچڻ سبب ڳوٺاڻن هارين آبادگارن پنهنجي مدد پاڻ تحت گهارو بند ڪرڻ ۾ مصروف رهيا، جڏهن ته گهاري کي 5-ڪلاڪ گذرڻ بعد آبپاشي عملو مشينري ساڻ پهتو جنهن بعد گهارو بند ڪيو ويو هومتاثر آبادگارن عبدالقيوم سمون الهڏنو نونڏاڻي، حافظ عباس، خالداعظم سمون ۽ ٻين چيو ته چار واهه جا بند ڪمزور آهن جنهن ڪري گهارا پوڻ معمول بڻيل آهي آبپاشيءَ عملدارن جي ڪمال جي ڪارڪردگي سبب منڊ ۾ فصل ٻڏڻ شروع ٿي ويا آهن جڏهن ته پوڇڙي ۾ هزارين ايڪڙن تي سارين جو روپيو نه ٿي سگهيو آهي پاڻيءَ نه هئڻ سبب زمينون بنجر بڻجي ويون آهن سارين جو پوکيل بيجارو سڙي خراب ٿي رهيو آهي ۽ هزارين ايڪڙن تي روپيو نه ٿي سگهيو آهي جڏهن ته پوڇڙي جي آبادگارن هارين محمد ابراهيم نوحاڻي ميهار نوحاڻي محمد نوحاڻي مير محبوب نظاماڻي مصري نوحاڻي مختيار علي مگهڻهار شمن علي مگهڻهار شاهد علي نوحاڻي زاهد علي نوحاڻي ڪانجي ڪولهي راجو ميگهواڙ احمد خان نظاماڻي ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته سڀ ڊويزن جلالاڻي جي آبپاشي عملدارن جي نااهلي سبب هزارين آبادگارن هارين جي روزگار جو ذريعو زراعت جي معيشت کي تباهه ڪرڻ جي لاءِ چار واهه کي بالاثر زميندارن جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي جن چار واهه کي هڪ ڏکو هٿي بند ڪيو آهي ته جڏهن انهيءَ ڏکي کي عدالت جي پاران منظور قرار ڏني رهيا آهن جڏهن ته عدالت ايڏي ڏکي جي اجازت نه ٿي ڏئي سگهي جنهن سبب پوڇڙ ۾ هزارين ايڪڙن تي فصل تباهه ٿي وڃڻ سبب عوام جو معاشي قتل عام ڪيو پيو وڃي جڏهن ته بااثر عدالتي فيصلي کي جواز بڻائي آبپاشي عملدارن جي ملي ڀڳت سان عدالتي ساب کان ڊبل ڏکو لڳائي چار واهه جي آبادگارن هارين جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو آهي ڏکي سبب وڌيڪ پاڻي چڙهڻ سان چار واهه جي منڊ ۾ گهارا لڳي رهيا آهن ۽ پوڇڙي وارا پاڻي لاءِ تڙپي رهيا آهن هنن مطالبو ڪيو ته سپ ڊويزن جلالاڻي جي آبپاشي عملدارن جي نااهلي جو اعلي عملدارن کي نوٽيس وٺڻ گهرجي چار واهه جي ڪيرن کي مضبوط ڪيو وڃي عدالتي فيصلي جي مطابق کان وڌيڪ لڳايل هئراءدو ڏڪو ٽوڙي پوڇڙ تائين پاڻي پهچائڻ جي لاءِ ڪردار ادا ڪيو وڃي آبادگارن هارين سان انصاف ڪيو وڃي جڏهن ته برساتون شروع ٿيڻ واريون آهن پر اسان پوڇڙ جا آبادگار روپيو به نه ڪري سگهيا آهيون جنهن سبب وڏو مالي نقصان ٿي سگهي ٿو

بقايا 27 روزاني عبرت

هئا، جنهن بعد ڪنب ٿاڻي جي ايس ايڇ او جوابدارن کي گرفتار ڪيو پر افسوس منهنجي موٽر سائيڪل اڃا تائين رڪوري ٿي سگهي آهي هن وڌيڪ چيو ته مون کي شڪ آهي ته مبينا طور پئسن جي ڏيتي ليتي بعد پوليس جوابدارن کي آزاد ڪيو آهي جنهن سبب مون سان انصاف ٿي نه سگهيو آهي هن وس وارن اعلي اختيارين، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪندي چيو منهنجي هن معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي منهنجي ڦر ٿيل موٽر سائيڪل رڪرو ڪرائي ڏني وڃي ۽ مون سان انصاف ڪيو وڃي سلوٽ خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ٻئي صورت احتجاجي تحريڪ هلائڻ تي مجبور ٿي وينديس

بقايا 28 روزاني عبرت

مظاهرو ڪري انصاف جو مطالبو ڪيو آهي تفصيل موجب، سيد نسيم علي شاهه احتجاجي مظاهرو ڪندي ٻڌايو آهي ته مان 05 اپريل 2008ع کان ڪمپنيءَ ۾پنهنجي ڊيوٽي انتهائي ايمانداري ۽ محنت سان سرانجام ڏئي رهيوس ۽ 07 جولاءِ 2025ع تي ڪمپني انتظاميه ڪيس بغير ڪنهن اڳواٽ نوٽيس يا پگهار ۽ جائز مرعتون جي، 17 سال ۽ 6 مهينن جي ڊگهي ملازمت ڪانپوءِ جبرن طريقي سان نوڪريءَ مان برطرف (ٽرمينيٽ) ڪري ڇڏيو آهي معاشره ملازم موجب، پنهنجا قانوني حق ۽ بقاياجات گهرڻ تي مون کي حراسان ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي ۽ مونکي قانوني ۽ بليڪ ميلنگ ڌمڪيون ڏنيون پيو وڃن هن چيو ته ڪمپني انتظاميه پاران مون کي دٻائڻ ۽ هيسائڻ لاءِ ليگل نوٽيسن وڪيلن ۽ بليڪ ميلرن ذريعي حراسان ڪيو پيو وڃي ۽ سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون ويون آهن هن مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي ڪيس تحفظ ۽ پنهنجا جائز مرعتون ڏئي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي

بقايا 29 روزاني عبرت

اسان جي زمين تي زوري قبضو ڪرڻ لاءِ مريد لولائي کي قتل ڪيو قتل کي پندرانهن ڏينهن گذري ويا پر پوليس ڪجهه نه ڪري سگهي آهي جنگڻ پوليس سرعام جوابدارن کي پيسا رشوت وٺي پيروٽوڪول ڏئي رهي آهي هاڻي به جوابدار ڌر گهر خالي ڪرائي ڪاڏي به نه ويا آهن جيڪي پنهنجي گهرن ۽ اوطاق ۾ هٿياربند ٿي ويٺل آهن اڃا اسان کي وڌيڪ نقصان جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن مقتول جي پاءُ چيو ته مون کي به قتل ڪرڻ لاءِ حملو ڪيو ويو عورتن پنهنجي زندگي بچائي آهي سنڌ پوليس - ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيون ٿا ته انصاف ڏيارڻ لاءِ نوٽيس وٺو جوابدارن کي بچائيندڙ ۽ رشوت وٺيندڙ پوليس اهلڪارن خلاف سخت ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 30 روزاني عبرت

ٽي مهينن کان زمين جي مالڪي تان هلندڙ تڪرار تان ڊومڪي ۽ سيد برادريءَ جي ماڻهن ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران هڪٻئي مٿان فائرنگ ڪئي وئي، فائرنگ سبب گوليون لڳڻ سبب هڪ نوجوان مشتاق علي ولد حاجي طوطو ڊومڪي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويوجتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو مقتول ڌرجي مصري ڊومڪي ۽ قيصر ڊومڪي موجب اسان 70 ايڪڙ زمين علائقي جي بااثر شخصيت سيد فهيم شاهه کان 5 سال اڳ ۾ خريد ڪئي هئي جنهن جا اسان وٽ دستاويز موجود آهن ۽ هن اسان کان 12 ڪروڙ وصول به ڪيا آهن اسان پنهنجي زمين تي ويٺل هئاسين سنڌس هٿياربندن جن جو تعلق رند برادري سان آهي ڪاهه ڪري فائر ڪئي جنهن ۾ گوليون لڳڻ ڪري اسان جو ڀاءُ مشتاق علي قتل ٿي ويو آهي نوجوان جي قتل واري واقعي بعد علائقي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي جڏهن ته آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

بقايا 31 روزاني عبرت

ڪٿي وڃي گم ڪري ڇڏيو آهي هن وڌيڪ چيو ته ميهڙ اي ۽ بي سيڪشن پوليس پٽ جي گرفتاري ظاهر ڪرڻ لاءِ تيار ناهي خدشو آهي ته پوليس پٽ کي بالاثر جي چوڻ تي ماري ڇڏيندي هن ايس ايس پي دادو آءِ جي سنڌ ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته پٽ جي بيگناهه گرفتار ڪري گم ڪرڻ واري واقعي جو نوٽيس وٺي پٽ کي آزاد ڪرائي سنڌس زندگي بچائي وڃي

بقايا 32 روزاني عبرت

وڃڻ جي دعوي ڪئي وئي آهي ٻئي طرف الزام هيٺ آيل ڊاڪٽر احمد علي ميراڻي محمد موسي يعقوب ميراڻي ۽ ٻين بائيجي ٿاڻي ٻاهران احتجاج ڪندي چيو ته زخمي محمد علي ميراڻي کي تعلقي اسپتال مان طبي امداد ڏيارڻ بعد بائيجي ٿاڻي تي آندو ويو پر پوليس ڪا مؤثر ڪارروائي نه ڪئي احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته جوابدارن خلاف فوري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 33 روزاني عبرت

برقرار آهي آبپاشي کاتي درياءَ سنڌ جي صورتحال تي مسلسل نظر رکندي ڪچي ۽ هيٺاهين وارن علائقن جي رهواسين کي احتياطي اپاءَ وٺڻ جي هدايت جاري ڪئي آهي. آبپاشي کاتي پاران جاري ڪيل تازي انگن اکرن موجب گڊو بئراج تي پاڻي جي معاانهين آمد 412,682 ڪيوسڪ ۽ نيڪال 373,467 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو جنهن کان پوءِ اتي باضابطه طور وچولي درجي جي ٻوڏ قرار ڏني وئي آهي ٻئي طرف سکر بئراج تي پاڻي جي معاانهين آمد 290,060 ڪيوسڪ ۽ نيڪال 233,230 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آهي اختيارين موجب سکر بئراج تي هن وقت هيٺين درجي جي ٻوڏ برقرار آهي ۽ صورتحال تي مسلسل نظر رکي پئي وڃي هوڏانهن ڪوٽڙي بئراج تي پاڻي جي آمد 51,965 ڪيوسڪ ۽ نيڪال 8,260 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آهي آبپاشي کاتي موجب درياءَ سنڌ ۾ پاڻي جي رهڪري ۾ ٿيندڙ تبديلين جي مسلسل نگراني ڪئي پئي وڃي جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال کي بروقت منهن ڏئي سگهجي آبپاشي کاتي درياءَ سنڌ جي ڪنارن ڪچي وارن علائقن ۽ هيٺاهين هنڌن تي رهندڙ ماڻهن کي خبردار ڪندي چيو آهي ته هو غير ضروري طور درياهه جي ويجهو وڃڻ کان پاسو ڪن مقامي انتظاميه جي هدايتن تي عمل ڪن ۽ ڪنهن به هنگامي صورتحال جي صورت ۾ فوري طور لاڳاپيل ادارن سان رابطو ڪن

بقايا 34 روزاني عبرت

سنڌ حڪومت جي "پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ" واري نعري جي ابتڙ بدين ضلعي جي شهر ڪيڻ پرسان واقع ڳوٺ نور محمد چانڊيو جو سرڪاري پرائمري اسڪول گذريل ڇهن مهينن کان بند پيل آهي جنهن سبب نه رڳو نور محمد چانڊيو ۾ پرپاسي جي ڪيترن ئي ڳوٺن جي ٻن سون کان وڌيڪ معصوم ٻارن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي جڏهن ته سندن روشن مستقبل به اونداهيءَ ڏانهن ڌڪجي رهيو آهي ڳوٺاڻن هاشم چانڊيو انور چانڊيو گگو ڪولهي ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته سال 2023ع ۾ ڊگهي جدوجهد لڳاتار ڪوشش ۽ اختيارين وٽ بار بار ڌانهن ڏيڻ کان پوءِ اسڪول جي عمارت تعمير ڪرائي وئي جنهن کان پوءِ به آئي بي اي پاس استاد پڻ مقرر ڪيا ويا ڪجهه وقت تائين تدريسي سرگرميون معمول موجب جاري رهيون پر هاڻي بنا ڪنهن واضح سبب جي اسڪول کي بند ڪيو ويو آهي جنهن ڪري سوين ٻار تعليم جي بنيادي حق کان محروم بڻيل آهن هنن چيو ته اونهاري جون موڪلون ختم ٿيڻ ۾ رڳو به ڏينهن رهجي ويا آهن صوبي جا سڀ ٻار نئين تعليمي سال جي شروعات سان اسڪولن ڏانهن روانا ٿيندا پر اسان جي ڳوٺ ۽ آس پاس جي ڳوٺن جا ٻار اسڪول بند هجڻ سبب تعليم کان وانجهيل رهجي ويندا جيڪو انتهائي افسوسناڪ ۽ فڪر جوڳو عمل آهي ڳوٺاڻن وڌيڪ ٻڌايو ته ڪيڻ شهر کان هن علائقي تائين لڳ ڀڳ 8 ڪلوميٽرن جي مفاصلي اندر ٻيو ڪو به سرڪاري پرائمري اسڪول موجود ناهي علائقي جا اڪثر رهواسي غريب ۽ پورهيت آهن جيڪي پنهنجن ٻارن کي پري وارن اسڪولن ۾ موڪلڻ جا خرچ برداشت ڪرڻ جي سگهه نٿا رکن جنهن ڪري ڪيترن ئي ٻارن جي تعليم مڪمل طور تي بند ٿي چڪي آهي سندن چوڻ هو ته اسڪول ٻيهر کولرائڻ لاءِ بدين جي ضلعي تعليم آفيسرن سميت سنڌ جي تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين کي بار بار درخواستون ۽ داڻهون ڏنيون ويون آهن پر افسوس جو اڃا تائين ڪنهن به ذميوار عملدار سندن مسئلي جو نوٽيس نه ورتو آهي جنهن سبب علائقي ۾ سخت بيچيني ۽ مايوسي پکڙيل آهي علائقي واسين سنڌ جي وڏي وزير صوبائي وزير تعليم سيڪريٽري تعليم ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته نور محمد چانڊيو ڳوٺ جو بند پيل سرڪاري پرائمري اسڪول ترت کولرايو وڃي استادن جي حاضري يقيني بڻائي وڃي ۽ معصوم ٻارن جي تعليم جو سلسلو بنا دير جي ٻيهر شروع ڪيو وڃي جيئن سوين ٻارن جو مستقبل تباهي کان بچي وڃي

بقايا 35 روزاني عبرت

يو پي سربراهه زين شاهه جسٽم بشير خان قريشي جي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي سميت ٻين سياسي، سماجي اڳواڻن وڪيلن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن جي وڏي انگ ۾ شرڪت.

بقايا 36 روزاني عبرت

آبپاشي کاتي کي هدايت ڪئي آهي ته ڊيٽو ماڻثر ۾ منظور ٿيل روٽيشن پروگرام ۽ لاڳاپيل قانونن موجب فوري طور پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي ۽ 30 ڏينهن اندر عدالت ۾ جامع عملدرآمد رپورٽ پيش ڪئي وڃي

بقايا 37 روزاني عبرت

ذخيره ٿيل ڪڻڪ جا 1 هزار کان وڌيڪ ڪٽا هٿ ڪري ورتا تحويل ۾ ورتل ڪڻڪ جا ڪٽا لاڳاپيل حد جي فوڊ انسپيڪٽرن جي نگراني هيٺ سرڪاري گودام ڏانهن منتقل ڪيا پيا وڃن

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر

واٽر سپلائي ٽريٽمينٽ ڊويزن
ايڇ ڊبليو اينڊ ايس سي حيدر آباد

No.EE/WSTD/HW&SC/382/2026
حيدرآباد، تاريخ: 24/07/2026

ٽينڊرز گهرائڻ لاءِ نوٽيس

(پروڪيورمينٽ جو طريقيڪار: سنگل اسٽيج-ٻه لفافا)

اهل بولي ڏيندڙن کان سنگل اسٽيج - ٻن لفافن واري طريقيڪار تي "EPAD" جي نئين طريقي سان اي-بولي جي درخواست ڪئي وڃي ٿي، جيئن هيٺ ڏنل تفصيل سان، سختي سان SPPRA جي اي-پروڪيورمينٽ جمع ڪرائڻ جي گهرجن جي مطابق.

ايس آر نمبر	ڪم جو نالو	ڪُل لاڳت	بڊ سيڪيورٽي	تڪميل جو مدو	ٽينڊر في
.1	مهيا ڪرڻ، وڇائڻ، جوڙڻ ۽ "20 ,"18 ,"16 ,"12 "8 ,"6 ,"4 ۽ "24 ڊايا ڊسٽريبيوشن لائنز جي ٽيسٽنگ ۽ ڪينال انٽيڪ پمپنگ اسٽيشن واقع اڪرم واهه لاءِ MGD 06 خانپوتا واٽر ٽريٽمينٽ پلانٽ، قاسم آباد، حيدرآباد.	739.692 ريپيا ملين	ڏنل رقم جو 2٪	24 مهينا	5,000

لازمي گهرجون:

a. شرڪت ڪندڙن کي پنهنجن قيمتن کي لفظن ۽ انگن ٻنهي ۾ بيان ڪرڻ گهرجي.
b. بولي تي ڪمپني جي اسٽيمپ سان دستخط ٿيڻ گهرجن.
c. بولي سيڪيورٽي / سوڙي رقم شرڪت ڪندڙ جي ڪمپني / فرم جي اڪائونٽ مان ڪٽي وڃي.
d. بولي سيڪيورٽي جو پي آرڊر "EPAD" SPPRA سنڌ جي ويب سائيٽ تي بولي سان گڏ اپلوڊ ڪيو ويندو ۽ ان کي فزيڪلي طور تي نيو ٽريٽمينٽ پلانٽ ڄامشورو روڊ قاسم آباد حيدرآباد ۾ واقع ايگزيڪيوٽو انجنيئر واٽر سپلاءِ ٽريٽمينٽ ڊويزن HW&SC جي آفيس ۾ خريداري ڪميٽي ڏانهن جمع ڪرايو ويندو.
e. اسٽيمپ پيپر تي سالميت جو معاهدو -/100 روپين جي قيمت تي.
f. بولي ڏيندڙ کي اين آءِ ٽي ۾ بيان ڪيل ناقابل واپسي ٽينڊرز جي قيمت پاڪستان جي ڪنهن به شيڊول بينڪ کان حيدرآباد واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي حق ۾ پي آرڊر جي صورت ۾ جمع ڪرائڻي پوندي.

قابليت جا معيار:

a. سي اين آءِ سي جي ڪاپي.
b. صحيح پي اِي سي ۽ اسپيشلائيزيشن ڪوڊ جي زمري سان لاڳاپيل فيلڊ (جتي لاڳو ٿئي)
c. صحيح اين ٽي اين سرٽيفڪيٽ (بولي ڏيندڙ فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) جي فعال ٽيڪس ادا ڪندڙ لسٽ تي هوندو).
d. صحيح ايس آر بي رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ (بولي ڏيندڙ سنڌ روينيو بورڊ (ايس آر بي) جي فعال ٽيڪس ادا ڪندڙ لسٽ تي هوندو).
e. صحيح پيشه ورانه ٽيڪس سرٽيفڪيٽ.
f. فرم بابت حلف نامو / انڊرٽيڪنگ جيڪا گذريل پنجن سالن کان ڪڏهن به بليڪ لسٽ نه ڪئي وئي آهي يا ڪنهن به سرڪاري / نيم سرڪاري کاتي سان ڪنهن به عدالتي ڪيس / مقدمي ۾ ملوث نه آهي.
g. گذريل پنجن سالن دوران اسڪيم / منصوبي جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت جي برابر سراسري سالياني ٽرن اوور (جيئن گهربل ۽ بولي دستاويزن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي).
h. (ICAP) رجسٽريشن کان گذريل پنجن سالن جي سالياني آڊٽ رپورٽ آڊٽ فرم. (ICAP) رجسٽرڊ آڊٽ فرم کان سواءِ جاري ڪيل آڊٽ رپورٽ قبول نه ڪئي ويندي.
i. دستاويزن سان گڏ موجود مشينري ۽ سامان جي فهرست، ان جي ملڪيت / ليز / ڪرائي تي ڏنل (جيئن گهربل ۽ بولي دستاويزن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي).
j. گهٽ ۾ گهٽ هڪ ساڳئي نوعيت جو ڪم جنهن جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت ڪم جي اندازي مطابق قيمت جو 80٪ هجي يا ليز تي به ساڳئي نوعيت جا ڪم جن مان هر هڪ جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت گذريل پنجن سالن جي اندازي مطابق قيمت جو 50٪ هجي ۽ مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽ سان صحيح طور تي سهڪار ڪيو وڃي.
k. فرم سان ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جو بايو ڊيٽا جيئن ضرورت هجي ۽ واڪ دستاويزن ۾ ذڪر ڪيو وڃي.

شرطون ۽ ضابطا.

(i) بولي / ٽينڊر دستاويز: بولي دستاويز ايس پي پي آر اي سنڌ جي "EPADS" (http://portalsindheprocurement.gov.pk) جي ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪيا ويندا.

(ii) جمع ڪرائڻ جي تاريخ:
سڀئي بوليون (ٽيڪنيڪل ۽ مالي) صرف SPPRA اِي-پروڪيورمينٽ سسٽم "EPADS" (http://portalsindheprocurement.gov.pk) ذريعي آن لائن جمع ڪرائڻ گهرجن. ٽيڪنيڪل ۽ مالي تجويز ٻئي لاڳاپيل حصن ۾ جمع / اپ لوڊ ڪيون وينديون ۽ فزيڪلي جمع ڪرائڻ قبول نه ڪئي ويندي.
بولي 16.08.2026 تي يا ان کان اڳ 02:00 وڳي تائين آن لائن جمع ڪرائي ويندي ۽ صرف ٽيڪنيڪل بولي ساڳئي تاريخ تي 02:30 وڳي تي ايگزيڪيوٽو انجنيئر واٽر سپلاءِ ٽريٽمينٽ ڊويزن HW&SC جي آفيس ۾ پروڪيورمينٽ ڪميٽي جي موجودگي ۾ ۽ ٺيڪيدارن يا دلچسپي رکندڙ بولي ڏيندڙن جي انهن جي مجاز نمائندن جي موجودگي ۾ کوليو ويندو، جيڪڏهن گهربل هجي.

(iii) فنڊ جو ذريعو: صوبائي ADP (2026-27)
(iv) بولي جو ڪارگر مدو: 90 ڏينهن.
(v) هيٺ ڏنل شرطن تحت بولي رد ڪئي ويندي:
  a. بولي جي هارڊ ڪاپي يا فزيڪلي بولي قبول نه ڪئي ويندي.
  b. مشروط بولي قبول نه ڪئي ويندي.
  c. بولي مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کان پوءِ اپلوڊ/جمع ڪرائي وئي.
  d. بليڪ لسٽ ٿيل فرمون.
  e. جيڪڏهن ڪنهن به مرحلي تي جعلي دستاويز مليا ته جمع ڪرايا ويا.
  f. بولي سيڪيورٽي جو پي آرڊر فزيڪل طور تي جمع نه ڪرايو ويو.
(vi) مجاز اختياري SPPRA ضابطن جي لاڳاپيل شق جي تابع ڪنهن به يا سڀني تجويزن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.
(vii) دلچسپي رکندڙ بولي ڏيندڙن کي درخواست ڪئي وئي آهي ته اهي اِي-بولي جمع ڪرائڻ لاءِ پنهنجي فرمز / ڪمپني (ڪمپنين) کي SPPRA جي "EPADS" (http://portalsindheprocurement.gov.pk) ويب سائيٽ تي رجسٽر ڪن.
(viii) بولي ڏيندڙن پاران جمع ڪرايل ٽيڪنيڪل تجويزن جو جائزو خريداري ڪميٽي پاران تشخيصي معيار ۽ ٽيڪنيڪل تجويز ۾ ڏنل لازمي ضرورت مطابق ڪيو ويندو ۽ ان کان پوءِ ٽيڪنيڪل طور تي قابليت رکندڙ بولين جون مالي تجويزون ساڳئي ڪميٽي پاران بولي ڏيندڙن کي ٻڌايل تاريخ ۽ وقت تي کوليون وينديون.
(ix) ٽيڪنيڪل طور تي غير جوابدار مليل بولين جون مالي تجويزون لاڳاپيل بولي ڏيندڙن کي بغير کولڻ جي واپس ڪيون وينديون.
(x) جيڪڏهن حڪومت طرفان کولڻ جي تاريخ يا وڪري جي آخري تاريخ کي سرڪاري موڪل قرار ڏنو وڃي يا ڪنهن به سبب جي ڪري ڪم نه ڪندڙ ڏينهن قرار ڏنو وڃي، ته ايندڙ ڪم ڪندڙ ڏينهن کي وڪري جي آخري تاريخ ۽ مطابق ٽينڊر جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ سمجهيو ويندو. وقت ۽ جڳهه ساڳي رهندي.
(xi) بڊ سيڪيورٽي: مٿي ذڪر ڪيل بڊ سيڪيورٽي، جيئن ته پي آرڊر/بينڪر جي چيڪ/بينڪ گارنٽي (مخصوص ڪارڪردگي تي) جي صورت ۾، ايگزيڪيوٽو انجنيئر واٽر سپلاءِ ٽريٽمينٽ ڊويزن HW&SC جي حق ۾ ٽيڪنيڪل آڇ سان ڳنڍيل آهي، هيٺ ڏنل طريقي سان شامل ڪئي ويندي:
  a. -/10,000,000 رپيا بِڊ سيڪيورٽي جي حصي طور ٽيڪنيڪل آڇ لفافي سان ڳنڍيل هوندا، ٻي صورت ۾ بِڊ جو جائزو نه ورتو ويندو.
  b. -/10,000,000 رپيا ڪٽڻ کان پوءِ بِڊ سيڪيورٽي جي باقي رقم فنانشل آفر لفافي سان ڳنڍيل هوندي، جيڪڏهن تعميل نه ڪئي وئي ته، ٽيڪنيڪل آڇ سان ڳنڍيل بِڊ سيڪيورٽي جو حصو ضبط ڪيو ويندو.
  c. قابليت ۽ غير قابليت ٻنهي جي بِڊ سيڪيورٽي ڪم جي ايوارڊ کي حتمي شڪل ڏيڻ تائين برقرار رکي ويندي.
(xii) ٽينڊرنگ جي سلسلي ۾ بحث ڪرڻ سختي سان منع آهي ۽ ٺيڪيدارن پاران پيش ڪيل تجويزون جيڪي بحث ۾ شامل هجڻ جي رپورٽ ڪئي وئي آهي، رد ڪرڻ جي ذميوار آهن.
(xiii) پري بِڊ ڪانفرنس 07.08.2026 تي منجهند 02:00 وڳي ايگزيڪيوٽو انجنيئر واٽر سپلاءِ ٽريٽمينٽ ڊويزن HW&SCجي آفيس ۾ منعقد ڪئي ويندي. بِڊرز کي گذارش آهي ته اهي ڪنهن به سوال کي لکت ۾ جمع ڪرائين ته جيئن اهي اجلاس کان هڪ هفتي اڳ مجاز آفيسر تائين پهچي سگهن.

چيئرمين
پروڪيورمينٽ ڪميٽي
HW&SCحيدرآباد

INF/KRY#3217/26

iWORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

ٽنڊو محمد خان ۾ صحافين جي تحفظ بابت اجلاس، ميڊيا سيفٽي قانون تي غور ويچار

پي پي ايف اهتمام هيٺ اجلاس، سرڪاري ادارن، صحافتي ۽ سماجي اڳواڻن جي شرڪت

سنڌ پروٽيڪشن آف جرنلسٽس اينڊ ادر ميڊيا پريڪٽشنرز ايڪٽ 2021ع ۽ ميڊيا سيفٽي ڪميشن جي ڪردار بابت آگاهي

صحافين کي درپيش چئلينجن جي نشاندهي ۽ تحفظ واري نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ تجويزون پيش

ٽنڊو محمد خان(ع ر) ٽنڊو محمد خان ۾ پاڪستان پريس فائونڊيشن (PPF)جي طرفان مشاورتي اجلاس منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف سرڪاري ادارن صحافتي تنظيمن سياسي ۽ سماجي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: صحافين جي تحفظ بابت اجلاس ٿي رهيو آهي

ڪنڌڪوٽ ۾ 11 هزار وولٽ جي تار مان ڪرنٽ لڳڻ سبب 9 ورهين جو معصوم فوت

ڪنڌ ڪوٽ (ع ر) ڪنڌ ڪوٽ لڳ ڳوٺ مير هيبت خان باجڪاڻي ۾ سيپڪو انتظاميا جي نااهلي سبب 11 هزار وولٽ جي تار هيٺ لڙڪڻ سبب ڳوٺ جو معصوم ٻار نو سالن جو توحيد باجڪاڻي ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

چنبڙ ويجهو 4 ٻارڙن جي ماءُ ڦاهو ڪائي آپگهات ڪري ڇڏيو

چنبڙ (ن ع) چنبڙ ويجهو 4 ٻارڙن جي ماءُ مبينا طور ڦاهو ڪائي آپگهات ڪري ڇڏيو آهي، 45 سالا ٻاري ڪولهڻ سنڌس پنهنجي ڪکاين گهرجهوپڙي جي ڪاٺي ۾ رسو ٻڌي ڳچي ۾ ڦاهو ڪائي سنڌس زندگي جو انت آڻي ڇڏيو آهي، چنبڙ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ويجهو ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر سبب هڪ ڄڻو فوت ٻيو زخمي

جهاجهه لنڪ روڊ تي پيش آيل حادثي ۾ ڪاشف مري ڏڏي تي فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي زخمي سعيد خان بگٽي ۽ لاش کي اسپتال منتقل ڪيو

گمبٽ (ت.ر) ڪوٽ لالو پرسان جهاجهه لنڪ روڊ تي ٻن موٽر سائيڪلن جو آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو ٽڪر جي نتيجي ۾ هڪ موٽر سائيڪل سوار ڪاشف مري ڏڏي تي فوت جڏهن ته ٻيو موٽر سائيڪل سوار سعيد خان بگٽي شديد زخمي ٿي پيو اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ۽ زخمي کي طبي امداد ڏني پئي وڃي جڏهن ته نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

ڀٽائي جي عرس لاءِ پوائنٽ بسون نه ملڻ تي زرعي يونيورسٽي جي شاگردن جو ڌرڻو، روڊ بند

سوين شاگردن حيدرآباد-ميرپورخاص روڊ بلاڪ ڪري انتظاميا خلاف نعريبازي ڪئي، ٽريفڪ معطل

هن ڀيري صرف ٻه ڪان ٿي بسون فراهم ڪيون پيون وڃن جيڪي سوين شاگردن لاءِ ناڪافي آهن: شاگرد

پوليس ۽ شاگردن ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا، يونيورسٽي انتظاميا جي شاگردن سان ڳالهيون، خاطري بعد ڌرڻو ختم

ٽنڊوڄام (ت ر) شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عرس ۾ شرڪت لاءِ پوائنٽ بسون مهيا نه

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ ايس ٽي پي جو غير قانوني افغانين جي نيڪالي لاءِ احتجاج

سنڌ ۾ لکن جي تعداد ۾ افغاني آباد آهن، جيڪي سنڌ ۾ دهشتگردي ڦهلائين پيا: مظاهرين

آبادڪاري سبب سنڌين جا حق ڦرجي پيا ٿين، روزگار تي ڌاڙو هنيو ويو آهي جيڪا زيادتي آهي

جيڪب آباد (ع ر) سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران ضلعي آفيس کان احتجاجي جلوس ڪڍيو ويو مظاهرين شهر جي مختلف رستن تان مارچ ڪرڻ بعد پريس ڪلب آڏو

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ شاگرد جو ڦريل فون واپس نه ٿيڻ خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪمال ديرو لڳ مينهن سان گڏ مبينا اغوا ٿيل ڏنار جي بازيابي لاءِ احتجاج

ڳوٺ دائود ساميٽيو واسين مظهر، ديدار، معشو، رجب ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

هٿياربند ڏنار رحيم کي 8 مينهن سميت اغوا ڪري ويا آهن، ڪيس بازياب ڪرايو وڃي

ڪمالديرو (ن ع) ڪمالديرو پرسان بکري ٿاڻي جي حد ڪچي جي علائقي ڳوٺ دائود ساميٽيو ۾ مبينا طور ڳوٺ تي حملو فائرنگ 8 مينهن سان گڏ ڏنار رحيم عرف عمران ساميٽيو اغوا بکري ٿاڻي تي رپورٽ داخل ان سلسلي ۾ ڳوٺاڻن مظهر

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ اقليتي عبادتگاهن کي سولر سسٽم فراهم ڪيو ويو

مسڻ مندر، ڪرشنا مندر ۽ گردواري سميت مختلف عبادتگاهن ۾ سولر پلانٽ لڳايا ويا

اقليتي برادري پاران چيئرمين ڏڙي ٽائون جو ٿورا مڃيا، سنڌي ٽوپي اجرڪ ۽ گلدستا پيش

ٻنا فرق جي سڀني مذهبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي سهولتون ڏيون پيا: شاهه رخ انور سيال

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ اڳوڻي صوبائي گهرو وزير ايم پي اي سهيل انور سيال جي پٽ ۽ چيئرمين ڏڙي ٽائون شاهه رخ انور سيال طرفان اقليتي برادري جي عبادتگاهن کي سولرائيز ڪيو ويو آهي جنهن تي اقليتي برادري چيئرمين شاهه رخ انور سيال جو شڪريو ادا ڪيو آهي ان سلسلي ۾ چيئرمين ڏڙي ٽائون شاهه رخ انور سيال طرفان يونين ڪميٽي 2 مسڻ مندر يوسي 5 مولا چوڪ مندر يوسي 4 ڪرشنا مندر رحمت پور ڏڙي ٽائون ۽ سکهه گردواره مندر ۾ سولر سسٽم پلانٽن جو افتتاح ڪيو افتتاحي تقريب ۾ هندو

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: هٽ آيل لاش کي مقامي ماڻهو پاڻي مان ٻاهر ڪڍي رهيا آهن

لاڙڪاڻو: ٽائون چيئرمين شاهه رخ انور سيال اقليتي عبادت گاهه ۾ سولر سسٽم جو افتتاح ڪري رهيو آهي

پاڪستان پيپلزپارٽي هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي: اسفند يار ڪرل

فقيرآباد (ن ع) فقيرآباد چانڊيا هائوس تي پ پ پ اڳواڻ اسفند يار ڪرل جن جي آمد .فقيرآباد چانڊيا هائوس پهچڻ تي رئيس عبدالرئوف خان چانڊيو ۽ نوجوان سعيد احمد سلطان چانڊيو جن آيل مهمانن جو شاندار استقبال ڪيو گلاب جي گلن جون پتيون نڇاور ڪيون ويو پي ايس 30 تعلقه گمبٽ جي پ پ پ اميدوار سردار اسفند يار ڪرل

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: دڪان تي ڪم کان انڪار تي قتل ٿيل نينگر جو جوابدار گرفتار

پوليس مک جوابدار ممتاز چاچڙ کي گرفتار ڪري مقامي عدالت ۾ پيش ڪيو

ڪنڌ ڪوٽ (ع ر) ڪنڌ ڪوٽ ڪجهه ڏينهن اڳ ڪير جي دڪان تي ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ تي وحشي جوابدار معصوم فرحان سولنگي کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو جنهن واقعي جو ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو سخت نوٽيس وٺي سڄي معاملي جي جاچ ون فاءِ مددگار

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

گمبٽ پوليس پاران ڦرمزاحمت تان ٻارڙي کي زخمي ڪندڙ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ جي ڪچي واري ٻهارو ٿاڻي جي ايس ايڇ او غلام محمد رند ڪارروائي ڪري ڪيري ٿي عرصي کان ڦرين ڏوهن سميت مختلف وارداتن ۾ ملوث مک جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب ڪيري ٿي عرصي کان ٻهارو ٿاڻي جي حد ٻهارو مجهد روڊ تي موٽر سائيڪلين ڦر ڪرڻ ۽ ڪجهه ڏينهن اڳ

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: متاثر ٻارڙي ۽ گرفتار ڪيل جوابدار

اسلام ڪوٽ ۾ ذهني بيماري ۾ مبتلا ڇوڪري سان مبينا بدفعلي

واقعي جون مبينا وڊيوز ۽ تصويرون وائرل ٿيڻ بعد علائقي ۾ ڳڻتي ۽ بيچيني پکڙجي وئي

متاثر عورت يا وارثن رابطو ناهي ڪيو، نامعلوم جوابدار جي ڳولا جاري آهي: ايس ايڇ او

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:سڪندر علي ٻجير) اسلام ڪوٽ ۾ ذهني بيماري ۾ مبتلا ڪولهي برادري جي ناري سان مبينا بدفعلي جو واقعو سامهون اچڻ بعد علائقي ۾ سخت ڳڻتي جي لهر ڇانئجي وئي آهي واقعي سان لاڳاپيل مبينا وڊيوز ۽ تصويرون سوشل ميڊيا تي پڻ وائرل آهن ذريعن موجب، ذهني توازن وڃائي ويٺل ناري شهر جي هڪ روڊ تي موجود هئي، جتي هڪ

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ويجهو ڪارنهن الزام هيٺ آيل عورت جو فيصلو، 8 لک رپيا ڏنڊ مقرر

پيرڳوٺ فيصلا ڪميٽي ۾ سردار معظم علي عباسي جي سرپرستي ۾ نبيرو ٿي گذريو

ڪارنهن الزام ڪوڙو ثابت ٿيڻ تي جوابدار مڙس تي 8 لک رپيا ڏنڊ مقرر ڪيو ويو

گمبٽ (ت.ر)ڪنگري جي ڳوٺ سور جهبر شيخ ۾ ست مهينا اڳ مڙس رابيل شيخ پاران ڪارنهن الزام هيٺ گهران ڪڍيل عورت پارس شيخ واري مسئلي جو درگاهه شريف پيرجوڳوٺ جي فيصلا ڪاميٽي ۾ سردار معظم علي عباسي جي سرپرستي ۾ نبيرو ٿي گذريو فيصلي ۾ فنڪشنل مسلم ليگ اڳواڻ پيارو خان ڦليوٽو پڻ شرڪت ڪئي جڏهن ته حاجي خان واري ڌر پاران فقير عبدالخالق جاگيراڻي ۽ حاڪم علي گهمرو مشير هئا جڏهن ته رابيل شيخ واري ڌر پاران ضمير سولنگي مشير هئا ان موقعي تي ڌرين جا بيان ٻڌڻ بعد مسمات

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ افغانين سميت سنڌ ۾ رهندڙ بهاري، بنگالي، برمين خلاف احتجاجي مظاهرو

ايس ٽي پي جي سڏ تي ڪارڪنن دلمراد خان ڏاهاڻي، محبوب، عرض آدرش ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سنڌ اسان جي ريڊ لائين آهي جنهن ۾ ڪنهن به ڌاري دهشتگرد کي هرگز برداشت نه ڪنداسين: اڳواڻ

جلد سنڌ مان چاليهه لک کان وڌيڪ افغانين سميت سمورن ڌارين کي نيڪالي ڏني وڃي

شڪارپور (ع ر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي مرڪزي سڏ تي شڪارپور ۾ ڌاري آبادي، افغانين سميت سنڌ ۾ رهندڙ بهاري، بنگالي، برمين خلاف شڪارپور پريس

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ايس يو پي سربراهه پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

ضلع ڪائونسل جيڪب آباد جو 2026-27ع لاءِ 34 ڪروڙ کان وڌيڪ جي بجيٽ پيش

34 ڪروڙ 56 لک رپين جي بجيٽ پيش، پگهارن، پينشن، سولر لائيٽن ۽ سماجي ڀلائي لاءِ فنڊ مختص

ترقياتي رٿائن تي ناراضگي، ضلع ڪائونسل ميمبر ممتاز علي کٽو رڪنيت تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي

جيڪب آباد (ع ر) جيڪب آباد ۾ ضلع ڪائونسل سال 2026/27ع جو بجيٽ اجلاس مهراڻ هال ۾ چيئرمين مير طاهر

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

طيب جوڳي جي بازيابي لاءِ پوليس مختلف علائقن ۾ ڪارروايون وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيون آهن: ايس ايس پي خيرپور

خيرپور(ع ر) خيرپور ۾ گم ٿيل ٻار طيب جوڳي جي ڳولا لاءِ پوليس پنهنجي ڪارروايون تيز ڪيون آهن۽ جديد ٽيڪنالاجي سميت موجود سمورا وسيلا استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي اهڙي ڳالهه ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ٻڌائي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل مان چور دڪان جا تالا ٽوڙي لکين رپين جو سامان ٻهاري ويا

نيشنل بئنڪ سامهون واپاري هريدن لعل جي دوڪان جا چورن تالا ٽوڙيا

چور روڪ رقم ۽ لکين رپين جو سامان ٻهاري ويا آهن، انصاف ڪيو وڃي: متاثر

پنوعاقل (ن ع) عيدگاهه ويجهو نيشنل بئنڪ سامهون واپاري هريدن لعل جي دوڪان جا نامعلوم چور تالا ٽوڙي لکين رپين جو سامان ٻهاري ويا دوڪاندار موجب چور 15 هزار رپيا روڪ رقم ۽ 2 لک رپين کان وڌيڪ ماليت جو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن

اسلام آباد: پاڪستان والي بال ٽيم ٽورنامينٽ کٽڻ تي خوشي جو اظهار ڪندي

اسلام آباد: پورهيت روزي جي انتظار ۾ ويٺل آهن

حيدرآباد واسڻ 20 سالن جي ناري ڪينجهر ڍنڍ ۾ وهنجندي ٻڏي وئي

فيملي سان گڏ گهمڻ آيل عليزه وهنجڻ دوران اونهي پاڻي ۾ هلي وئي

مقامي ٽوبن ۽ 1122 ريسڪيو ٽيمن پاران ناري جي ڳولا جاري

ٺٽو (ع ر) ڪينجهر ڍنڍ ۾ گهمڻ لاءِ آيل 20 ورهين جي ناري عليزه ٻڏي وئي ريسڪيو ٽيمن پاران ڳولا جاري حيدرآباد واسڻ عليزه پنهنجي فيملي سان گڏ ڪينجهر گهمڻ لاءِ آيل هئي جيڪا وهنجندي ۽ تفريح ڪندي اونهي پاڻ ۾ هلي وئي ڪينجهر جي پڪنڪ پوائنٽ پرسان اونهي پاڻي ۾ وڃڻ سبب ٻڏي ويل ناري عليزه جي ڳولا جاري مقامي ٽوبن سميت 1122 ريسڪيو جي ٽيمن پاران ڳولا ڪئي پئي وڃي

دوڙ ۾ قتل ٿيل غلام عباس واسواڻو جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

وارثن مير جعفر خان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

واقعي کي ڇهه ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس قاتلن کي گرفتار ناهي ڪيو: مظاهرين

دوڙ (ن ع) دوڙ شهر جي هڪ وڏي ڳوٺاڻن رهائشي علائقي محله علي آباد ۾ گذريل جمع جي ڏينهن ڏاڏهون خان واسواڻه جي امام بارگاهه نشو وارپاڻ تي ڳوٺ جي هڪ 30سالا نوجوان غلام عباس ولداختر علي جي تنبيهه ڪرڻ تي جهيڙو ٿي پيو جيڪو بعد ۾ هڪ خوني جهيڙي جي صورت اختيار ڪري ويو جنهن جي نتيجي ۾ منشيات فروشن پاران سرعام خنجر جا بيدردي سان وارڪري نوجوان غلام عباس کي بيدردي سان قتل ڪيو ويو انهي واقعي کي ڇهه ڏينهن گذري وڃڻ بعد به مقتول غلام عباس واسواڻو جا قاتل گرفتار نه ٿي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: شهري مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

پرياسٽي ۾ ناري جو وارثن سان گڏجي ڇاڇڻ جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ مرزا هڪڙو واسي رابعا هڪڙن ماءُ ۽ ٻارڻ سان گڏجي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

ڇاڇڻ اسان جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي، اعليٰ عملدار نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏين

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي پرسان ڳوٺ مرزا هڪڙو واسي هڪڙا برادري جي رابعا هڪڙو پنهنجي امڙ مسمات پائل خاتون ۽ ٻاراڻ وحيد هڪڙو الهبچايو علي اصغر هڪڙو ۽ ٻين سان گڏ ميڊيا سينٽر ۾ سخت احتجاج ڪندي چيو ته منهنجي اغوا جا الزام ڪوڙا ۽ بي بنياد آهن منهنجي ڇاڇڻ غلام مصطفيٰ هڪڙو محمد بخش ارباب هڪڙو اڪبر علي مختيار هڪڙو علي رضا هڪڙو ۽ ٻين مان جان جو خطرو آهي انهن کان تنگ اچي اسان ماءُ ۽ ٻارڻ سان گڏ مائٽن امداد هڪڙو وارن وٽ ترسيل آهيون منهنجي والد کي ڪوڙن

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

چوڏڪي ويجهو شاخ مان هٿ پير ٻڌل تشدد ٿيل لاش هٿ

چن بابو شاخ ۾ لاش جي اطلاع تي پوليس ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيو

کيسي مان نڪتل شناختي ڪارڊ ۾ نوابشاهه واسي ڪامران مغل طور سڃاڻپ

چوڏڪي(ن ع) شهدادپور روڊ سان چن بابو شاخ مان ٻن ڏينهن جو پراڻو هٿ پير ٻڌل تشدد ٿيل 33 سالا شخص جو لاش هٿ ڳوٺاڻن جي اطلاع تي شاهپور چاڪر پوليس پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي تلاشي ورتي جنهن جي کيسي مان سڃاڻپ ڪارڊ مليو جنهن موجب لاش 33 سالا محمد ڪامران فراز ولد طارق جاويد مغل محلو ملڪ ڪالوني چار صاحب روڊ نوابشاهه جو رهواسي آهي ظاهري طور هٿ پير ٻڌل ۽ تشدد ٿيل لاش هيو جنهن کي شاهپور چاڪر پوليس پوسٽ مارٽم ڪرائڻ لاءِ شاهپور چاڪر اسپتال ڪڍائي وئي لاش جي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي پاس پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي اميدوارن جو احتجاج

اميدوارن اکين تي ڪاريون پٽيون ٻڌي ميرٽ ۽ انصاف لاءِ مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

ٽيسٽ پاس ڪرڻ باوجود ڊگهي عرصي کان نوڪرين جي آرڊرن جا منتظر آهيون: اميدوار

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن طرفان شروع ڪيل احتجاجي تحريڪ جي سلسلي ۾ شهر جي جناح باغ اندر اڻمقرر مدي تائين لڳايل احتجاجي ڪيمپ وٽ ڪالهه به اکين تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن هٿن ۾ بئنر کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي ويٽنگ اميدوارن صدام سانداڻو فريد عباسي جميل پٺو اسلم خشڪ مريم عباسي فائزه سومرو مسرت ڪلهوڙو تسمينا گاد، سليم مستوئي ۽ ٻين چيو ته

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

WE WANT JUSTICE
PST/JEST
APPOINT ALL IBA MERIT TEST PASS 40+ PST/JEST OVERAGED WAITING CANDIDATES
لاڙڪاڻو: اميدوار نوڪري لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

4 سالن کان لاپتا نينگر نويد لاشاري جي بازيابي لاءِ وارثن جو احتجاج

جيڪب آباد ۾ والدين پريس ڪلب پهچي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

لاپتا نينگر جي ڳولا لاءِ مسلسل احتجاجن باوجود اڳڀرائي نه ٿيڻ مايوس آهيون:مظاهرين

جيڪب آباد (ع ر) 4 سال اڳ جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي حد ڳوٺ احمد ميان سومرو مان ڳهران پراسرار نموني لاپتا ٿي ويل معصوم نينگر نويد لاشاري جي والد عبدالرزاق ۽ والده پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو نينگر جي والدين ڏانهينڊي چيو ته گذريل 4 سالن کان اسان جو نينگر نويد لاشاري لاپتا آهن جنهن کي اسان جي رشتيدارن اغوا ڪيو آهي مسلسل 4 سالن تائين احتجاج به ڪيا ۽ پوليس ڪک پڇي ٻيٺو نه ڪيو آهي هنن چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ پوليس به جوابدار شاهمراد ۽ شاهه دوست لاشاري وارن کي گرفتار ڪيو

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪنري ٿاڻي تي ڪوڙي عدالتي ليٽر ذريعي ڪار رليز ڪرڻ تي وڏو منشي گرفتار

جعلسازي واري معاملي تي ٽن ڄڻن خلاف ڪيس داخل، وڏو منشي اورنگزيب کوسو معطل

ايس ايڇ او خير محمد نهڙي جي فرياد تي ڪنري ٿاڻي تي اورنگزيب کوسو سميت ٽن جوابدارن تي ڪيس داخل

ڪنري (ن ع) ڪنري ٿاڻي تي جعلسازي ڪري عدالت جي ڪوڙي ليٽر تي ڪار رليز ڪرڻ تي وڏو منشي گرفتار ڪندي ٽن جوابدارن تي ڪيس داخل، وڏو منشي معطل ، ساڳين ڪار وري ٻئي ڪيس ۾ به ظاهر ڪئي وئي ،اڳوڻو ايس ايڇ او به ملوث هجڻ جا اطلاع ڪنري ٿاڻي تي منشيات سان گڏ هٿ آيل ڪار کي جعلسازي ڪري عدالت جو ڪوڙو رليز ليٽر ڊيکاري ڪار رليز ڪرڻ تي ڪنري ٿاڻي جو وڏو منشي اورنگزيب کوسو کي معطل ڪري گرفتار ڪيو ويو ايس ايڇ او خير محمد نهڙي جي فرياد تي ڪنري ٿاڻي تي اورنگزيب کوسو سميت ٽن

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ ڪم واري هنڌ تي عورتن کي هراسان ڪرڻ خلاف قانون بابت آگاهي سيمينار منعقد

صوبائي محتسب سنڌ جي ريجنل آفيس پاران لاءِ انسٽيٽيوٽ ۾ قانون بابت آگاهي ڏني وئي

هن قانون جو بنيادي مقصد عورتن خلاف هراساني ۽ امتيازي روين جو خاتمو آڻڻ آهي: رٽائرڊ جج سليم رضا بلوچ

قانون موجب شڪايت ڪندڙ جي سڃاڻپ کي رازداري ۾ رکيو ويندو آهي ۽ انتقامي ڪارروائي کان مڪمل تحفظ فراهم ڪيو ويندو آهي

بدين (ع ر) صوبائي محتسب سنڌ جي ريجنل آفيس ضلعي بدين پاران لاءِ انسٽيٽيوٽ آف پيرا ميڊيڪس اينڊ الائيڊ هيلٿ سائنسز بدين ۾ عورتن کي ڪم واري هنڌ تي هراسان ڪرڻ کان تحفظ واري

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

PROVINCAL OMBUDSMAN SINDH
AWA
"THE PR
"BREA
بدين: رٽائرڊ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج سليم رضا بلوچ سيمينار کي خطاب ڪندي

اسلام ڪوٽ ۾ غيرقانوني حدخلين وڌي ويون، شهري پريشان

ٽيڪسي اڏا، ريڙها ۽ لودر گاڏيون روڊن تي رڪاوٽ بڻيل، ٽريفڪ جي رواني متاثر

دڪاندارن سامان روڊن ۽ گهٽين تائين ڦهلائي گهٽيون سوڙهيون ڪري ڇڏيون آهن:شهري

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ ۾ ٽريفڪ جو نظام شهرين لاءِ عذاب بڻجي ويو ٽيڪسين جا اڏا، ريڙها، لودر گاڏيون ۽ غيرقانوني حدخلين وڌي رنڊڪ بڻيل آهن جڏهن ته ٽريفڪ پوليس تعلقه انتظاميا جي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪارروائي، غيرقانوني طور هلندڙ 6 ڪلينڪون سيل

سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي اينٽي ڪوئڪري ٽيم ڪوسڪي ۽ شادي لارج ۾ آپريشن ڪيو

ڪارروائي دوران ڪيترائي عطائي ڊاڪٽر فرار، مختلف ڪلينڪن کي بند ڪيو ويو

بدين (ع ر) سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي ريجنل آفيس حيدرآباد جي اينٽي ڪوئڪري ٽيم ضلع بدين جي شهر ڪوسڪي ۽ شادي لارج ۾ غيرقانوني طور هلندڙ اطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪامياب

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪڙيو گهنور چام واهه کي 50 پنجاهه فوٽ گهارو، سوين ايڪڙ فصل پاڻي هيٺ

ڳوٺ حافظ عبدالله سمون وٽان چام واهه کي 50 پنجاهه فوٽ گهارو پئجي وڃڻ پاڻي فصلن ۾ داخل

آبپاشي عملدارن جي نه پهچڻ سبب ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت گهارو بند ڪرڻ ۾ مصروف

آبادگارن جو بااثر زميندارن جي مبينا دڪن سبب پاڻي جي ورڇ متاثر ٿيڻ جو الزام، نوٽيس جو وٺڻ جو مطالبو

ڪڙيوگهنور (ن ع) چام واهه کي بااثر زميندارن جا دڪا لڳل هئڻ سبب منڍ ۾ چام واهه کي گهارا پوڻ روز جو معمول بڻجي ويو گذريل ٽن ڏينهن ۾ چام واهه کي ٻه دفعا گهارا پئجي چڪا آهن جڏهن

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

راڻيپور ۾ رٽائر استاد جو ڦر ٿيل موٽرسائيڪل واپس نه ملڻ خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

راڻي پور(ن ع) راڻي پور جي ڳوٺ ملاڻ ڌارو جو رٽائرڊ استاد عبدالرزاق هنگورو راڻيپور پريس ڪلب پهچي صحافين اڳيان ڪنب پوليس جي مبينا زيادتي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي ٻڌائين ته ڪجهه ڏينهن اڳ ڪنب ٿاڻي جي حد مان مون کان ٽئين سي ڊي 70 موٽر سائيڪل ڦر ڪئي وئي هئي، ڦورن مون سڃاتي به ورتو

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: صوبائي وزير ناصر شاهه کي شيلڊ ڏني پئي وڃي

ڪنڌڪوٽ ۾ قتل ڪيس جي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ متاثر خاندان جو احتجاج

مقتول مريد لولائي جي وارثن پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

جوابدار نقصان جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺن:مظاهرين

ڪنڌ ڪوٽ (ع ر) ڪنڌ ڪوٽ لڳ ڳوٺ فوجو لولائي ۾ زمين جي تڪرار کان قتل ٿيل مريد لولائي جي قاتلن جي گرفتار نه ڪرڻ پوليس پاران جوابدارن سان مبينا ڍيل واري رويي خلاف متاثر خاندان عورتن سميت پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ڪندڙ مقتول جي ڀيڄل امڙ ڪرائي خاتون ـ پاءُ شير علي ـ پاڃائي زهرا خاتون ميڊيا آڏو روئيندي ڏانهيندي چيو ته اسين شريف ڳوٺاڻا آيون ڏوهارين وڏو ظلم ڪيو آهي جوابدار غلام رسول عرف گورو ۽ غلام نبي غلام حيدر حسين ڪبير لولائي سنڌس ساٿي ڏوهاري آهن جن

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي سيڪيورٽي سروسز جي اڳوڻي گارڊ جو جي ايڇ آر هيڊ جي ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو

خيرپور(ع ر)خيرپور جي سڪيورٽي سروسز جي اڳوڻي سينئر سيڪيورٽي گارڊ سيد نسيم علي شاهه پاران سڪيورٽي ڪمپني ۽ ان جي ايڇ آر هيڊ جي ناجائزين زيادتين،حق ڳهڻ تي حراسان ڪرڻ ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ واري عمل خلاف احتجاجي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

نيوسعيدآباد لڳ ڊومڪي ۽ سيد برادرين ۾ جهيڙو، گولين لڳڻ سبب هڪ ڄڻو قتل

زير پير وٽ زمين جي مالڪي تان ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي دوران هڪٻئي مٿان فائرنگ ڪئي وئي

گولين لڳڻ سبب مشتاق ڊومڪي زخمي ٿي پيو، حيدرآباد اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي دم ڏنو

پنهنجي زمين تي ويٺل هئاسين هٿيارٻندن ڪاهه ڪري فائرنگ ڪئي، جنهن ۾ مشتاق مارجي ويو:ڊومڪي برادري

نيوسعيدآباد (ت ر) زير پير وٽ زمين جي مالڪي جي تڪرار تان ٻن ڌرين ۾ فائرنگ، گولين لڳڻ سبب هڪ نوجوان قتل ٿي ويو نيوسعيدآباد پرسان زير پير جي علائقي ديهه زير پير ۾ گذريل ڪيترن

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ ميراڻي برادري جي ۾ جهيڙو متاثرن جو انصاف لاءِ احتجاج

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل پرسان ڳوٺ چنڊن مياڻي ۾ هٿيارٻندن ڊاڪٽر عبدالسميع ميراڻي ۽ ڊاڪٽر عبدالحليم ميراڻي جي گهر تي مبينا حملو ڪيو جوابدارن گهر جي دروازن تي فائرنگ ڪئي جنهن سبب وڏو نقصان ٿيو رپورٽن موجب گهر ۾ ڀڃ ڊاهه پڻ ڪئي وئي ۽ ڪجهه سامان به کڻي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ميهڙ پوليس نوجوان کي گرفتار ڪري گم ڪرڻ خلاف وارثن جو احتجاجي مظاهرو

اصغر سولنگي دادو حاضري تي ويندي ڪنهن گم ڪيو ويو آهي: مظاهرين

پوليس گرفتاري ظاهر ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي، خدشا آهن ته ڪيس قتل نه ڪيو وڃي

فريدآباد(ن ع) فريدآباد ،ميهڙ پوليس دادو حاضري تي ويندڙ پٽ کي ڪنهن گم ڪري ڇڏيو آهي،ڳولا باوجود پوليس پٽ جي گرفتاري ظاهر ڪرڻ لاءِ تيار ناهي گرفتار ڪري گم ڪيل پٽ جو نوٽيس وٺي سنڌس حياتي بچائي وڃي ڳوٺ ڪندو واهه واسي پورهيت برڪت علي سولنگي صحافين اڳيان ڏانهيندي چيو ته پٽ اصغر سولنگي جي بازيابي جو مطالبو ڳوٺ ڪندواهه واسي پورهيت برڪت علي سولنگي احتجاج ڪندي ڏانهيو ته پٽ اصغر سولنگي اسڪوٽر تي دادو حاضري تي وڃي رهيو هو ته ميهڙ پوليس ڪيس گرفتار ڪري ڪنهي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

درياءِ سنڌ ۾ پاڻي جي وهڪري ۾ مسلسل واڌ سبب گڊو بئراج تي وچولي درجي جي ٻوڏ

آبپاشي کاتي پاران ڪچي ۽ هيٺاهين وارن علائقن جي رهواسين کي احتياطي اپاءَ وٺڻ جي هدايت جاري

درياءِ سنڌ ۾ پاڻي جي وهڪري ۾ ٿيندڙ تبديلين جي مسلسل نگراني ڪئي پئي وڃي: عملدار

گڊو بئراج مٿانهين آمد 412,682 ڪيوسڪ ۽ نيڪال 373,467 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) درياءِ سنڌ ۾ پاڻي جي وهڪري ۾ مسلسل واڌ سبب گڊو بئراج تي وچولي درجي جي ٻوڏ (ميڊيم فلڊ) قرار ڏني وئي آهي جڏهن ته سکر بئراج تي هيٺين درجي جي ٻوڏ (لو فلڊ) بدستور

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

بوزدارواڊا: ڳوٺ حاجي اڏل خان شر جا رهواسي روڊ جو ڪم ڪن سالن ۾ مڪمل نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين ۾ سرڪاري پرائمري اسڪول 4 مهينن کان بند، ڪان وڌيڪ ٻار تعليم کان محروم

ڪڍڻ پرسان نور محمد چانڊيو ڳوٺ جي اسڪول بند هجڻ خلاف والدين ۽ ڳوٺاڻن جو احتجاج

عمارت ۽ استاد موجود هجڻ باوجود تدريسي سرگرميون معطل، ٻارن جو مستقبل تباهه ڪيو پيو وڃي:مظاهرين

موڪلون ختم ٿيڻ ۾ رڳو ٻه ڏينهن رهجي ويا آهن ۽ اسان جي ڳوٺ ۽ آس پاس جي ڳوٺن جا ٻار اسڪول بند هجڻ سبب تعليم کان رهجي ويندا

بدين (ع ر) "پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ" جو نعرو رڳو دعويٰ بڻجي ويو ڪڍڻ پرسان نور محمد چانڊيو ڳوٺ جو سرڪاري پرائمري اسڪول چئن مهينن کان بند هجڻ سبب سون کان وڌيڪ ٻار تعليم کان محروم

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

سانگهڙ جي عدالت پاران آبپاشي عملدار کي ڊنيو مائنر ۾ پاڻي فراهم ڪرڻ جو حڪم

ٽنڊوآدم (ن ع) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج سانگهڙ اعجاز علي خاصخيلي ڊنيو مائنر کي آبپاشي جو پاڻي فراهم نه ٿيڻ بابت داخل درخواست تي فيصلو ٻڌائيندي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن خلاف شاگردن جو احتجاجي مظاهرو

ڪئمپ تي ڪراچي بار صدر عامر نواز وڙائچ، زين شاهه ۽ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي جي شرڪت

شاگردن جي مطالبن جي حمايت، 2 آگسٽ تائين چيئرمين هٽائڻ جو الٽيميٽم

ميرٽ جي بحالي، مبينا بي ضابطگين جي شفاف جاچ ۽ انصاف لاءِ متاثر اميدوارن جو مطالبو

حيدرآباد(رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ مبينا ميرٽ جي لتاڙ وارو معاملو متاثر شاگردن جي احتجاجي ڪئمپ تي ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي صدر عامر نواز وڙائچ،ايس

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر پاران ذخيره ٿيل 1 هزار کان وڌيڪ ڪٽڪ جا ڪٽا هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر مشتاق احمد شيخ پوليس ساڻ ڪري پراڻي ڪجور منڊيءَ ۾ بند پيل گودام تي ڇاپو هنيو

ڇاپي دوران گودام مان ڪٽڪ جا 1 هزار کان وڌيڪ ڪٽا هٿ ڪري سرڪاري گودام ڏانهن منتقل ڪيا ويا

سنڌ حڪومت جي اعلان تحت ڪٽڪ جي ذخيره اندوزي خلاف جاري آپريشن بنا ڪنهن رعايت جي جاري رهندو: مشتاق شيخ

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر مشتاق احمد شيخ ۽ مختيارڪار خيرپور رضوان احمد جتوئي پوليس کي ساڻ ڪري پراڻي ڪجور منڊيءَ ۾ هڪ بند پيل گودام تي ڪارروائي ڪري

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

Oil & Gas Development
Company Limited

ogdc the energy

EXTENSION NOTICE
BID CLOSING & OPENING DATE

Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **25.06.2026, 08.07.2026** and **13.07.2026,** it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SER-CB-DO-326970150-2026	HIRING OF DIRECTIONAL AND PERFORMANCE DRILLING FOR NORTH AND SOUTH-CENTRE REGIONS	11.08.2026 AT 1030 Hrs
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-EXPL-325365693-2026	CONSULTANCY SERVICES FOR FRAC CANDIDATE WELLS EVALUATION AND SUPERVISION OF FRAC JOBS	13.08.2026 AT 1030 Hrs
3.	OGDC-SCM-SER-CB-RM-325333078-2026	RATE RUNNING CONTRACT FOR MAJOR OVERHAULING OR TROUBLESHOOTING OF HOISTING AND ROTATING EQUIPMENT	17.08.2026 AT 1030 Hrs

2. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
3. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
4. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
5. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah
Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023540/3652

ogdcl.com
No.48/04

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.